www.iqbalkalmati.blogspot.com

# ماڻھوءَ جو اصل امتحان

(اعليٰ انساني ڳڻن جي ذريعي زندگيءَ ۾ اطمينان ۽
سلامتي ۽ ڪاميابي جي حاصلات جو نفسياتي،
سماجي ۽ خدائي طريقو)

نور احمد ميمڻ



394

سڀ حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ

ڀھريون ڇاپو: 2015ع
ڪتاب جو نالو: ماڻھوءَ جو اصل امتحان
ليکڪ: نور احمد ميمڻ
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: امان الله پٽي
ڇپيندڙ: ذڪي سنز پرنٽرس، ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
قيمت: 200/= رپيا

"MAANHO-A JO ASAL IMTIHAAN"
(Articles)
By: Noor Ahmed Memon
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road, Karachi-74400
Email: sindhicaacademy@gmail.com

استاڪسٽ

سنڌيڪا اڪيڊمي B_24 ، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400. فون: 021_32737290
سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ، 03133692150-
سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گھنٽا گھر چوڪ سکر فون: 03352233803- 03013431537
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521، 0300_343115
ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي- ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گھر بئراج روڊ، بخاري ڪتاب گھر، قادري بوڪ اسٽور، مھراڻ بوڪ اسٽور، مجاھد بوڪ اسٽور نيم ڪي چاڙھي سکر- پٽائي بوڪ ھائوس حيدرآباد03223011560 - سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙھي حيدرآباد- شاھ لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاھ- عثمانيه لائبريري، چنيھاٽي ڪنڊيارو، - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گھر اسٽيشن روڊ، رھبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو- مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو- حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس - المھراڻ ڪتاب گھر، زاھد بوڪ ڊپو، سانگھڙ- سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد- ميمڻ بوڪ اسٽور، شاھي بازار نوشھروفيروز- حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاھ- ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالھيار- رفعت بوڪ ھائوس، ماتلي- مرچو لال پريمي، بدين- مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص. فون. 0300-3319565، عطار ڪتاب گھر، بدين، مھراڻ ڪتاب گھر، عمر ڪوٽ، حافظ ڪتاب گھر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گھر، مورو، وسيم ڪتاب گھر لکي در. سعيد بوڪ اسٽور، شڪارپور. سومرا بوڪ اسٽور ميھڙ، ساحر ڪتاب گھر، ڪوندي ميھڙ 0346-8948535 ، مڪتبه امام العصر گھوٽڪي، 03033695037

لکپڙھ لاءِ

**سنڌيڪا اڪيڊمي**

B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي 74400
فون: 021-32737290، ويب سائيٽ: www.sindhica.org
اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com



# فهرست


**اوهان ٻين کي ڇا ٿا ڏئي سگهو؟ ......... 9**

محبت جي سخا : ........ 12

**فيملي ڪلچر ڪٿي اوهان جي شخصيت کي تباهه ته نه ڪري رهيو آهي؟!!! ........ 16**

**اوهان جي زندگيءَ ۾ اطمينان ۽ سلامتيءَ جي اڻهوند ڇو آهي؟ ... 25**

الله سبحانه وتعالى جي عزت ۽ لحاظ کان محرومي........ 26

ناانصافين ۽ حرام ڪمائيءَ جو گهيرو ......... 27

نفس پرستيءَ جي ڌٻڻ ۾ ........ 28

الله سبحانه وتعالى جي مرضي ڇا آهي؟ ........ 29

الله سبحانه وتعالى وري وري موقعو ڏئي ٿو ........ 30

سلامتيءَ جي واٽ ........ 31

**ڇا سچ جي ڳولها لاءِ واقعي اوهان سنجيده آهيو؟ ........ 34**

آخر غيرجانبداري ڇو؟ ........ 35

**هن دنيا ۾ ماڻهوءَ جو اصل امتحان آهي ڪهڙو؟ ........ 42**

**شيطان جا ساٿي طبقا اوهان جي چوڌاري موجود آهن........ 49**

(1) فرعوني ادارو: ........ 52

(2) هاماني ادارو: ........ 53

(3) قاروني ادارو: ........ 54

(4) آذري ادارو : ........ 55







**ڇا اوهان کي الله تي ايمان جو عملي صورتون معلوم آهن؟ ......... 60**

قرآن جو ٻڌايل ايمان باالله ........ 63

الله سبحانه وتعالى جي ربوبيت ۾ اطاعت ........ 65

الله سبحانه وتعالى جي قانونن ۾ اطاعت ........ 71

انسان جي سياسي زندگي ........ 75

الله سبحانه وتعالى جي الوهيت ۾ اطاعت ........ 76

الله سبحانه وتعالى کي حقيقي طرح نه مڃڻ جو نتيجو ........ 80

خير امت جي ذميواري ........ 83

**جي توحيد ۽ شرڪ کي نٿا ڇاڻو ته پوءِ مسلماني ڪهڙي ڪم جي آ؟!! ........ 84**

توحيد في الربوبيت ڇا آهي؟ ........ 85

توحيد في الصفات ڇا آهي؟ ........ 87

توحيد في العبادت : ........ 91

فرقي بندي شرڪ آهي ........ 95

علماءَ ۽ مشائخ کي خدا ڪري وٺڻ: ........ 96

خواهشن کي خدا بنائيندڙ ماڻهو: ........ 98

خدا جي ٻڌايل ضابطن کان لنوائڻ جو شرڪ : ........ 100

**سنڌ صدين کان وحدانيت جو گهوارو رهي آهي ........ 103**

**ڇا اوهان کي پنهنجي ٽن تخليقي خاصيتن جو ادراڪ آهي؟ ...... 111**

خود آگاهي: ........ 111

آزاد چونڊ جو اختيار: ........ 111

تخليق جي صلاحيت: ........ 112

**وڏي ڪتاب جي وڏي حاصلات کان محرومي ڇو؟ ........ 114**

**عبادتون اسان کي ڇا ٿيون ڏين؟ ........ 121**

فرائض جي اهميت : ........ 122

**سيئي شريعتون اخلاق کي ترقي ڏيارڻ لاءِ هيون ........ 126**

www.iqbalkalmati.blogspot.com

ماڻھوءَ جو اصل امتحان

www.iqbalkalmati.blogspot.com



## سخاوت انسانيت جو هڪ بنيادي اخلاق

# اوهان ٻين کي ڇا ٿا ڏئي سگهو؟

15 جنوري 2005ع تي ”گلوب اينڊ ميل“ ڪانفرنس ٿي ته اتي سائنسدانن تجويز ڪيو ته اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ سخاوت جي ذريعي بهترين انقلاب پيدا ڪري سگهون ٿا.

انهن مان هڪ سائنسدان Erin Anderssen چيو ته اسان پنهنجي مشاهدن ذريعي هي معلوم ڪيو آهي ته:

”جيڪي ماڻهو ٻين جي مدد ڪن ٿا انهن جي حياتياتي سگهه وڌيڪ ڪم ڪري ٿي. جيڪڏهن انهن کي ڪو آپريشن ڪرائڻو پوي ته انهن ماڻهن جا زخم، عام ماڻهن جي نسبت جلد ئي ٺيڪ ٿي ويندا آهن.“

انهيءَ جي معنيٰ ته دولت جي پوڄاري بخيل ماڻهوءَ جا فٽ سولائيءَ سان ڪو نه ڇٽندا. ڇاڪاڻ ته هو ٻين جي زخمن تي مرهم رکڻ جي پرجهلائي نٿو ڪري، نه فڪرمندي ٿو ڪري ۽ نه عملي طرح اڳتي وڌي ٿو. ان ڪري هو پنهنجي زخمن تي مرهم رکڻ واسطي اڪيلو ۽ محروم آهي ۽ قدرت سندس پرجهلائي نٿي ڪري.

نئين برين اسڪين ٽيڪنالاجي جي حوالي سان سائنسدان چون ٿا ته جيڪي ماڻهو ٻين جي مدد ڪندا آهن، اهي وڌيڪ





محنتي هوندا آهن. سماج جي محروم ماڻهن جي مدد ڪرڻ انهن جي محرڪ قوت بڻجي ٿي. انهن جو ذهن ۽ انهن جو ضمير يعني ذهانت ۽ اندر جو انسان جڏهن فعال هجن ۽ ماڻهوءَ جو ساٿ ڏين ته اهي ٻٽي ۽ ٽيڻي قوت سان محنت ۾ جنبي وڃن ٿا ۽ پوءِ اهي نتيجا به بهتر کان بهتر ڏين ٿا. مهارت ۽ محنت جي ڪري اهڙن ماڻهن جي دولت ۾ اضافو به ٿيندو وڃي ٿو ۽ هو ذهني تندرستي ۽ خوشحاليءَ سان گذارن ٿا.

فلوريڊا يونيورسٽيءَ جي ايڊز تي تحقيق ڪرڻ واري ٽيم جو چوڻ آهي ته ”ٻين جي مدد ڪرڻ وارا ماڻهو ڊگهي ڄمار ماڻين ٿا.“

اهو هن ڪري جو انهن ماڻهن ۾ انساني نفعي بخشيءَ جي هڪ وڏي اميد (Hope) پيدا ٿئي ٿي جيڪا انهن جي حياتياتي هارمونز کي سگهه عطا ڪري ٿي. ماڻهو جيتري وڌيڪ ۽ موثر مدد ڪندڙ هوندو، اوتري سندس اها هوپ واري سگهه وڌيل هوندي ۽ اوترا وڌيڪ موقعا قدرت کيس ڏيندي ويندي.

برطانوي سائنسدانن جي هڪ ٽيم جو چوڻ آهي ته جيڪي ماڻهو ”ٻين جي مدد ڪندا آهن يا سخاوت ڪندا آهن انهن جي صحت عام ماڻهن جي مقابلي ۾ بهتر رهندي آهي.“

اهو ان ڪري جو انهن ماڻهن جي سخاوت واري سرگرميءَ جي ڪري هڪ اعليٰ مقصد پوري ڪرڻ جي امنگ ۽ احساس انهن جي مائينڊ تي حاڪم بڻجي ويندو آهي، ان ڪري بيمارين جي احساس کي پنهنجي اندر لاهڻ جي ڪين فرصت ئي نه هوندي آهي. جڏهن بيماري ذهن تي سوار نه هوندي ته جسم جي مدافعت واري قوت پنهنجي سگهه سان بيمارين جو مقابلو ڪري پاڻ کي سوڀائتو رکندي آهي.

حضرت شاهه ولي الله جو چوڻ آهي ته انسانيت جا چار بنيادي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



اخلاق آهن هڪ پاڪيزگي ٻيو نوڙت ٽيون سخاوت ۽ چوٿون عدل. اهي انسان جي اندر خدا جا سمايل اخلاق آهن ۽ انهن تي ڪنهن به مذهب ۽ فرقي جي اجاره داري ڪونهي. سڄي انسانذات مان جيڪو به انهن کي اپنائيندو اهو انسانيت جا مٿانهان مرتبا ماڻيندو. اوهان ڏسندؤ ته جتي به اوهان کي ماڻهپي جو سڌريل جهان نظر ايندو اتي انهن چئني اخلاقن جو اوهان کي راڄ نظر ايندو. اوهان جتي به آهيو ۽ جنهن مذهبي طريقي سان به تعلق رکن ٿا اوهان جي اندر ۾ اهو سڀ ڪجهه سمايل آهي پر اوهان جي اندر ان مايا جو اظهار تڏهن ٿيندو جڏهن اوهان انهيءَ مايا مان ٻين کي ڏيڻ جو آغاز ڪندؤ. پاڻ ڀلايون ڪندؤ ۽ ٻين کي به ڀلاين ڏانهن سڏيندؤ. اوهان کي قدرت انهن خزانن سان آسودو ۽ مالامال ڪيو آهي پر اوهان اهي خزانا پنهنجي اندر ۾ دٻائي رکيا آهن. جڏهن اوهان ان مايا کي ونڊيو ۽ ورهايو نٿا ته انهن جو رد ايري اچي ٿو ۽ اوهان جي ذهنن تي ڇائنجي وڃي ٿو. آخر اهو ٻوسٽ ٻڻجي اوهان جي ذهني ڇڪتاڻ ۽ پريشانين جو سبب ٻڻجي ٿو جيڪا شيءِ ونڊڻ ورهائڻ ۽ ڏيڻ ۾ نٿي اچي سا اوهان لاءِ آخرڪار عذاب ٻڻجي وڃي ٿي.

اوهان کي ڏيڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي. اوهان وٽ وقت آهي اوهان وٽ محبت آهي، اوهان وٽ سمجهه ۽ علم آهي، اوهان وٽ رحمدلي آهي، توجهه آهي ۽ اوهان وٽ مراتب آهن. اوهان هنن سڀني جي سخا ڪري سگهو ٿا. اها سخا اوهان جو صدقو ٻڻجي وڃي ٿي. حضرت محمد ﷺ چيو هو ته صدقو هميشه ڏيندا ڪريو توڙي جو اوهان ڪنهن سان مرڪي ملڻ جو صدقو ڪ و. اها گهٽ ۾ گهٽ سخا آهي. اوهان وٽ وڏ ۾ وڏ سخا ڪرڻ جا اڻ ڳڻيا اسباب ۽ موقعا آهن. اوهان پنهنجي باغ مان سبزي ۽ ميوي جو پنهنجي پاڙيسريءَ کي تحفو ڏيو ته ان لاءِ هي وڏو تحفو آهي. اوهان پاڻ يا



ماڻهوءَ جو اصل امتحان

پنهنجي پڙهيل پٽ يا نياڻيءَ جي ذريعي پاڙي جي غريب ٻارڙي جي ٽيوشن ڪريو ٿا ته اوهان ٻي مثال مهربان ٻڻجو ٿا. اوهان ڪنهن رشتيدار جي فون ذريعي هفتيوار خيرعافيت پڇو ٿا انهيءَ جو ڏاڍو ڀلو تاثر پيدا ٿئي ٿو. اوهان پنهنجي ڊيوٽي ذميواريءَ سان ادا ڪريو ته اها به ٻين جي لاءِ هڪ تحفو آهي. اوهان ڊيوٽيءَ ۾ ماڻهن سان ڀلايون ۽ سولايون ڪيو ٿا ته اها به سخا آهي. اوهان جي وقت ۽ توجهه ڪري ماڻهن کي ڪم جي سولائي ملي ٿي، اوهان جي همدردي ۽ توجهه ڪري اوهان وٽ اسپتال ۾ آيل ماڻهوءَ جي دردن ۾ هلڪائي ٿئي ٿي ته اوهان جو اهو وقت، اها توجهه ۽ اها همدردي به هڪ سخا آهي.

## محبت جي سخا:

محبت هڪ فطري جذبو آهي، اها قدرت پاران هر ماڻهوءَ ۾ اوتيل آهي. ڪي ماڻهو ان کي دٻي ڇڏيندا آهن ته اهي خود پاڻ سان ناانصافي ڪندا آهن. اوهان پاڻ سان هرگز ناانصافي نه ڪريو. انهيءَ ڪري اوهان جيڪو ڪجهه به ڏيو ته حقيقي محبت سان ڏيو. اوهان جڏهن خدا جي ان اوتيل محبت کي دٻايو ٿا ته پنهنجي لاءِ اڻ ڳڻين محرومين کي ڳنهي وٺو ٿا. اوهان محروم ماڻهوءَ واري زندگي جيئڻ بجاءِ هوند واري ماڻهوءَ جي زندگيءَ جيئو. اوهان جڏهن ڪنهن سان پئسي جي، وقت جي ۽ تعاون جي ڀلائي ڪيو ٿا ته ان جون دعائون اوهان جي وڏي حاصلات ٻڻجن ٿيون. اوهان دعائن واري اهڙي عظيم حاصلات کي پاڻ کي هرگز محروم نه ڪيو. دنيا جي سڀني مذهبن ۾ سخاوت ۽ ٻين جي مدد کي اهميت حاصل آهي. اسلام چيو آهي ته ماڻهو هڪ ئي آدم مان پيدا ڪيا ويا آهن سيئي ماڻهو الله ﷻ جو هڪ عيال آهن. خدا پنهنجي عيال سان محبت ۽

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سخا کي پسند ڪري ٿو. عيسائيت بنيادي طرح ٽن شين تي زور ڏئي ٿي. عقيدي، اميد ۽ محبت تي. انهن مان محبت کي وڏيڪ اهميت حاصل آهي. ان ڪري عيسائيت ۾ خيرات کي به محبت سڏيو ويندو آهي.

ٻڌمت ۾ محبت ستن خزانن کان وڏيڪ قيمتي آهي. ان ڪري محبت جي طاقت سان هن دنيا کي بهتر نموني تعمير ڪري سگهجي ٿو. يهوديت ۾ سڀ کان وڏي خيرات محبت آهي. هندو مذهب ۾ محبت ۽ سخاوت جي ذريعي مڪتي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

مطلب ته محبت زندگيءَ جو سڀ کان وڏو آدرش آهي ۽ اها عمل ۾ ايندي آهي قربانين ۽ ايثار سان. جيڪڏهن قرباني ۽ ايثار ناهي ته اوهان محبت کان ڪورا آهيو اوهان جي اولاد سان محبت آهي ته اوهان انهن جي پرورش لاءِ طرح طرح جون قربانيون ڏيو ٿا. جيڪڏهن اوهان والدين آهيو ته اوهان کي خبر آهي ته ٻارن لاءِ قربانين جي ڪيتري ڊگهي فهرست ٺاهي سگهجي ٿي. اوهان ٻار جي تڪليف ڏسي پنهنجي ننڊ ٺاري ڇڏيو ٿا، ان جي سٺي تعليم لاءِ پنهنجو آرام تلف ڪيو ٿا، ان جي سٺي مستقبل لاءِ پنهنجون خواهشون ترڪ ڪيو ٿا. ان جي نتيجي ۾ اوهان دلي اطمينان ماڻيو ٿا. ايئن هر رشتي لاءِ اوهان جڏهن قربانين مان گذرندؤ، تڏهن توهان جي روح کي ۽ توهان جي ضمير کي اطمينان ملندو. انسانيت جو هڪ حصو اوهان جي هنن قربانين جو لهڻيدار آهي. اوهان جا گهر وارا، اوهان جا پاڙيسري اوهان جا هم وطن ۽ انسانذات پنهنجي پنهنجي دائري ۾ ان جي لهڻيدار آهي.

محبت جي هر ڪنهن کي ضرورت آهي. ان ۾ رنگ، نسل، عقيدي ۽ خطي جو ڪو فرق ڪونهي. جلال الدين روميءَ چيو آهي





ته: ”محبت جي هر ڪنهن کي ضرورت آهي. جيئن اوهان کي خود محبت جي ضرورت آهي، ايئن ئي سڀني انسانن کي محبت جي ضرورت آهي.“ ڪيترا ماڻهو تڪليفن جي زندگي گذارن ٿا. اوهان پاڻ جيڪڏهن انهن تڪليفن مان گذرو ته اوهان کي پاڻ اندازو ٿي ويندو ته تڪليف ڇا ٿيندي آهي. ان ڪري سڀني سان جڏهن به محبت ڪيو ته ايئن ئي غير مشروط محبت ڪيو جيئن اوهان پنهنجي ٻچن سان غير مشروط محبت ڪندا آهيو. اوهان ڪنهن جي مجبوري ۽ مشڪل جو ناجائز فائدو هرگز نه وٺو اها انسانيت جي توهين آهي. اصل انسانيت آهي ئي اها جو اوهان ڪريل کي غير مشروط مٿي کڻو. محبت فعل آهي يعني ڪرڻ جي شيءِ آهي، مفعول ناهي جو اوهان ان لاءِ شرط گهڙيندا وتو.

محبت جڏهن فعل بڻجي ٿي، تڏهن ئي اها اوهان جو آدرش بڻجي ٿي. هڪ بامقصد زندگيءَ جو اوهان جي اندر اطمينان پيدا ڪري ٿي. اهو ڪيڏو نه وڏو اطمينان آهي ته اوهان کي صبح شام پنهنجي روين ۽ ڪيل ڪمن جي ذريعي هي يقين حاصل هجي ته اوهان خلقڻهار جي منشا مطابق جي رهيا آهيو. ان جي نتيجي ۾ پالڻهار اوهان کي پنهنجي محبوبيت ۽ رضا عطا ڪندو. هي ماڻهوءَ جي ڪيڏي نه خوش بختي آهي جو هو جڏهن پنهنجي پروردگار جي آڏو سر بسجود ٿئي ته انسانن سان ڪيل ڀلاين جو اڪائونٽ کڻي سربسجو ٿئي هي ماڻهوءَ لاءِ ڪيڏو نه سرور جو سامان آهي جو ماڻهو هميشه انهيءَ احساس سان جيئي ته هو انسانيت جي لاءِ جي رهيو آهي. اهڙي طرح محبت اوهان جي سوچڻ سمجهڻ جي سگهه وڌائي ٿي ۽ ٻين سان رشتن کي مضبوط ڪري ٿي. اوهان جو سڦلائتي زندگيءَ جو اطمينان ۽ پنهنجي خلقڻهار آڏو سرخروئي سان پيشگي جو اطمينان اوهان کي زندگيءَ ۾ جڳاڙ بازين، اٽڪلن ۽ مڪار

www.iqbalkalmati.blogspot.com



بازين کان پري رکي ٿو. اوهان جي سوچڻ جو انداز منفي نٿو بڻجي. اوهان پنهنجي ذهن کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکو ٿا. ان کي پٽڪڻ کان بچايو ٿا تہ ان سان اوهان جي ذهانت ۽ قابليت بہ سگهاري ٿئي ٿي. مائينڊ سائنسز هينئر هي ڳالھ پڌري ڪري ٻڌائي آهي تہ ماڻهوءَ جي زندگيءَ جا وڏا ڪرشما ان جي ذهن جي مثبت ۽ وڏي سوچ سوچڻ جي ڪري ٿين ٿا. جڏهن ماڻهو پنهنجي سوچ کي فطرت جي تقاضائن سان هم آهنگ ڪري ٿو تہ ان جي تقدير بدلجڻ جا دروازا کلندا وڃن ٿا.





# فيملي ڪلچر ڪٿي اوهان جي شخصيت کي تباھ تہ نہ ڪري رهيو آهي؟!!!

هينئر اهڙو واءُ گُهليو آهي جو پڙهيل ۽ هوند وارن ماڻهن جي اڪثريت رڳو پنهنجي ذات ۽ فيمليءَ لاءِ جيئڻ شروع ڪيو آهي. پئسو ڪمائڻ ۽ پوءِ رڳو پنهنجي ذات ۽ فيمليءَ تي خرچ ڪري ڇڏڻ انهن جي زندگيءَ جو مقصد بڻجي ويو آهي. انهيءَ طريقي کي ئي پنهنجو ماڊل بڻايو ويو آهي ۽ ٻيو ڪو بہ ماڊل انهن جي آڏو ڪونهي. شخصيت جو هڪ ماڊل هي آهي جو حضرت محمد ﷺ کان هڪ دفعو حضرت علي ؓ پڇيو هو تہ سائين اوهان جي شخصيت جي پيروڪاري ڇا آهي؟ تہ پاڻ سڳورن فرمايو تہ اي علي! * پنهنجي خلقڻهار جي سڃاڻ منهنجو سرمايو آهي. * محبت منهنجو بنياد آهي. * عقلي طريقا منهنجي دين جو سرچشمو آهن. * جستجو منهنجي سواري آهي. * الله سبحانه وتعالیٰ جي ياد منهنجي سنگت آهي. * خدا تي اعتماد منهنجو خزانو آهي. * علم منهنجو هٿيار آهي. * صبر منهنجو لباس آهي. * خدا جو راضپو منهنجي غنيمت آهي. * عاجزي منهنجو فخر آهي. * زهد منهنجو پيشو آهي. * يقين منهنجي قوت آهي. * سچائيءَ جي واٽ منهنجو سٽ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



آهي. ٭ خدا جي اطاعت منهنجو سهارو آهي. ٭ حق جي وات تي جهد منهنجو اخلاق آهي ۽ نماز منهنجي اکين جو ٺار آهي.

اوهان سوچيو آهي تہ دنيا جي سڀ کان عظيم انسان جي شخصيت جو هي منشور اسان مان ڪيترن ماڻهن جي لاءِ ماڊل بڻيل آهي. هن مان ڪيتريون شيون آهن جيڪي اسان جي زندگيءَ جو وڙ ۽ وکر آهن. حضرت لقمان عليہ السلام پنهنجي پٽ کي هي ڇهہ نصيحتون ڪيون هيون تہ جيستائين اهي خصلتون نہ هونديون انسان جو عقل ڪامل نہ ٿيندو.

1) آڪڙ ۽ غرور کان پاڻ بچائيندو هجي.
2) نيڪ ڪمن ڏانهن لاڙو هجي.
3) پنهنجي بنيادي ضرورتن تي اڪتفا ڪري.
4) واڌو مال کي غريبن ۽ مسڪينن تي خرچ ڪري.
5) دانائيءَ جون ڳالهيون حاصل ڪرڻ ۾ زندگي پر نہ ٿڪجي.
6) معاملات ۾ بدمزاجي نہ ڪري.
7) ٻين جي گهٽ احسان کي وڏ سمجهي ۽ پنهنجي وڏي احسان کي گهٽ سمجهي.
8) سڄي دنيا کي پاڻ کان سنو سمجهي.
9) ڪنهن کي پاڻ کان سنو ڏسي تہ خوش ٿئي ۽ سوچي تہ جيڪر مان بہ ان جهڙو ٿيان.
10) ڪنهن کي خراب حال ۾ ڏسي تہ سوچي (انجام الله ﷻ جي هٿ ۾ آهي ڪهڙي خبر تہ) هي نجات حاصل ڪري وڃي ۽ آءٌ ايئن ئي مري وڃان.

حضرت لقمان پٽ کي هي بہ چيو تہ: "اي منهنجا پٽ! جڏهن اهي صفتون تو ۾ پيدا ٿي وڃن تہ سمجهہ تنهنجو عقل مڪمل ٿي ويو." ڪوئي ٻڌائي تہ اسان پنهنجي روزاني زندگي ۾ عقل جي هنن





وکرن مان پنهنجي لاءِ ڪيترو حصو سوري وٺندا رهون ٿا.

عقل ۽ شعور جي دنيا ۾ اهڙا اڻ ڳڻيا ماڊل اوهان جي سامهون آهن. اوهان انهن جي قالب ۾ پاڻ اوتڻ جا ڪيترا طلبگار بڻجو ٿا ۽ ڪيتري حاصلات ڪريو ٿا، اهو سڀ اوهان جي مٿان آڌاريل آهي.

اوهان کي اشرف المخلوقات انسانذات بڻايو ويو آهي. اوهان کي دنيا جي ڏاهن "سماجي ساهوارو" سڏيو آهي. پوءِ بہ جي اوهان انسانذات ۽ سماج کان ڪٽجي رڳو فيمليءَ لاءِ جيئڻ شروع ڪندؤ تہ ظاهر آهي اوهان جي شخصيت جي اها تعمير نہ ٿي سگهندي جيڪا اوهان جو وَڏُ ۽ اوهان کي گهربل آهي. محبت هن دنيا جي سڀ کان طاقتور شيءِ آهي، جڏهن اوهان ٻين سان محبت ڪيو ٿا تہ اوهان بنيادي انساني فطرت کي پورو ڪريو ٿا. اوهان جي فطرت اوهان سان لاڳاپيل ماڻهن جو دائرو وسيع ڪيو آهي، اهو فيمليءَ تائين محدود ڪونهي. اوهان جي چوڌاري ماڻهن جو وڏو تعداد آهي جيڪي اوهان جي ان محبت جا لهڻيدار آهن. روين جي ذريعي، سهائتا ۽ همدرديءَ جي لحاظ کان يا تعاون ۽ قربانيءَ جي صورت ۾ اوهان جِي سڄي سماج کي ضرورت آهي. اوهان جي پڙهيل ۽ هوند وارو هجڻ ۾ خود هن سماج جو وڏو هٿ آهي، ان ڪري اوهان سماج ۽ ڌرتيءَ وارن ماڻهن کان ڪٽجي پنهنجي شخصيت کي متوازن ۽ پائيدار بڻائي سگهو اهو ممڪن ئي ناهي.

فيملي ڪلچر جو سڀ کان وڏو نقصان هيءُ آهي تہ اوهان جي سوچ جو دائرو بيحد محدود ٿي وڃي ٿو. اوهان جو ذهن صرف اوهان جي مادي ضرورتن جي محدود دائري ۾ ڪم ڪري ٿو. اوهان سان جيڪي لاڳاپيل ماڻهو آهن، اوهان جا عزيز، اوهان جا ماتحت، اوهان جا پاڙيسري ۽ اوهان جا هم وطن، اوهان جو انهن سيني سان تعلق يا ڪمزور پئجي وڃي ٿو يا ختم ٿي وڃي ٿو. اوهان جي ذات جي اوسر

www.iqbalkalmati.blogspot.com



جن سماجي لَڳ لاڳاپن جي ذريعي ٿيڻي هئي، اوهان جي اندر رحم، سخا، مروت، بردباري، قرباني، ايثار ۽ همت جون وصفون انهن سماجي لَڳ لاڳاپن ۽ ماڻهن سان ٻلاين جي نتيجي ۾ سگهاريون ٿيڻيون هيون. اوهان پنهنجي محدود زندگيءَ جي ڪري انهن کي اُسرڻ ۽ نسرڻ ئي نٿا ڏيو. انهن آدرشن جي نتيجي ۾ خوشي، سڪون ۽ سلامتيءَ جي جيڪا اوهان جي ذهنن تي ۽ اوهان جي قلب ۽ روح تي پالوت ٿيڻي آهي، توهان ته ان جا موقعا ئي پيدا ٿيڻ نه ٿا ڏيو. حيرت آهي اوهان جي ان محروميءَ تي جيڪا اوهان زوريءَ پنهنجو مقدر بڻايو ٿا.

انهيءَ جو نقصان اهو ٿئي ٿو جو اوهان ظاهر ۾ مادي لحاظ کان آسودي زندگي گذارڻ لڳو ٿا پر عملي طرح اوهان جنهن فڪري سُڃائي جو شڪار ٿيو ٿا، انهيءَ خساري جو اوهان کي احساس ئي ڪونهي. جڏهن اوهان ان فيملي دائري کان ٻاهر سوچيو ئي نه ٿا، ته نتيجي ۾ اوهان وٽ نه ڪتابن پڙهڻ جو ماحول جڙي ٿو ۽ نه سنجيده خيالن جي ڏي وٺ ٿئي ٿي. نه انساني مسئلن تي ويچاريو وڃي ٿو ۽ نه ماڻهن سان ملڻ ٿئي ٿو ۽ نه وري انهن کان سکڻ ۽ ڪڙهڻ جو استفادو ٿئي ٿو. نه ڀٽائيءَ جي هن جي صدا کي موٽ ملي ٿي ته ”جن ماڻهن جي صحبت ۾ ويهندي تنهنجي دل جو غبار هلڪو ٿئي ۽ ڏڪندو ڏور ٿئي، تون انهن وٽ خيما کوڙي ترسي پئه.“ نه اوهان جي اندر عظيم سوچن جو اپار ٿئي ٿو ۽ نه جهان جي حقيقتن جي سڃاڻ جو شعور بيدار ٿئي ٿو. نه زندگيءَ جي وڏن وڏن مسئلن تي اوهان جي ڪا راءِ جڙي ٿي ۽ نه وري اوهان ۾ وڏن مقصدن لاءِ پاڻ ارپڻ جي هورا ڪورا ۽ جستجو پيدا ٿئي ٿي. مجلسن ۾ وينؤ ته ڊرائنگ رومن جي پردن، پلاٽن جي تعداد ۽ نئين ماڊل جي ڪار کان سواءِ اوهان ڪنهن موضوع تي ڳالهائي نه ٿا سگهو. ماڻهن جون گلائون، توکون





۽ تنقيدون اوهان جو محبوب مشغلو بڻجي وڃن ٿيون. اوهان کي انهيءَ ڳالهه جو احساس ئي ناهي ته ان سان اوهان ماڻهن جي کهڙي خاني ۾ بيهو ٿا. هي اولهه جي عام چوڻي آهي ته خسيس ماڻهو ٻين ماڻهن جي باري ۾ ڳالهائيندا آهن. رواجي ماڻهو شين جي باري ۾ ڳالهائيندا آهن ۽ سنا ماڻهو افڪار ۽ نظرين تي ڳالهائيندا آهن.

اوهان ڪير آهيو؟ ڇو تخليق ڪيا ويا آهيو؟ اوهان جي منزل ڇا آهي؟ اهي سوال اوهان جي زندگيءَ ۾ ڪا به اهميت رکندڙ نٿا هجن. اوهان جي چوڌاري ماڻهو ڪهڙن عذابن جي زندگي گذاري رهيا آهن؟ اوهان جو قومي وجود ڪهڙن خطرن جو شڪار آهي؟ اوهان جي سڃاڻ ڪهڙين خطرناڪين جي ور چڙهيل آهي؟ اهڙن سوالن تي سوچڻ کي اوهان ديواني جي سوچ سمجهي ڇڏيو آهي. ان جي نتيجي ۾ ٿئي هيئن ٿو جو ظاهر ۾ ته اوهان سفيد پوش سريلا ماڻهو نظر پيا اچو پر عملي طور تي اوهان هڪڙا خوش پوش حيوان (Well_dressed animal) بڻيل هجو ٿا.

علامه آءِ آءِ قاضي پنهنجي تقريرن ۾ شيڪسپيئر جي هڪ ڊرامي ۾ هڪ عورت ڪردار جو حوالو ڏيندو هو ته ميڪابٿ (Macbith) نالي هڪ عورت ننڊ ۾ هلندي اچي ٿي، جيڪا سي گلاس ۽ گهڙيال ميز تان هٽائي ڇڏي ٿي. هوءَ نٿي ڄاڻي ته هوءَ ڇا پئي ڪري، هوءَ نيڪ ناڪ هلي پئي ۽ نيڪ ڳالهائي پئي پر سي ننڊ ۾ ڪري پئي. سو ميڪابٿ عورت وانگر اوهان به سڄي زندگي ايئن ننڊ ۾ گذاريو پيا. فرق صرف هي آهي ته ميڪابٿ جو ڪردار مختصر آهي ۽ اوهان جو ڪردار ڊگهي عرصي جو آهي. جيڪي به عمل اوهان جي زندگيءَ ۾ آهن انهن ۾ ڪي به اهڙا ناهن جيڪي حد درجي جي عزت وارا هجن ۽ مرڻ کانپوءِ پنهنجي خلقڻهار جي حضور ۾ سروخروئي سان پيش ڪري سگهجن.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



فيملي ڪچلر ۾ جيئڻ جي نتيجي ۾ اوهان پنهنجي زندگيءَ لاءِ ضرورتن ۽ سَڌن جي وچ ۾ ڪو سَنڌو ڪ ڻ جا روادار نٿا رهو. زندگيءَ ۾ ماڻهوءَ جون هزارين سَڌون ۽ خواهشون آهن. ماڻهو خواهشن کي خدا بڻائي ٿا ڇڏين. خواهشن جي ڪ ٻوڙن ٿا، خواهشن کي پورو ڪرڻ لاءِ جيئن ٿا ۽ خواهشن کي پورو ڪرڻ لاءِ هر جائز ۽ ناجائز ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. قرآن مجيد ۾ ٻڌايل آهي تہ جيڪي ماڻهو پنهنجي خواهشن کي خدا بڻائي ٿا ڇڏين، اهي پنهنجي لاءِ بيحد بڇڙو انتخاب ٿا ڪن. زندگيءَ ۾ هڪڙيون مجيل سچايون آهن. اهي سچايون انسانذات جي لاءِ بيحد فائديمند آهن. اوهان جون خواهشون انهن سچاين جي لتاڙ ڪن ٿيون ۽ پوءِ ظاهر آهي ان ۾ ٻي انسانذات جو خسارو ۽ نقصان ٿئي ٿو. اهو هيئن تہ اوهان جي خواهش آهي تہ اوهان کي نئين ماڊل جي ڪار گهرجي، نئين پروجيڪٽ ۾ هڪڙا عيش عشرت وارا بنگلا مشتهر ٿيا آهن، سو بہ گهرجي. اوهان هيئر پنهنجو پاڻ کان ايمانداريءَ سان پڇو تہ اهي شيون اوهان لاءِ بيحد ضروري آهن؟ خاص ڪري ان حالت ۾ جڏهن اوهان اڳ ۾ ئي پنهنجي ٻچن جي مهانگي فيس واري تعليم جا بار پنهنجي مٿان کنيون وينا آهيو. ويتر ٻاهرين ملڪن جي ساليانے ٽوئر ۽ هي نئين ماڊل جي گاڏي ۽ نئون گهر بہ اوهان جي ذهن تي سوار ٿي ويا آهن. اوهان پنهنجو پاڻ کان ٻيو سوال هي بہ پڇو تہ جيڪڏهن مان هي شيون خريد نہ ڪيان تہ ڇا منهنجو گذارو ٿي ويندو؟ انهن ڳالهين جي باوجود بہ اوهان پنهنجي خواهش پوري ٿيڻ جي پڇر نٿا ڇڏيو تہ پوءِ اوهان کي ٻين جي ۽ خود پنهنجي ذات جي وڏين حق تلفين مان گذرڻو پوي ٿو. اوهان کي جيڪي مالي نعمتون مِلن ٿيون انهن ۾ توهان جي خدا، محروم ماڻهن ۽ سائلن جو حق رکيو آهي. اوهان جا عزيز قريب،


مزيد کتب پڑھنے کے لئے آج ہی وزٹ کریں : www.iqbalkalmati.blogspot.com



اوهان جي چوڌاري مسڪين ماڻهو، اوهان جا ڌرتيءَ ڄاوا انهن سڀني جو اوهان جي مالن ۾ حق رکيو ويو آهي، اوهان جي خواهشن جي ڊگهي فهرست اها گنجائش ئي نٿي ڇڏي تہ انهن محرومن ۽ سائلن سان ڪا ڀلائي ٿي سگهي. نتيجي ۾ اوهان خود ڏيڻ ۽ سخا جي وڏين انساني ڀلاين کان محروم ٿي وڃو ٿا ۽ خود پاڻ سان حق تلفيءَ جو شڪار بہ ٿيو ٿا. سخا ۽ انساني ڀلاين جي موٽ ۾ اوهان جي شخصيت اندر جيڪو حسن، اطمينان ۽ ترقيءَ جو اُڀار رڪجي وڃي ٿو ان نقصان جو ڪو بہ ازالو ڪونهي.

فيملي ڪلچر سان جيئڻ جو هڪ وڏو محرڪ پنهنجي اولاد جو اڻ حدو مستقبل ٺاهڻ جو جنون آهي. اولاد جو مستقبل ٺاهڻ جو جذبو ڪا خراب ڳالهہ ڪونهي پر جڏهن اوهان ان کي جنون جي شڪل ڏيو ٿا تہ اها رڳو خراب نہ پر بيحد بڇڙي ڳالهہ آهي. اوهان اولاد جي مستقبل ٺاهڻ لاءِ ان کي محبت ڏيو، وقت ڏيو، تربيت ڏيو ۽ ان کي سٺي تعليم ڏيو، انهن وڙن کان وڌيڪ اوهان جي محبت ۽ سندن مستقبل ٺاهڻ جو الڪو ڇا ٿو ٿي سگهي. اها اوهان جي انهن لاءِ سڀ کان وڏي سيڙپڪاري آهي، پر جڏهن اوهان انهن جي لاءِ بنگلن، فيڪٽرين، شورومن، ڪارين جي ڊگهي فهرست ٺاهي انهن جو مستقبل ٺاهڻ جي ڪوشش ٿا ڪريو تہ سچ پچ اوهان پنهنجو ۽ انهن جو مستقبل تباهيءَ جي طرف ڌڪيو ٿا. پنهنجو مستقبل تباهي جي طرف انهيءَ شڪل ۾ جو اوهان جڏهن ان لامحدود بهتر مستقبل جي جنون ۾ اچو ٿا تہ ظاهر آهي توهان کي پنهنجي پاڻ سان، چوڌاري ماڻهن سان ۽ سماج جون ڪيتريون ئي حق تليفون ڪرڻيون پون ٿيون.اوهان وٽ ملازمن جو وڏو تعداد آهي، اوهان انهن جون پگهارون سندن ضرورتن پٽاندر نہ پر انهن جي مجبوريءَ هيٺ متعين ڪيو ٿا. هڪ ملازم جي 6 ٻارن جي تعليم، سادي گذاري ۽

www.iqbalkalmati.blogspot.com



پيءُ ماءُ جي خدمت لاءِ ان کي ويھن ھزارن جي گھٽ ۾ گھٽ پگھار
گھربل آھي. پر اوھان ڏھن ٻارھن ھزارن جي پگھار تي ان کي ھلايو
ٿا. ھو ھينئر مجبوريءَ ھيٺ اوھان وٽ ملازمت ڪري ٿو پر اوھان
جڏھن پنھنجي ڪاروباري ٽارگيٽ جي حاصلات لاءِ ھن جي
ضرورتن تي لت رکو ٿا ته اوھان وڏي انساني حق تلفيءَ جو شڪار
ٿيو ٿا. جڏھن اوھان کي پنھنجي اولاد جو لامحدود مستقبل سنوارڻ
جو جنون آھي ته پوءِ اھا حق تلفي اوھان جي لاءِ معمولي ڳالھ ڀاسجي
رھي ٿي. اوھان ته انھيءَ کان به وڌيڪ سنگين انساني حق تلفين جو
شڪار ان وقت ٿيو ٿا جڏھن اوھان پيداگيرين ۽ بدعنوانين جي وڏي
ڦھليل جھان جو حصو بڻجو ٿا. ان وقت پنھنجي اولاد جو مستقبل
ٺاھڻ جي لونجھ ۾، اوھان جو پنھنجي خدا سان تعلق ڪمزور ٿي
پوي ٿو. اوھان ايمانداريءَ بابت خدا جي حڪمن جي لتاڙ ڪري اھو
سڀ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا ته ان صورت ۾ ان جو ھن
دنيا ۽ آخرت ۾ ڪيتو لوڙڻ جا ذميوار به اوھان پاڻ ئي بڻجو ٿا. اوھان
جڏھن تعليم، صحت، انصاف، ۽ انساني سھولتن جي ڪمن ۾ بي
اعتدالين ۽ بدعنوانين جو حصو بڻجي اولاد جو مستقبل سنوارڻ جي
ڪوشش ڪيو ٿا ته اھا اوھان جي خام خيالي آھي ته ھاڻي سندن
مستقبل ٺھي ويندو. پر حقيقت ھي آھي ته ھڪ طرف اوھان جي
پنھنجي ديانتداريءَ جو ڪم لھي ٿو وڃي ۽ ٻئي طرف ھي پڪ
سمجھو ته غريبن جي حق تلفين تي جڙيل اوھان جي اولاد جا
خوشين وارا محل پائيدار ھرگز نٿا بڻجي سگھن. خدا جو ھي جھان
انڌوڪار تي نٿو ھلي. ھتي خدا جا قانون جڙيل آھن. انھن قانونن
پٽاندڙ ھي جھان ھلي ٿو. جن ماڻھن به حق حلال جي ڪمائيءَ سان
تعليم ۽ تربيت ڏيڻ بجاءِ اھڙين انساني حق تلفين سان پنھنجي
اولاد جو مستقبل ٺاھڻ جي ڪوشش ڪئي آھي، انھن جي اولاد ان





مان سک نه ورتو آھي. سنڌ ۾ ته ڪيترا واقعا آھن جو اھڙن اميرن
جي اولاد سورھن سالن جي اپرندڙ جوانيءَ ۾ لونڊڙين تي فائر ڪري
پنھنجو انت آڻي ڇڏيو. ڪن پاڻ کي ڏوھن جي ور چاڙھي ڇڏيو ۽
ڪي نشي ۽ بدڪارين جي ور چڙھي ويا ۽ تباھ حاليءَ جي طرف
ڌڪجي ويا. مون کي خدا جي انھيءَ مڪافات واري قانون جي
گرفت جھنجھوڙي ڇڏيندي آھي جڏھن مان سنڌ جي ھڪ مھان
دانشور جي زندگيءَ جو ھي واقعو ياد ڪندو آھيان ته ان سان
تڏھوڪي وزيراعليٰ ڄام صادق جي وڏي عقيدت ھوندي ھئي ۽ ھو
ان عقيدت جو فائدو ھر مھيني شراب جي گتن جي منظوري واري
صورت ۾ حاصل ڪندو ھو ۽ پوءِ اھي فائيل 5_8 لکن ۾ سنڌ جي
ھندو سيٺين کي ملندا ھيا. عين انھن ڏينھن ۾ ان جو ڊاڪٽر پٽ
سنڌ جي ڪنھن تعليمي اداري ۾ پڙھندي نشي جو ۽ آخر ۾ ھيروئن
جو عادي بڻيو ۽ آخرڪار اُن نشي ۾ پنھنجو انت آڻي ڇڏيو. جنھن
اولاد جي لاءِ اھي دولت جي حاصلات جا جتن پئي ڪيا ويا اھا
جوانيءَ ۾ جدائيءَ جو اھڙو ڏاگھ ڏئي وئي جو پوين لاءِ زندگي درد ۽
ڪرب بڻجي وئي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com : مزید کتب پڑھنے کے لئے آج ہی وزٹ کریں

www.iqbalkalmati.blogspot.com



# اوهان جي زندگيءَ ۾ اطمينان ۽ سلامتيءَ جي اڻهوند ڇو آهي؟

- اوهان الله ﷾ کي الله ڪري مڃو ٿا.
- صبح جو اٿي ڪيس ياد به ڪريو ٿا.
- نماز پڙهڻ جو موقعو به اوهان کي ملي وڃي ٿو.
- ان کان ڊڄندا به آهيو ته، متان ڪڏهن ناراض نه ٿي پوي.
- حج ۽ عمرا به ڪندا آهيو ته جيئن گناهه ڇڻندا رهن.

افسوس آهي پوءِ به اوهان جي زندگيءَ ۾ اوهان کي اطمينان ۽ سلامتي حاصل ڪونهي. اوهان

- جيترو به ڪمايو ٿا پورو نٿو پوي.
- بيمارين ۽ پريشانين پچر ڪونه ٿيون ڇڏن.
- ٽوٽ ڦوٽ ۽ تاوان مان جان ڪونه ٿي ڇُٽي.
- خوف ۽ ڳڻتي هميشه متان سوار ٿا رهن.
- اولاد ڇئي کان ٻاهر نڪرندي وڃي ٿي.
- دل جو سڪون ۽ اطمينان ڳولهيو ڪونه ٿو لڀي.
- ڪا نه ڪا ذلت ۽ خواري منهن ڪ ي بيٺي آهي.
- زندگي بي مقصد ۽ عذاب سمجهي گهارجي ٿي.



ماڻهوءَ جو اصل امتحان

جيڪڏهن اوهان اطمينان ۽ سلامتيءَ جي اهڙي اڻهوند مان گذرو ٿا ته پوءِ پڪ ڄاڻو ته اوهان جي عقيدن ۽ عملن ۾ هڪ وڏي خرابي پيدا ٿي چڪي آهي. (1) اوهان کي الله ﷾ جي عزت ۽ لحاظ کا محرومي پلئه پئجي چڪي آهي. (2) اوهان زندگيءَ ۾ ناانصافين ۽ باطل ڪمائيءَ جي گردش ۾ گهيرجي چڪا آهيو. (3) اوهان نفس پرستيءَ جي ڏبڻ ۾ ڦاسي بي مقصد زندگي گذاري رهيا آهيو.

## الله ﷾ جي عزت ۽ لحاظ کان محرومي

اوهان کي الله ﷾ جي عزت ۽ لحاظ کان محرومي پلئه پئجي وئي آهي ۽ اوهان کي ان جو هوش ئي ناهي رهيو. جڏهن اوهان پنهنجي خلقڻهار، پالڻهار ۽ مددگار حقيقي ذات کان سواءِ ٻين کان مدد، حاجتون ۽ مرادون پڄائڻ جي طلب ڪريو ٿا ته اوهان جي دل ۾ ان وقت پنهنجي خلقڻهار ذات جي عزت ۽ لحاظ موجود ڪونهي. جڏهن پيرن فقيرن کان مدد گهرو ٿا ته ان جي معنيٰ اوهان الله ﷾ جي ذات ۾ نقص ۽ ڪمي سمجهو ٿا. ان جي عطا کي ۽ ان جي پهچ کي اڻپورو سمجهو ٿا. يا هي سمجهو ٿا ته الله ﷾ به دنيا جي ماڻهن وانگر سفارشي ذريعن کانسواءِ ڪنهن تي ڌيان نه ڏريندو آهي، انهن سڀني صورتن ۾ شعوري يا لاشعوري طور تي اوهان وٽ الله ﷾ جي عزت ۽ لحاظ ڪونه ٿو رهي.

اهڙي طرح جڏهن اوهان پنهنجي پالڻهار ۽ عطا ڪندڙ سخي ذات جي مرضي ۽ ٻڌايل طريقن مطابق امانت سمجهي دولت خرچ نٿا ڪريو ته اوهان ان عطا ڪندڙ ذات جي عزت ۽ لحاظ نٿا ڪريو. اوهان جڏهن پنهنجي مرضيءَ تي دولت کي ڪوڙي ٺاٺ باٺ ۽ اجائي عيش عشرت ۾ ڪپايو ٿا ته اوهان الله ﷾ جي حضور ۾ پيش ٿي ذري ذري جو حساب ڏيڻ جا عملي طرح انڪاري پڻ ٻڌجو ٿا. جي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



حساب ڏيڻ جو يقين ۽ خوف هجي ته جيڪر ائين نه ڪيو ها.

ساڳي طرح جڏهن اوهان ان احڪم الحاڪمين ذات جي ٻڌايل ضابطن مطابق زندگي گذارڻ جا روادار نٿا رهو ته اوهان ان قادر ڪريم جي قانونن جي عزت ۽ لحاظ نٿا ڪريو. اوهان جڏهن پنهنجي مرضيءَ تي خود غرض ۽ ڇڙواڳ زندگي گذاريو ٿا ته اوهان ۾ احڪم الحاڪمين جي ذات جي بي فرماني ۽ سرڪشي پيدا ٿيندي وڃي ٿي.

## ناانصافين ۽ حرام ڪمائيءَ جو گهيرو

اوهان پنهنجي ڪم، ذميواري ۽ ڊيوٽيءَ جو حق ادا نٿا ڪريو انهيءَ سان اوهان سماج لاءِ سخت ناانصافي ۽ پنهنجي لاءِ حرام ڪمائيءَ جو طوق ڳچيءَ ۾ وجهو ٿا. اوهان پنهنجي ڪمن ۽ لين دين ۾ بي انصافيءَ کي پنهنجي قابليت ۽ ٻين جي سادڙائپ سمجهو ٿا. حالانڪ سادڙائپ جو شڪار اوهان پاڻ بڻجو ٿا جو اوهان جي شخصيت جي اوسر خدا جي پسنديده هڪ آئيڊيل انسان وانگر نه ٿي رهي آهي. اهو آئيڊيل انسان جيڪو خدا جي صفتن سان رڱيل هجي ۽ ان جي رضا ۽ محبوبيت جو طالبو هجي. اوهان غريب پورهيتن ۽ ملازمن جو معاوضو انهن جي مجبورين پٽاندر مقرر ڪيو ٿا، انهن جي بنيادي ضرورتن کي سامهون رکي معاوضو ادا نٿا ڪريو. پورهيت هر حال ۾ مجبور آهي ته ان اڻپوري معاوضي تي به پورهيو ڪري اوهان ان صورت ۾ به لنوائي، ليلڙائي، ليٽڙيون پارائي، احسان جتائي پوءِ ڪيس معاوضو ادا ڪريو ٿا. جيڪي شيون ڪا اهميت نه ٿيون رکن. انهن جي پٺيان صرف انائن ۽ ضديت پوري ڪرڻ خاطر ڪيترين ئي ناانصافين مان گذرو ٿا. اوهان ان ۾ هن ڳالهه جو خيال به نٿا رکو ته ڪنهن جو احترام آدميت مجروح ٿئي ٿو ۽ ڪنهن جي دل جا ٻَڪيا





اڊيڙجن ٿا. اهڙن معاملن کي اوهان روزاني ريت بڻائي آهي ۽ ان کي ناانصافي نٿا سمجهو.

قرآن ۾ وري وري انصاف اختيار ڪرڻ جو حڪم آيل آهي "ته انصاف جي هلت هلو اوهان نيڪوڪار بڻبئو." (المائده :8 ) جڏهن اوهان الله ﷻ کي ان جي شان مطابق مڃڻ ۾ ناانصافي ڪريو ٿا، ان جي بندن سان ان جي ٻڌايل ضابطن کي ٽوڙي ناانصافي ڪريو ٿا ته اوهان خود پاڻ به ناانصافيءَ جي پاداش جو شڪار ٿيو ٿا. انهيءَ ڪري جو الله ﷻ ڪائنات ۾ جيئن سڀني شين ۾ تاثير ۽ مقرر نتيجا رکيا آهن، تيئن انساني روين ۽ عملن جي تاثير ۽ نتيجا به باقاعدي مقرر ٿيل آهن. اوهان جيترو به خدا ۽ ان جي بندن سان ناانصافي ڪندا ويندؤ ان جو نتيجو ڀوڳيندا ويندو.

## نفس پرستيءَ جي ڏٻڻ ۾

اوهان جي زندگيءَ جا سڀ معاملا هن سوچ جي پٺيان هلي رهيا آهن ته اوهان جي ذات کي ڪيترو فائدو حاصل ٿي رهيو آهي. اوهان جي چوڌاري اوهان جي عزيزن، اوهان جي قوم جي افرادن ۽ اوهان جي سماج سان ڇا ٿو وهي واپري، ان سان توهان جو سروڪار ڪونهي. ماڻهن جي جهالت، مظلومي ۽ معاشي بدحالي جي لاءِ توهان وٽ ڪا به عملي سرگرمي ڪونهي. اوهان مان وڌ ۾ وڌ حساس ماڻهو به سماج جي ابتريءَ تي فقط تبصرا ۽ افسوس ظاهر ڪن ٿا پر پنهنجي جان ۽ مال ذريعي جهالت ۽ بدحاليءَ جي خاتمي لاءِ ڪي وڏا انساني ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نٿا ٿين. جيڪي ڪمزور حال ۾ آهن سي به پنهنجي ۽ پاڻ جهڙن ٻين ماڻهن لاءِ ڀلائيءَ جو ڪو اجتماعي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهن.

مخلوق الله ﷻ جو عيال آهي ۽ فلاحي معاشرو خدا کي گهربل

www.iqbalkalmati.blogspot.com



آهي. جيڪڏهن اوهان سماج کان ڪٽجي پنهنجي نفس پرستيءَ ذريعي اطمينان ۽ سلامتي چاهيندا ته اهو خدا جي قانون جي نسورو ابتڙ آهي. نتيجي ۾ اطمينان ۽ سلامتي به ڪونه ملندي.

## الله سبحانه وتعالى جي مرضي ڇا آهي؟

الله سبحانه وتعالى اوهان کي ڌرتيءَ تي خليفو بڻايو آهي ته خلافت يعني سندس فرمانبرداري ۾ انسانن سان سيني حيثيتن ۾ ڀلايون ۽ انصاف ڪري آزمائش مان پار پئو ۽ حقيقي هميشه واري زندگيءَ جو پاڻ کي اهل ثابت ڪيو. هي ماڻهوءَ جو حقيقي امتحان آهي ته هو الله سبحانه وتعالى جي ٻڌايل حڪمن هيٺ انسانن جي لاءِ نفع بخشيءَ جي زندگي گذاري ٿو يا پنهنجي زندگيءَ کي پنهنجي مرضيءَ تي خودغرضيءَ سان پنهنجي ذاتي مفادپرستين هيٺ گذاري ٿو. جيڪڏهن زندگي رڳو عياشين ۽ غرضن لاءِ گذري ٿي ۽ ان ۾ انسانن لاءِ نفع بخشي نٿي رهي ته ان ناڪامي ۽ نامراديءَ جو نتيجو عدم اطمينان ۽ عدم سلامتيءَ جي صورت ۾ هن دنيا ۾ ئي شروع ٿي وڃي ٿو.

ماڻهو جيترو وڌيڪ انسانن لاءِ غيرنفعي بخش هوندو اوترو وڌيڪ نامراد ثابت ٿيندو. اهڙي طرح انساني نفعي بخشيءَ لاءِ جيترو وڌيڪ پاڻ پتوڙيندو، پاڻ کي جيترو وڌيڪ ڪارگر ثابت ڪندو، قدرت کيس پنهنجي نيابت جو انعام عطا ڪندي رهندي. جنهن ڪري سندس زندگيءَ ۾ برڪت ۽ سعادت، صحت ۽ چڱڀلائي، اطمينان ۽ سلامتي ٻکندي نظر ايندي. ان وقت اوهان الله سبحانه وتعالى جو شڪر ادا ڪريو ته اوهان جي زندگيءَ ۾ الله سبحانه وتعالى ۽ ان جي رسول ڪريم ﷺ جي اطاعت اچي وئي آهي.

هاڻي جيڪڏهن وقتي طرح زندگيءَ ۾ ڪي ڏکيائون منهن ڪ نديون ته اهي اوهان جي آزمائش لاءِ هونديون ته جيئن انهن مان





پار پوڻ جي نتيجي ۾ اوهان جا مراتب بلند ٿيندا وڃن ۽ الله سبحانه وتعالى جي قربتن جا حقدار بڻبا وڃو. ۽ جڏهن موت جو وقت ايندو ته اهڙن ٻانهن کي دنيا ۾ فرمانبرداريءَ جي عيوض الله سبحانه وتعالى چوندو ته، ”موٽي هل پنهنجي پروردگار ڏانهن خوش ٿي جو اهو توکان خوش آهي. پوءِ هليو وڃ منهنجي (پيارن) ٻانهن ۾ ۽ هليو وڃ منهنجي (قربتن واري) جنت ۾. (الفجر 28، 30)

## الله سبحانه وتعالى وري وري موقعو ڏئي ٿو

الله سبحانه وتعالى اسان جو مهربان پالڻهار اسان جي انهن روين ۽ عملن، انهيءَ ويسلائي ۽ اياڻائي، انهيءَ بي خبري ۽ نادانيءَ تي به ٻاجهه جو ارادو رکي ٿو ۽ وري وري اسان کي ميار ڏئي ٿو ته ”اي انسان! توکي ڪهڙي شيءِ ٻاجهاري پالڻهار کان ٺڳي ويسلو بڻائي ڇڏيو آهي.“ (انفطار، 6) انسان کي ڪڏهن ٽاٻڙجڻ جي ذريعي، ڪڏهن ڪنهن نقصان ذريعي ۽ ڪڏهن ڪنهن اشاري سان وري وري سنڀلجڻ جو موقعو ملندو رهي ٿو.

اوهان ٽاٻو کائو ٿا، ڪنهن حادثي مان گذرو ٿا، قدرت اوهان کي سنڀلجڻ جو موقعو ڏئي ٿي. اوهان ا ن وقت ئي ا ن ٽاٻي ۽ حادثي جي اصل محرڪات تي سوچيو.

جيڪڏهن اوهان اهو ٽاٻو غصي، حسد يا انتقام جي ڪتڙين ۾ ذهني انتشار يا سرڪشيءَ جي ڪري کاڌو آهي ته اوهان جي ٽاٻي ۽ حادثي جو محرڪ غصو، حسد ۽ انتقام جو جذبو آهي، اوهان ان مان جند آجي ڪريو، اوهان آئنده ٽاٻي ۽ حادثي کان بچي ويندؤ. جيڪڏهن اوهان ڪنهن سان ناانصافي ڪئي آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ ڪنهن خساري جو شڪار ٿيا آهيو ته اوهان ناانصافيءَ جي طريقن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريو اوهان آئنده اهڙي خساري

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪان بچي ويندؤ. جيڪڏھن اوھان آزاد خياليءَ جي انتشار ۽ گمراھيءَ جي فتور ۾ ڦاسي حادثو ڪيو آھي تہ اوھان بدڪاري ۽ گمراھيءَ جي واٽ ڇڏڻ جو عزم ڪريو. اوھان آئنده اهڙي حادثي ڪان بچي ويندؤ.

پر جيڪڏھن اوھان انھيءَ ڌاپڙجڻ ڪي، خساري ڪي يا حادثي ڪي زندگيءَ جو عام معمول بڻائي ڇڏيندو تہ پوءِ اوھان ۾ آھستي آھستي لاابالي ۽ سرڪشي پيدا ٿيندي ويندي. اها سرڪشي اهڙي پوائنٽ آھي، جتي اوھان جو مھربان الله ﷻ اوھان جو خلقڻھار الله ﷻ اوھان جو پالڻھار الله ﷻ اوھان ڪي ڀلائي ٿو ۽ جنھن ڪي ان جو الله ﷻ ڀلائي ڇڏي تہ پوءِ اھو انسان ڇورو ڇنو آھي، ان جو ڪو ڌڻي ۽ واھرو ئي ڪونھي. ڪي ماڻھو زندگيءَ ۾ وڏين انساني حق تلفين جي نتيجي ۾ گرفت ۾ اچڻ تي ناانصافين ۽ حرام خورين جو ازالو ڪرڻ بجاءِ ورد وظيفن ۽ تسبيحن ڦيرائڻ يا عمرن وغيره جي ذريعي ان گرفت مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آھن. يا وري مرشدن جي آسري تي پيا انھن طريقن ڪي انگھائيندا رھندا پر پنھنجي عملي توبہ ۽ انھن انساني حق تلفين جي بھتر ازالي جو عمل نہ ڪندا ۽ نہ وري ان جي ازالي طور ڪي وڏا انساني ڪم ڪري پنھنجي تخليقي مقصد ڪي سجايو ڪندا ۽ نہ وري پنھنجي مالڪ جون محبتون ۽ قربتون پسڻ لاءِ فدائيت ۽ ايثار جا طريقا اختيار ڪندا. الله ﷻ مومنن سان انھن جي جانين ۽ مالن جو سودو ڪري ڇڏيو آھي اھي ماڻھو پنھنجي عملي سرگرمين سان وڏا انساني ڪم ڪري، ان سودي جو حق نہ نڀائيندا، رڳو جڳاڙ پيا جاڇيندا.

## سلامتيءَ جي واٽ

ھينئر اوھان جي بچاءَ لاءِ ۽ اوھان جي اطمينان ۽ سلامتيءَ





واري زندگيءَ ڪي ماڻڻ جي لاءِ ھڪ ئي واٽ آھي تہ اوھان الله ﷻ تي ايمان ۽ ان جي وحدانيت تي يقين ڪي قرآن جي مطابق سڌو ڪريو. الله ﷻ ڪي مڃڻ جا سڀ پيري فقيري ۽ وڏن ڪان ورثي ۾ مليل طريقا ڇڏي توبہ تائب ٿيو ۽ جيڪو رستو الله ﷻ جي موڪليل ڪتاب ۾ ٻڌايل آھي ۽ جنھن رستي تي ان جي رسول ﷺ ھلي ڏيڪاريو آھي، انھيءَ ڪي اختيار ڪريو.

قرآن شريف ۾ آھي تہ: "جيڪي مصيبتون توھان ڪي پھچن ٿيون، سي توھان ڪي پنھنجي ڪمن جي سببان پھچن ٿيون، اڃا بہ الله ﷻ ڪوڙ (اوھان جا غلط ڪم) معاف ڪري ڇڏيندو آھي." (شوري: 30)

اھڙي طرح قرآن ۾ ھيءُ بہ فرمايل آھي تہ" ھر انسان پنھنجي ڪمائي جي عيوض گروي آھي." يا "جيڪو بہ برو عمل ڪندو ان ڪي ان جو بدلو ڏنو ويندو." (نساءِ: 123) ان جي وضاحت ۾ پيغمبر ڪريم ﷺ جن فرمايو آھي تہ "ان ۾ نہ يون نہ يون تڪليفون بہ داخل آھن." يعني انسان جي ڪئي جي نتيجي ۾ انسان ڪي جيڪو عذاب ڏنو ويندو آھي. ان ۾ نہ يون نہ يون تڪليفون بہ شامل ھونديون. حضرت شاه ولي الله رحمة الله عليه انجو مثال ھيئن سمجھايو آھي تہ ھڪ ماڻھوءَ پنھنجو سامان ڪيسي ۾ رڪي وساري ڇڏيو ۽ ان ڪان پوءِ ان جي ڳولا ۾ جيڪو پريشان ٿئي ٿو تہ اھا پريشاني بہ ان انسان جي ڪئي جي ھڪ قسم جي سزا آھي. انھيءَ ڪري (1) زندگيءَ ۾ پنھنجي روين ۽ عملن ۾ جيترو اوھان خدا سان خالص وابستگي رڪندؤ (2) ان جي بندن جي سلسلي ۾ ناانصافين ڪان بچندؤ ۽ (3) انسانن لاءِ نفعي بخش زندگي گذاريندؤ اوترو اوھان پريشانين ڪي ڏڪي پنتي ڪندؤ ۽ اطمينان ۽ سلامتي ماڻيندا ويندؤ.

ڪجھ ماڻھن ڪي رواجي حالتن ۾ مصيبتن ۽ تڪليفن سان

www.iqbalkalmati.blogspot.com



منهن ڏيڻو پوندو آهي. جيڪڏهن اوهان رواجي حالتن ۾ مصيبت مان گذرو ٿا ته اها مصيبت اوهان جي لاءِ اصلاح جو ڪارڻ آهي ته جيئن اوهان آپي کان ٻاهر نه نڪري وڃو. ماڻهو ۽ دنياداريءَ جي خفتال ۾ هر طرف کان بي نياز ٿي پنهنجي آپي کان ٻاهر نڪري ٿو ته پوءِ حقيقت پسند نٿو رهي. پنهنجي آپي ۾ ونڻ جو قدرتي نظام اوهان کي اصلي انسان بڻائي ٿو ۽ فطري حالت تي واپس وڃي اچي ٿو. پوءِ اهڙي ماڻهوءَ کي ڪامياب انسان بنجڻ کان ڪوبه روڪي نٿو سگهي.

جيڪڏهن اوهان ۾ اطمينان ۽ سلامتيءَ جي لاءِ حق جي تلاش ۽ جستجو آهي ته اوهان الله ﷻ جي پاران موڪليل زندگيءَ جي گائيڊ بوڪ قرآن کي ترجمي سان پڙهي وٺو. سيرت جي ڪتابن ۾ پيغمبر ڪريم ﷺ جي حياتي ۽ طريقي کي جاچي ڏسو. اوهان جي لاءِ رهبريءَ، هدايت ۽ سعادت جا دروازا کلندا ويندا.





# ڇا سچ جي ڳولها لاءِ واقعي اوهان سنجيده آهيو؟

سچ ڇا آهي؟ ظاهر ۾ ته ان ننڍڙي پر حقيقت ۾ هڪ وڏي سوال جو جواب ڳولڻ ممڪن آهي ته اسان مان گهڻن لاءِ ڪا اهميت نه رکندو هجي. ائين به ٿي سگهي ٿو ته اسان ماڻهن لاءِ زندگيءَ جو سڀ کان اهم سوال اهوئي هجي. اهوئي سبب آهي جو سوچيندڙ ۽ ڳولائو ماڻهن کي هن سوال جي جواب ڳولڻ يا حل ڪرڻ جي هورا ڪورا رهندي پئي آئي آهي. اسان مان ڪيترائي ماڻهو اهڙا به آهن جيڪي سچ جا ساٿاري ۽ سچ جي واٽ جا پانڌيئڙا آهن ۽ سچ جي ساڃاهه کي سگهارو ڪري ان کي ٻين تائين پهچائڻ جي فڪر ۾ هوندا آهن.

ان سوال جو جواب ڳولڻ ان وقت ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي، جڏهن اسان پنهنجي ذهن ۾ سچ جي باري ۾ اڳ ۾ ئي ڪي معيار مقرر ڪري ڇڏيندا آهيون. تنهنڪري اهو نهايت ضروري آهي ته سڀ کان پهرين غيرجانبدار يا اڻڌريو ٿي نئين سر انهيءَ سوال جو جواب ڳولڻ گهرجي.

غير جانبداريءَ جا ٽي رُخ

1. پنهنجن ابن ڏاڏن، ابي امڙ، مٽن مائٽن ۽ آسپاس جي ماحول ۾

www.iqbalkalmati.blogspot.com



جڙيل ذهن کي پاسي تي رکڻ.

2. مولوين، مرشدن، ذاڪرن ۽ مذهبي پيشوائن جي صحبت ۾ پيدا ٿيل ڪٽرپڻي کي پاسي تي رکڻ.
3. پنهنجي ماحول ۽ معاشري، دوستن ساٿين، روايتي ڪتابن، نام نهاد مفڪرن، اخبارن ۽ ميڊيا جي وسيلي پيدا ٿيل سوچ کي پاسي تي رکڻ.

## آخر غيرجانبداري ڇو؟

1. ان ڪري جو الله ﷻ انسان کي پيدا ڪري پاڻ به پنهنجي زبردستيءَ سان ڪنهن خاص يا مقرر رستي تي هلڻ جو زور نه رکيو آهي. الله ﷻ چڱائي ۽ مدائيءَ جون به واٽون ۽ انهن تي هلڻ جا نتيجا ٻڌائي انسان کي آزاديءَ سان انهن مان هڪ رستي جي چونڊ جو اختيار ڏئي ڇڏيو آهي.
2. ڪٽرپڻو ماڻهوءَ جي پنهنجي ذات ۽ شخصيت ۽ سندس مرتبي ۽ حيثيت کي وڃائي ڇڏي ٿو. جيئن ته ڪٽرپڻي سان ماڻهو پنهنجي هر عمل جو اظهار ٻين جي اثر هيٺ ڪري ٿو تنهنڪري هو آزاديءَ سان يا پنهنجي ارادي ۽ مرضيءَ سان ڪوبه ڪم نه ٿو ڪري سگهي.
3. ڪتب، مٽ مائٽ، دوست سنگتي، مرشد، ماحول ۽ معاشرو ماڻهوءَ جي سوچ ۽ فڪر کي هڪ قالب ۾ وجهندا آهن. اصل ۾ ماڻهو ڪنهن به قالب ۾ فِٽ ٿيڻ واري مخلوق ڪونهي. حقيقت ۾ انسان پنهنجي سوچ ۽ عمل جي مدد سان ارتقا جي عمل مان لاڳيتو لنگهندڙ هڪ ذات آهي. تنهنڪري انسان جيڪڏهن زوريءَ ڪنهن قالب ۾ فِٽ ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو ته پوءِ سندس شخصيت ۽ مرتبي جي واڌ ويجهه ڪونه ٿي سگهندي.





هاڻي جيڪڏهن اوهان غيرجانبدار ۽ ڪٽرپڻي کان آجا آهيو ته پوءِ اوهان ڀڪ سان سليم فطرت تي آهيو. سليم فطرت اها آهي جيڪا نج صورت ۾ الله پاڪ اوهان لاءِ ٺاهي آهي. دنيا ۾ سڀ انسان ان سليم فطرت تي پيدا ٿيندا آهن، پر پوءِ ڪين والدين ۽ معاشرو مختلف مذهبن ۽ مختلف طريقن جو پيروڪار بڻائي ڇڏيندا آهن.

انسان جيئن ته اشرف المخلوقات آهي، تنهنڪري کيس قدرت پاران وجدان، حواس، عقل ۽ وحيءَ جهڙا هدايت جا چار بندوبست ڪري ڏنا ويا آهن. انهن مان پهريان ٻه ذريعا انسانن ۽ ٻين ساهوارن ۾ گڏيل آهن ۽ جڏهن ته پويان ٻه ذريعا انسان کي سندس مٿاهين حيثيت ڪري مهيا ڪيا ويا آهن. تنهنڪري انسان جي خوبي ۽ ڪمال اهو آهي ته هو عقل ۽ وحيءَ جي صورت ۾ ڏنل هدايت کي رهنما بڻائي پنهنجي زندگيءَ سفر کي جاري رکي. عقل ۽ وحيءَ جي هدايت کان پوءِ انسان پيءُ ماءُ، مٽن مائٽن، دوستن توڙي مرشدن جي طريقن تي اکيون ٻوٽي هلڻ جو روادار ڪونهي. ٻيا ساهوارا پنهنجي ضرورتن آهر وجدان ۽ حواسن جي هدايت هيٺ اکيون ٻوٽي هلندا رهندا آهن، پر انسان لاءِ عقل ۽ وحيءَ جي هدايت ملڻ ڪانپوءِ ٻيا دروازا بند ٿي ٿا وڃن.

غير جانبدار ٿيڻ ڪانپوءِ ماڻهوءَ جا پنهنجي ذات لاءِ ٽي سوال نهايت اهم آهن:

1. مان ڪير آهيان؟
2. ڇو پيدا ڪيو ويو آهيان؟
3. منهنجي اڳتي منزل يا مقصد ڇا آهي؟

انهن ٽنهي سوالن جا جواب انسان کي سچ جي دروازي تي پهچائي سگهن ٿا.

انهن ٽنهي سوالن جا جواب اسانجو ماحول، اسان جا عزيز،

www.iqbalkalmati.blogspot.com



دوست ۽ اسان جون مروج روايتون فراهم نٿا ڪري سگهن. بلڪ اسان کي اشرف المخلوقات جي خاصيت بخشيندڙ وجدان، حواس، عقل ۽ وحي گڏجي عطا ڪري سگهن ٿا. اسانجي وجدان کي مفيد ۽ غيرمفيد طبعي ضرورتن جي سڃاڻ جي مد کان هدايت عطا ٿيل آهي. جڏهن اسان ٻار هئاسين، تڏهن به باهه جي شعلي کان ڇرڪندا هئاسين ۽ ڏک ڪائڻ کان بچندا هئاسين.اسان جا حواس اسان جي خطري ۽ اطمينان جي تميز رکن ٿا ۽ اسان جو عقل سوچڻ، سمجهڻ ۽ پرکڻ جي معاملن ۾ اسان جو رهنما رهيو آهي. هُن حق ۽ سچ جي لقائن ۽ اصولن کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ اسان جي هميشه مدد ڪئي آهي. انساني فطرت جون جيڪي چڱايون آهن، عقل انهن جي فوري صداقت بابت رهنمائي ڪئي آهي. ۽ جيڪي مدايون آهن، عقل انهن جي به تڪڙي نشاندهي ڪئي آهي. عقل انسان جي تخليق کان وٺي ڪائنات جي هن سڄي نرالي تخليق تي غور ۽ فڪر ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. صالح انسانيت جا معيار پرکي ٿو صالح ۽ غيرصالح جا فرق نکيڙي نروار ڪري ٿو. پر اهي سڀ ڪم اڪيلي عقل جا ڪونهن. مد کان وٺي عقل جي هڪ خارجي رهنمائي ٿيندي آئي آهي.

جيئن اسان عام زندگيءَ ۾ ڏسون ٿا ته اکيون ڏسڻ جو خوبيءَ سان ڪم تڏهن ڪن ٿيون جڏهن اکين تي ٻاهرين روشنيءَ جو عڪس پوي ٿو. ٻاهرين روشنيءَ جو عڪس نه پوندو ته اونده ۾ روشن اکيون به پنهنجو ڪم نه ڪري سگهنديون.

بلڪل ساڳيءَ طرح انسان جو عقل به ٻاهرين روشنيءَ جي عڪس جو محتاج آهي، اها ٻاهرين روشني ئي عقل جي رهنما آهي. عقل جي پرکيل شيءِ ته اها خوبيءَ واري آهي يا خاميءَ واري ۽ ان جي خطرناڪيءَ جا نتيجا پسمنظر ۾ ڪهڙا آهن يا پيش منظر





۾ ڪهڙا ٿي سگهن ٿا. عقل انهيءَ جو ڪامل احاطو نه ٿو ڪري سگهي ڇو ته ان جو طريقه ڪار تجرباتي آهي. ساڳئي وقت بطور انسان جي اسان تڪڙن فائدن يا مفادن جي لاءِ عقل کان تڪڙا فيصلا ڪرائي ڪن شين کي پنهنجي لاءِ فائدي وارو قرار ڏياريون ٿا، ڪن شين جي باري ۾ محبت ۽ اطاعت وارن جذبن جي ڪري عقل کان زوريءَ حمايت جا فيصلا پنهنجي حق ۾ وٺون ٿا ۽ ڪن شين جي باري ۾ حمايت لاءِ ڪنهن لڪل خوف ۽ ڏهڪاءَ کي سامهون رکي پنهنجي عقل جي مٿان فيصلا مڙهيون ٿا. انهيءَ ڪري خود خلقڻهار به عقل کي ڪل حاڪم نه بنايو آهي پر عقل جي رهنمائيءَ لاءِ وحيءَ جي هدايت موڪلي آهي ته جيئن اها هدايت عقل جي سوچڻ کي متناسب ۽ مفيد رکي.

انسان جي تخليق کان وٺي سندس هدايت جي لاءِ پيغمبرن جو سلسلو قائم رکيو ويو جن وحيءَ جي هدايت سان انساني قافلي کي سندس بهتر حالتن ۾ ڪٽي هلڻ بابت رهنمائي ڪئي آهي. وحي جي هدايت انسان کي جتي پنهنجي ذات جي ارتقا ۾ به رهنمائي ڪئي آهي، اتي انسانن جي اجتماعي ترقيءَ واسطي هڪ فلاح ڀري معاشري جوڙڻ جا رستا پڻ ٻڌايا آهن.

انسان جي تخليق کان وٺي جڏهن به انساني سوسائٽيءَ ۾ انساني قدرن جي پائمالي ٿي ۽ اتي ابتري ۽ ظلم، استحصال ۽ حيواني قدرن جو غلبو ٿيو ته هر هڪ قوم ڏانهن پيغمبر آيا، جن ان ظلم، استحصال، شرڪ ۽ ابتريءَ کي ختم ڪرڻ جا جتن ڪيا. اهڙي طرح لکين نبين پنهنجا ڪروڙين پوئلڳ، صالح انسان ۽ سڌارڪ ٺاهيا جن پڻ انساني قافلي کي اڳتي وٺي هلڻ جي لاءِ وحيءَ جي انهيءَ هدايت جي روشنيءَ ۾ سچ جا اصول ۽ حق جي واٽ انسانن کي ٻڌائي. انسانن کي سچ جي واٽ تي سڏيندڙ اهو انسانن

www.iqbalkalmati.blogspot.com



جو هيڏو وڏو تعداد انهيءَ وحيءَ جي هدايت جي روشنيءَ ۾ جڙيو آهي ۽ اهي انسانيت جي اعليٰ آدرشن ۽ اصولن جي هيڏي ساري جوڙجڪ به ان وحي جي هدايت جي روشنيءَ ۾ ٿي ٿي آهي.

وحيءَ جي هدايت جو آخري محفوظ ۽ ميچوئر ذخيرو قرآن مجيد جي صورت ۾ انسانن وٽ موجود آهي، جنهن جي وحي الاهي هئڻ جي باري ۾ ڪي به به رايا ڪونهن. اهو هيئنر دنيا جي سيني وڏين ٻولين ۾ ترجمو ٿيل آهي ۽ ان کي پڙهي ڪيس عقل جو رهنما بنائڻ ۾ ڪا به رڪاوٽ ڪونهي.

انهيءَ ڪري اوهان موجوده فرقيواراڻي ماحول ۾ ڪنهن خاص گروهه جو پوئلڳ بڻجڻ بدران آزاداڻي انداز ۾ حق ۽ سچ جا ڳولائو بڻجي عقل ۽ وحي جي ذريعي جڏهن پنهنجي باري ۾ انهن ٽن سوالن جو جواب ڳولڻ شروع ڪندؤ ته

1. مان ڪير آهيان؟
2. ڇو پيدا ڪيو ويو آهيان؟
3. منهنجي اڳتي منزل ۽ مقصد ڇا آهي؟

ته اوهان جي لاءِ سچ جي واٽ پڌري ٿي پوندي ۽ اوهان پاڻ سچ جي واٽ جا واٽهڙو ٿيندؤ.

قرآن مجيد اوهان کي ٻڌائيندو ته:

- انسان تون اشرف المخلوقات آهين.
- الله ﷻ جو ڌرتيءَ تي خليفو ۽ نائب آهين.
- تنهنجي زندگيءَ جو سفر هن جهان ۾ پورو نٿو ٿئي. بلڪ هن جهان ۾ توکي صالح عملي زندگيءَ جي ذريعي آزمائشن مان گذرڻو آهي،
- تخليقي طرح توکي بشر ڪري پيدا ڪيو ويو آهي.
- توکي علم، تزڪيي ۽ پنهنجي صالح عملي زندگيءَ جي ذريعي وسيلي بشر کان انسان ڏانهن وڌڻو آهي.





- انهيءَ سان پاڻ کي ڌرتيءَ تي قدرت جي مثالي مخلوق ثابت ڪرڻو آهي.
- تون پنهنجي عملن وسيلي انسانن واسطي نفعي بخش بڻجي پاڻ کي مثالي مخلوق ثابت ڪر.
- تون الله ﷻ جي معرفت حاصل ڪري ان جي نيابت جو حق ادا ڪر.
- پنهنجا مرتبا بلند ڪر ۽ سرخروئي حاصل ڪر.
- ته جيئن تون الله ﷻ جي قربت جو حقدار بڻجين.
- ابدي زندگيءَ ۾ ملئہ الاعليٰ ۾ الله ﷻ جي قربت ماڻين وٺين.
- ان ابدي زندگيءَ ۾ الله سائين روزانو توڏي چاهت جي نظر سان نهار ڪري ۽ وري وري توسان محبت جو اظهار ڪري.

انهيءَ کان سواءِ مذهب ۽ دين ڌرم جي نالي ۾ جيڪو عام طور تي ماڻهوءَ کي ڀنيلايو ۽ ڀانت ڀانت جي عقيدن ۽ وهمن ۾ ڦاسايو وڃي ٿو سو مذهبي پيشه وريت ۽ تفرقو آهي، ڪٽر پڻو آهي، ڌرمي قيد آهي، جنونيت آهي. ماڻهن جي سادگي مان فائدو وٺي پنهنجي پيشه وريت جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مذهب جي نالي تي هرهڪ ناٽڪ رچايو وڃي ٿو. قرآن مجيد کي ترجمي سان سمجهي پڙهي ڏسندا ته اوهان ڪيترن ماڻهن کي روايتي دينداري ۽ فرقيواريت جي هڪ وڏي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل محسوس ڪندؤ. پر ياد رکو ته اوهان مان جيڪي به ماڻهو متوازن سوچ رکندا، ۽ قرآن جي رهنمائيءَ کي پنهنجو حقيقي هادي مڃيندا ته پڪ سان ان ڏٻڻ مان آسانيءَ سان ٻاهر نڪري ايندا.

پڪ ڄاڻو ته انساني تاريخ جي هزارين سالن جي سفر ۾ انسان سچ جي اصولن کي هميشه پنهنجي تهذيبي ترقي ۽ الاهي هدايت

www.iqbalkalmati.blogspot.com



مان ڦولهيو آهي. قرآن مجيد انسانن کي آخري هدايت جي صورت ۾ ڏنو ويو ۽ هڪ باقائدي انتظام سان ان جي حفاظت جو بندوبست ڪيو ويو. انهيءَ ڪتاب ۾ سچ جي عالمگير اصولن کي نروار ڪري بيان ڪيو ويو آهي. سچ جا سڀ عالمي ۽ آفاقي قدر قرآن مجيد ۾ سمايل آهن. اوهان اڄ ئي ترجمي سان ڏاري ڏاري ان جي هر هڪ آيت تي غور فڪر ڪري پڙهندا وڃو حق ۽ حقيقت اوهان تي پڌرا ٿيندا ويندا. ان سان اوهان پنهنجي خلقڻهار جون قربتون محسوس ڪندؤ. پنهنجي پالڻهار جون رحمتون محسوس ڪندؤ. انهي ڪري قرآن کي مرشد بڻايو ۽ پنهنجي دل ۽ روح جي دنيا کي فرقيوارائٽي ۽ ڪٽرپڻي جي پوسٽ مان ڪ ي روشن فڪريءَ جون اهي حقيقتون ۽ بشارتون ماڻيو جيڪي پيغمبرن ۽ سڏارڪن پنهنجي پوئلڳن کي ڏنائي ڪين اطمينان جي زندگي ۽ ڪامرانيون عطا ڪيون ۽ ساڳئي اطمينان ۽ ڪامرانين کي اوهان به ماڻي وٺو:

رباني دعوت سچ کي سمجهڻ, سچ کي اپنائڻ ۽ سچ کي ڦهلائڻ لاءِ روشن فڪر ماڻهن جي سرگرمي آهي. اوهان رباني دعوت جي سرگرمين ۾ شريڪ ٿي توحيد, تعليم ۽ تربيت ذريعي سماجي تبديليءَ جي عمل ۾ شريڪ ٿي سگهو ٿا.





# هن دنيا ۾ ماڻهوءَ جو اصل امتحان آهي ڪهڙو؟

الله ﷾ جڏهن ڌرتيءَ تي آدم کي پيدا ڪيو ته ملائڪن ۽ جنن کي حڪم ڏنو ته توهان آدم جي اڳيان سجدو ڪريو. ملائڪ الله ﷾ جو حڪم ٻڌندي ئي سجدي ۾ ڪري پيا پر شيطان جيڪو جنن جو سردار هو تنهن سجدو نه ڪيو. الله ﷾ پڇيس ته تو منهنجي چوڻ تي سجدو ڇو نه ڪيو؟ شيطان وراڻيو ته "مان آدم کان ڀلو آهيان. تو آدم کي مٽيءَ مان ناهيو ۽ مون کي باهه مان. "

شيطان الله ﷾ کي سجدو ڪرڻ لاءِ تيار هو. پر هو پاڻ کي وڏيڪ سمجهي آدم کي سجدي ڪرڻ تي راضي نه ٿيو. ان جو نتيجو هي نڪتو ته هو لعنتي ۽ جهنمي قرار ڏنو ويو.

زمانو بدليو ڪردار بدليا پر ساڳي ڪار آدم جي اولاد ۾ اڄ به جاري آهي. هڪ طرف فرشتا آهن, جيڪي ماڻهوءَ کي نوڙت ۽ اعتراف جو سبق ڏئي رهيا آهن ۽ ٻئي طرف شيطان آهي جيڪو انسان جي رڳن ۾ ڊوڙي ٿو ۽ ماڻهن کي ورغلائي ٿو ته اهي پاڻ کي ئي معتبر سمجهن ۽ خود پسنديءَ جي شيطاني طريقي جا پيروڪار بڻجن. دنيا ۾ زندگي گذاريندي اسان جو هر گهڙي آدم سان واسطو پوي ٿو. ان جو ڪونه ڪو حق اسان جي مٿان لهڻو هوندو آهي, پوءِ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



اهو صرف مرڪي ملڻ ئي چو نہ هجي. خدا جو حڪم هي آهي تہ مان پنهنجي مشيت سان انسان کي شرف وارو ڪري خلقيو آهي، ان ڪري هر انسان تعظيم جي لائق آهي. ان کي منهنجي مشيت جو لحاظ رکي پنهنجي حصي جي تعظيم، احترام ۽ حق ادائي بجا آڻيو. ايتري قدر جو ان ۾ ڪا مذهبي نسلي ۽ جنسي تفريق بہ حائل نٿي ٿي سگهي. هاڻي جيڪي ماڻهو فرشتن جي روش اختيار ڪن ۽ پنهنجي لاءِ الله ﷻ جي ڪيل حڪم جي شناس رکي، ائين ڪري وڃن تہ اهي الله ﷻ جا وفادار ٻانها ليکبا. اهي هن دنيا جي آزمائشن مان پار پئي (آخرت ۾) سعادت، سک ۽ سلامتيءَ جو لطف ماڻيندا ۽ الله ﷻ جي وعدو ڪيل ابدي سلامتي ۽ ڪامرانيءَ جا لهڻيدار پڻ بڻبا. پر جيڪي ماڻهو شيطان جي طريقي کي اختيار ڪندا ۽ پنهنجي ڏاڍر خاطر ٻين جي آدميت جي احترام ۽ انهن جي حقن جي ادائگيءَ لاءِ تيار نہ ٿيندا تہ اهي الله ﷻ جا بي چيا باغي ماڻهو آهن، اهي هن دنيا ۾ بہ شيطان جي حصي ۾ لعنتي ۽ ڦٽڪاريل رهندا ۽ الله ﷻ جي ان واعدو ڪيل جهنم جي عذاب جا حقدار پڻ بڻبا جتي سدائين سڙندا رهن.

شيطان جڏهن بي چيو باغي بڻيو تہ الله ﷻ ان کي پنهنجي اطاعت واري واٽ جو نااهل قرار ڏنو. تنهن تي شيطان ان وقت ئي الله ﷻ کي چيو هو تہ: "جيئن تون مون کان واٽ کسي، تيئن مان بہ تنهنجي سڌي واٽ تي ماڻهن جي تاڙ ۾ ويهندس، پوءِ انهن جي اڳيان بہ ايندس ۽ پٺيان بہ ايندس، انهن جي ساڄي کان بہ ايندس ۽ کاٻي کان ايندس. (منهنجي ٽيڙڻ کانپوءِ) تون انهن ۾ اڪثر ماڻهن کي بي شڪرو (نافرمان) ڏسندين. الله ﷻ چيس نڪر هتان ٻچڙو ٿي ۽ تڙيل ٿي. ماڻهن مان جيڪي تنهنجا پوئلڳ ٿيا تہ مان بہ توهان سيني سان دوزخ کي ڀريندس." (الاعراف – 16 – 17)





انسان الله ﷻ جو ٻانهو آهي، ان کي عبديت جو اصل سجدو تہ الله ﷻ کي ڪرڻو آهي. پر گڏوگڏ هن دنيا ۾ الله ﷻ انسان کان پنهنجي عبديت جو اظهار پنهنجي حڪمن جي تابعداريءَ جي ذريعي ڪرائڻ جي آزمائش لاءِ پڻ موڪليو آهي. انهيءَ ڪري انسان کي هر قدم تي ٻين انسانن سان پنهنجي سلوڪ ۾ روين جا حڪم بہ موڪليا اٿس. زندگيءَ جي هر لمحي تي جڏهن وري وري انسان کي ٻين انسانن جي حقن سان واسطو پوي ٿو تہ الله ﷻ بہ وري وري حڪم ڪري ٿو تہ تون هتي آدم جي تعظيم ۽ حق ادائيءَ لاءِ هر وقت تيار رهہ. اهوئي هن دنيا ۾ انسان جو اصل امتحان آهي.

الله ﷻ کي ظاهري سجدو ڪرڻ لاءِ ماڻهو آسانيءَ سان تيار ٿي وڃي ٿو پر جتي ڪيس ڪنهن انسان جي تعظيم، اعتراف ۽ حق ادائي لاءِ ڪنهن انسان بابت خدائي حڪم جو سوال اڳيان اچي وڃي ٿو تہ اتي فوراً منجهس ابليس واري نفسيات جاڳي پوي ٿي تہ "مان انهيءَ کان بهتر آهيان، مان ڇو ان جي سامهون هيڻاهون ٿيان." انسان جو اهو احساس شعوري يا غير شعوري طور تي سندس الله ﷻ جو حقيقي فرمانبردار ٻانهو بنجڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي پوي ٿو. هو جنهن الله ﷻ کي نماز ۾ سجدو ڪري رهيو هوندو آهي، انهيءَ ساڳي الله ﷻ جي پڌرن حڪمن جي باوجود "آدم" جي اڳيان جهڪڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو آهي. الله ﷻ جو ساجد ۽ عابد ٻانهو اهوئي آهي جيڪو الله ﷻ جي حڪم کي مڃي پنهنجي لهڻيدار انسان جي سامهون جهڪي پوي. جيڪو شخص الله ﷻ جي سامهون سجدا ڪري ۽ جڏهن "الله ﷻ جي عيال" انسانن سان سندس معاملو پوي تہ انهن جو حق نہ سڃاڻي ۽ آڪڙ ۽ بي انصافيءَ جو طريقو اختيار ڪري تہ اهو الله ﷻ جو ساجد بہ ڪونهي. ڇاڪاڻ تہ جتي الله ﷻ ان جي ساجد هئڻ جو امتحان وٺي رهيو هو، اتي هو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



پنهنجو پاڻ کي ساجد ثابت ڪري نہ سگهيو.

پر ماڻهن جي وچ ۾ معاملو ٿي پوي ٿو. انهيءَ معاملي ۾ هڪ حق تي هوندو آهي ۽ ٻيو ناحق تي. جيڪو ماڻهو حق تي آهي اهو چئڻ تہ ٻئي ماڻهو لاءِ وقت جو "آدم" آهي. انهن جي وچ ۾ اهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ سان ئي الله ﷾ جو هي حڪم اڳيان اچي وڃي ٿو تہ انهي ماڻهو جي اڳيان منهنجي حڪمن جي پورائي خاطر جهڪي پئہ. هاڻي جيڪو ماڻهو پنهنجي حريف جي حق کي مڃيندي پاڻ کي جهڪائي ڇڏي تہ ان فرشتن جي پيروي ڪئي. ۽ جنهن شخص جي "مان" حق جي مڃوتيءَ ۾ رڪاوٽ بڻجي وڃي ۽ انهيءَ ذهن هيٺ لهڻيدار جي اڳيان جهڪڻ کان انڪار ڪري تہ منهنجي پوزيشن مضبوط آهي ۽ هي شخص منهنجو ڪجهہ بہ بگاڙي نٿو سگهي تہ انهيءَ ابليس جي پيروي ڪئي. هاڻي الله ﷾ جي اڳيان سجدو ڪرڻ سندس عبديت جو اظهار ۽ ڇوٽڪاري جو سبب نٿو بڻجي سگهي. الله ﷾ جي آڏو سجدو صرف انهيءَ شخص جو اعتبار جوڳو آهي جيڪو الله ﷾ جي مشيت ۽ سندس ڏنل حڪمن جي پوئيواريءَ ۾ ان جي هٿن سان ٺاهيل "آدم" جي سامهون جهڪڻ تي راضي ٿي وڃي. جيڪو ماڻهو هي چوي تہ مان الله ﷾ کي مٿو ٽيڪيندس پر "آدم" جي لهڻيداريءَ جو لحاظ نہ ڪندس اهو شيطان جو پاءُ آهي. ان جي سجدي جي الله ﷾ وٽ ڪابہ قيمت ڪونهي. چاڪاڻ تہ هن "آدم" جي لهڻيداريءَ جو انڪار ڪري وڏائي ۽ ڪبر جو مظاهرو ڪيو آهي. جيڪو پنهنجي اندر ۾ وڏائيءَ جي نفسيات جي پروش ڪري، ان جو ڪوبہ عمل الله ﷾ قبول ئي نٿو ڪري.

پهرئين انسان (آدم) جو قصو سڌو سنئون الله ﷾ جي سامهون پيش آيو هو. هاڻي دنيا جي زندگيءَ ۾ هر گهڙي اهو قصو الله ﷾ جي





غيب ۾ پيش اچي رهيو آهي. اڄ الله ﷾ اسان جي سامهون پڌرو موجود ڪونهي. اڄ جيڪو الله ﷾ جي جاءِ تي آهي سو الله ﷾ جو ڪتاب ۽ ان جي رسول ﷺ جو طريقو آهي. انهيءَ سان گڏ انسان جو پنهنجو ضمير آهي جيڪوقالو بليٰ جي اقرار سان اندر مان ڪيس آواز ڏيندو رهي ٿو. روزاني زندگيءَ ۾ جڏهن انسانن سان اسان جو واسطو پوي ٿو ۽ هي تقاضا بڻجي ٿي تہ اسان ان جي لهڻيداريءَ جو اعتراف ڪريون، اهو اعتراف ڪنهن کان معذرت ۽ معافي وٺڻ جي صورت ۾ لفظي طور هجي يا ڪنهن کي پنهنجي حق جو مالڪ بنائڻ جي عمل جي صورت ۾، انوقت چئڻ تہ خاموش زبان ۾ الله ﷾ جو حڪم اسان وٽ پهچي وڃي ٿو تہ انهيءَ "آدم" جو جيڪو بہ حق تنهنجي مٿان آهي، اهو ادا ڪر. پهرين لفظن ۾ ان جي سامهون جهڪي پئہ. جيڪڏهن لفظي اعتراف جو معاملو آهي تہ لفظن ۾ ان جي صداقت جو اعتراف ڪر ۽ جيڪڏهن عملي حق جو معاملو آهي تہ عملي طور تي پاڻ دستبردار ٿي ان جو حق ادا ڪر. اهڙي موقعي تي جيڪي ماڻهو الله ﷾ جي خاموش آواز تي جيءُ چون ۽ فوراً ان جي تعميل ڪن تہ اهي امتحان ۾ پار پئجي ويا. پر جيڪي ماڻهو "مان ان کان مٿانهون آهيان"، "مان ان کان بهتر آهيان" ۽ "مان وڏيڪ طاقتور آهيان" جهڙي نفسيات ۾ وڪوڙجي وڃن ۽ "آدم" جي اڳيان جهڪڻ کان انڪار ڪري ڇڏين تہ اهي امتحان ۾ ناڪام ۽ نامراد ٿيا. پوءِ پهرئين قسم جي ماڻهن لاءِ فرشتن وارو انجام آهي يعني الله ﷾ ۽ سڄي مخلوقات جي محبوبيت ۽ ٻئي قسم جي ماڻهن لاءِ ابليس وارو انجام آهي. يعني الله ﷾، فرشتن ۽ سڄي مخلوقات جي ڦٽڪار.

الله ﷾ کي سجدو ڪرڻ لاءِ ماڻهو آسانيءَ سان تيار ٿي وڃي ٿو. چاڪاڻ جو الله ﷾ جي باري ۾ ڪنهن جي اندر ۾ "مان انهيءَ کان

www.iqbalkalmati.blogspot.com



وڏو آهيان“ جي نفسيات نہ هوندي آهي. جڏهن تہ انسان جي مقابلي ۾ پانت پانت جون نفسياتي ڳنڍ يون پڌل هونديون آهن. جيڪي هڪ ماڻهوءَ جو ٻي ماڻهوءَ جي اعتراف ۾ رڪاوٽ بڻيل هونديون آهن. الله ﷻ ڪنهن ماڻهوءَ جو حريف ناهي، جڏهن تہ انسان تمام اپهرائپ ۾ ٻئي ماڻهوءَ کي پنهنجو حريف سمجهي ويهي ٿو ۽ سندس مقابلي ۾ پنهنجي جهڪڻ کي عزت جو سوال بڻائي ويهي ٿو. الله ﷻ جي اڳيان ماڻهوءَ جي نفسيات محتاجيءَ جي نفسيات هوندي آهي. الله ﷻ صرف ڏيڻ وارو آهي، کيس ڪنهن کان وٺڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي. پر انسان جومعاملو مختلف آهي. هتي هڪ شخص جڏهن ٻئي شخص جي آڏو جهڪي ٿو تہ کيس ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيڻو پوي ٿو. ڪڏهن سنا لفظ، ڪڏهن ان جي حق تي هئڻ جو اعتراف، ڪڏهن ان جو مالي يا مادي حق ادا ڪرڻ، ڪڏهن اڳلي جي ڏهري حيثيت جي باوجود ان جي عزت خاطر ان کي درگذر ڪرڻ، ڪڏهن پاڻ کي پوئتي ڪري ان کي اڳتي ڪرڻ، ڪڏهن هڪ شخص جي اتفاقي غلطيءَ مان فائدو وٺڻ جو موقعو هجڻ جي باوجود انصاف جي خاطر چپ رهڻ، ڪڏهن سامهون نظر ايندڙ نفعي کي ڇڏي اصولن خاطر ڪمزور ۽ بي نفعي ماڻهوءَ جو ساٿ ڏيڻ. مطلب تہ ماڻهوءَ جي اڳيان جهڪڻ جو جڏهن بہ مسئلو هوندو آهي تہ ان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيڻ جو مسئلو هوندو آهي. جڏهن هو ڪنهن حريف جي عزت ڪندو آهي تہ اهو پنهنجي عزت کي خطري ۾ وجهڻ جي قيمت تي ڪندو آهي. اهڙيون ڳالهيون ڪنهن انسان کي الله ﷻ جي مقابلي ۾ ”آدم“ جي اڳيان جهڪڻ کي بيحد مشڪل بڻائي ڇڏينديون آهن. پر اهي ئي ڳالهيون هونديون آهن، جتي انسان جو اصلي امتحان ٿي رهيو هوندو آهي. اهائي اصل قرباني هوندي آهي جيڪا هر هڪ کي پنهنجي الله ﷻ جي رضا لاءِ





ڏيڻي آهي. جيڪو انهيءَ قربانيءَ جي لاءِ تيار نہ ٿيو اهو ڪڏهن بہ الله ﷻ جو محبوب ٻانهو نٿو بڻجي سگهي. پوءِ توڙي هو الله ﷻ جي آڏو بظاهر سجدا ڪندڙ هجي توڙي نہ ڪندڙ هجي.

سڀ کان وڏي حقيقت الله ﷻ رب العالمين آهي. ان ذات کي ماڻي وٺڻ ئي ماڻهوءَ جي سڀ کان وڏي ڪاميابي آهي. موجوده دنيا ۾ ماڻهو پنهنجي مالڪ جون وڏ ۾ وڏ قربتون ”سجدي“ ۾ ئي ماڻي ٿو. پر سجدو ان وقت حقيقي سجدو بڻجي ٿو جڏهن سجدي کان ٻاهر جي دنيا ۾ ماڻهو نوڙت ۽ جهڪڻ جي زندگي اختيار ڪري چڪو هجي. اهڙو شخص پنهنجي شخصيت جي لحاظ کان انهيءَ لائق بڻجي ويندو آهي جو هو الله ﷻ جي تجليات ۽ مهربانين مان ميڙا چونڊي ڪري سگهي. پوءِ ان جي لاءِ سجدو حقيقي معنيٰ ۾ ملاقات جو هنڌ بڻجي پوندو آهي. ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو سجدي کان ٻاهر جي زندگيءَ ۾ سجدي جي عملي تقاضائن جي ابتڙ خود پسند آڪڙيلو ۽ متڪبر بڻيل هجي، شيطان ان جي حواسن تي سوار ٿي ويندو آهي. نتيجي ۾ ان جو سجدو غفلت ۽ بنا سرور جي هوندو آهي. ان جو سجدو نہ کيس الله ﷻ سان ٿو ملائي ۽ نہ کيس الله ﷻ جي ويجهو ڪري ٿو.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



# شيطان جا ساٿي طبقا اوهان جي چوڌاري موجود آهن

الله ﷻ جي پاران ڌنل نيڪاليءَ کان پوءِ شيطان انسانن کي ٿيڙڻ جو جيڪو پهه پچايو هو، ان وقت کان ئي ان ڪم کي لڳي ويو. پنهنجي ڪم کي سرانجام ڏيڻ جي لاءِ هُن ٻه طريقا اختيار ڪيا. هڪ ته هن وسوسن ۽ جمالياتي فريب ڪاريءَ جي ذريعي انسانن کي گمراهه ڪرڻ شروع ڪيو، ان ۾ هن انسا ن کي قدرت جي پاران ڏنل نيڪي ۽ بديءَ جي راهه تي هلڻ جي خوداختياري حق جو فائدو وٺي انسان کي بديءَ جي واٽ تي هلڻ لاءِ سندس نفس اماره کي هر کايو.

نفس اماره هي آهي ته خواهشن، لونجهه ۽ جذبات جي ڊوڙ ۾ انسان جا پنهنجا غلط فيصلا ڪيس غلط رستا اختيار ڪرڻ لاءِ اڀاريندا آهن ۽ شيطان موقعو ڏسي وجهه وٺي ڪيس وسوسن، هر ڪائڻ ۽ جمالياتي فريب ڪاريءَ سان انهن غلط فيصلن تي هلڻ جي ترغيب ۽ هُشي ڏيندو رهندو آهي. ان جي ٻي حالت نفس لوامه آهي، هي انساني شخصيت جي اها ڪيفيت آهي جنهن ۾ منجهس نيڪي ۽ بديءَ جي ڇڪتاڻ بيدار ٿي پوندي آهي، پهريائين انسان هڪ غلط فيصلو ڪري ويهندو آهي، جڏهن ڪيس انهيءَ جو احساس ٿيندو آهي ته هو پنهنجي ڪئي تي نادم ٿيندو آهي ۽ هو





شيطان ۽ ان جي وسوسي ۽ ان جي ساٿين جي هُشيءَ ڏانهن متوجهه ٿيڻ تي پاڻ کي ملامت ڪندو آهي ۽ آئنده واسطي انهن جي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويهندو آهي. اهو ندامت جو احساس به انسان جي خوبي آهي. حيوان انهيءَ احساس ۽ جذبي کان محروم هوندا آهن. جڏهن نيڪي ۽ بديءَ جي انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ نيڪيءَ جي قوت بديءَ جي مٿان حاوي ٿي وڃي ته ڪيس انهيءَ ڇڪتاڻ کان نجات ملي پوندي آهي. قرآن حڪيم انهيءَ کي نفس مطمئنه جو نالو ڏنو آهي. موجود دور ۾ انهيءَ کي متوازن شخصيت (Balanced personality) چئجي ٿو. انهيءَ جي ڪري متوازن شخصيت يا نفس مطمئنه واري ماڻهوءَ کي ڪوبه اندروني وسوسو يا باطل قوتن جو ٻاهريون وسوسو يا نظر نه ايندڙ شيطان جي جمالياتي فريب ڪاري (شين کي خوبصورت ۽ فائدي وارو ڪري ڏيکارڻ) يا نظر ايندڙ شيطاني قوتن جي لالچ ۽ مفاد يا خوف، انهن مان ڪوبه اثر غالب پئجي نه سگهندو آهي. انهيءَ ڪري جو ان کي پنهنجي خالق جي ڏسيل هدايت مطابق هي پڪو يقين هوندو آهي ته سندس ڪم ۽ جذبا سندس خالق جي تخليقي مقصدن جي مطابق سرانجام ٿي رهيا آهن. اها الله ﷻ جي رضا ۽ حڪمن تي هلڻ واري زندگي آهي. اهڙي مطمئن نفس جي هي زندگي به اطمينان واري گذرندي آهي ۽ ابدي زندگيءَ ۾ سڏي ڪري ان کي چيو ويندو : اي مطمئن نفس وارا ماڻهو، موٽي هل پنهنجي رب ڏانهن. خوش ٿي جو اهو توکان راضي آهي. پوءِ هليو وڃ منهنجي ٻانهن ۾ ۽ گهڙي پئو منهنجي جنت ۾ (الفجر 28_30)

شيطان انسان کي گمراهه ڪرڻ جو ٻيو طريقو حزب الشيطان يعني پنهنجي شيطاني جماعت کان ڪم وٺڻ جو اختيار ڪندو آهي. جيڪي ان وانگر ئي الله ﷻ جا ٻي چيا باغي ٻڌيل هوندا آهن. قرآن حڪيم انهن جو ڏس هن طرح سان ڏنو آهي:

www.iqbalkalmati.blogspot.com



اِسْتَحْوَذَ عَلَيْهِمُ الشَّيْطٰنُ فَاَنْسٰهُمْ ذِكْرَ اللّٰهِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ حِزْبُ الشَّيْطٰنِ ۭ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ الشَّيْطٰنِ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ؀ (المجادله 19)

ترجمو: ”شيطان (۽ ان جون سرڪش ۽ خود غرض قوتون) انهن جي مٿان مسلط ٿي ويون آهن، جنهن ڪري انهن الله ﷻ جي اطاعت ۽ ان جي رشتي کي وساري ڇڏيو آهي. اِهي حزب الشيطان (يعني شيطان جي جماعت) آهن. پڪ ڄاڻو ته شيطان جي جماعت وارن جي لاءِ آخرڪار نقصان ۽ خسارو ئي آهي.“

انهن شيطاني قوتن جي پاران انسان کي گهيري وٺڻ جو طريقئہ واردات بہ قرآن هن طرح ٻڌايو آهي:

اِتَّخَذُوْٓا اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ؀

(المجادله 16)

”انهن پنهنجي (فريب ڪاريءَ جي ڪوڙي ٻُونگ ۽) قسمن کي ڍال بڻائي ڇڏيو آهي جنهن جي آڙ ۾ اهي ماڻهن کي الله ﷻ جي واٽ کان روڪين ٿا، انهيءَ ڪري مٿن ذلت وارو عذاب لازم ٿي ويو آهي.“

شيطاني جماعت جا ماڻهو ماڻهن کي الله ﷻ جي واٽ تي هلڻ کان روڪڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا طريقا اختيار ڪن ٿا ان جو سڄو تفصيل بہ ماڻهن کي خبردار ڪرڻ لاءِ قرآن ۾ بيان ڪيل آهي. اهي شيطاني قوتون جدا جدا انفرادي حيثيت ۾ بہ اهو ڪم سرانجام ڏين ٿيون ۽ ادارن جي منظم شڪل ۾ بہ اهو ڪم سرانجام ڏين ٿيون. اهي چار ادارا آهن:

(1) فرعوني ادارو
(2) هاماني ادارو
(3) قاروني ادارو
(4) آذري ادارو





## (1) فرعوني ادارو:

هي ادارو آمريت ۽ سرڪشيءَ جي علامت آهي ۽ پاڻ کي حاصل اقتداري ۽ رياستي سگهہ جي بنياد تي عوام کي غلامانہ حيثيت ۾ رکڻ جو روادار هوندو آهي. الله ﷻ جي حاڪميت ۽ قانونن کي نہ مڃيندو آهي، ان ڪري رعيت کي انهن قانونن تي عمل ڪرڻ جو موقعو ئي نہ ڏيندو آهي. ويتر پنهنجا آمراڻا حڪم نافذ ڪري ماڻهن کي اطاعت لاءِ مجبور ڪندو آهي. ڪڏهن بظاهر مسلمان جي روپ ۾ قسم کائي ماڻهن کي هي تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهندو آهي تہ هو دين جو محافظ آهي. ماڻهن ۽ ملت جو سڄڻ آهي ۽ حقن جو محافظ آهي، انهيءَ لاءِ ڪوڙ بدوڙ جا ماڻهن کي ڪيترائي نڳيءَ جا ناهہ ڏيکارڻ ۾ ڪامياب بہ ٿي ويندو آهي پر جيئن تہ هو :

(1) صلواة: اهڙو فطري معاشرو جنهن ۾ خدا جي بندن کي پنهنجي عبديت اظهارڻ جا موقعا ملن.
(2) انفاق: دولت جي اهڙي تقسيم جنهن سان ماڻهن جو بنيادي ضرورتون پوريون ٿين.
(3) معروف: اعليٰ انساني قدرن جي حڪمراني
(4) منڪر: انسانيت ڪش ڪمن جي حوصلہ شڪني وارو.

سماجي انصاف تي ٻڌل نظام جو قيام، پنهنجي استڪبار ۽ آمرانہ غرضن ۾ رڪاوٽ سمجهندو آهي انهيءَ ڪري ظلم ۽ نڳيءَ تي آمريت جا چنبا مضبوط ڪري رکندو آهي. انهن چنبن مضبوط ڪرڻ ۾ ٻيون ٽي قوتون هاماني، قاروني ۽ آذري جماعتون سندس سهڪاري رهنديون آهن. ان جي نتيجي ۾ هڪ طرف عوام جي اڪثريت پنهنجي انساني حقن کان محروم رهجي ويندي آهي تہ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ٻئي طرف وري اها اڪثريت الله ﷻ جي حڪمن مطابق پنهنجي زندگي بسر ڪرڻ جي لائق نہ رهندي آهي. انسان کي معاشي طورتي بدحال ڪري فقر ۽ فاقي سان ڪفر جي ڏهڻ ۾ ڌڪيو ويندو آهي ۽ هر طرف کان سودي نظام جو گهيراءُ هوندو آهي.

## (2) هاماني ادارو:

انهيءَ کي فرعون ۽ آمريتون پنهنجي تائيد, مدد ۽ خدمت لاءِ قائم ڪندو آهي, اهو ڪم موجوده دور ۾ حاڪمن جون دلال پارٽيون ۽ ايجنسيون ڪنديون آهن. انهيءَ اداري جي ذميدارين ۾ فرعوني حڪم قبول ڪرائڻ ۽ انهن تي عملدرآمد ڪرائڻ هوندو آهي. فرعوني حڪومت کي مضبوط بنائڻ خاطر رعيت کي بنيادي انساني حقن کان غافل ۽ محروم رکڻ خاطر تدبيرون ڪرڻ ۽ حڪمت عمليون جوڙڻ ۽ پروپيگنڊه جي ذريعي آمريت ۽ استڪبار کي ٽيڪو ڏيڻ, رباني سماجوادي نظام جي امڪانن کي ختم ڪرڻ ان جي سرگرمين ۾ شامل هوندو آهي. هن اداري جو سڀ کان وڏو ڪرشمو هي هوندو آهي تہ اهو چئني شيطاني ادارن جي وچ ۾ خفيہ رابطہ ڪاري ڪندو آهي. ۽ انهن جي گڏيل سهڪار سان عوام جي ڀلائيءَ جا سگهارا قومي ادارا وجود ۾ اچڻ ئي نہ ڏيندو آهي. جيڪڏهن ماڻهن ۾ اهڙي آرزو پيدا ٿي پوي تہ ان صورت ۾ هو خطرناڪ منصوبا جوڙي اهڙين خواهشن جا ترا لڳائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. خلق خدا الله ﷻ جي وات تي هلي پوي ۽ رباني سماجوادي معاشرو وجود ۾ آڻي سڀني انسانن کي برابريءَ جي بنياد تي وسيلن ۽ بنيادي حقن جو موقعو فراهم ڪري, هاماني ادارو اهڙن سڀني امڪانن کي ختم ڪرڻ جون رٿابنديون ڪندو آهي.





## (3) قاروني ادارو:

هي جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جو گروهہ هوندو آهي, جيڪو هاماني اداري وانگر فرعوني حڪومت جو پاليل ۽ ان کي ٽيڪ ڏيندڙ هوندو آهي. پنهنجي چوڌاري ماڻهن کي محتاج ۽ غلام بڻائي رکڻ هن گروه جي ابليسي خصوصيت آهي. هن گروهہ وارا ماڻهن جو استحصال ڪرڻ ۽ حق ڦٻائڻ جا ماهر هوندا آهن ۽ پنهنجي جاگيرن ۽ ماتحتيءَ ۾ رهندڙ هارين ۽ پورهيتن جي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت جي بندوبست کان لنوائيندا آهن تہ جيئن انهن ۾ ڪڏهن بہ تبديليءَ جو اُڀار ۽ سرگرمي پيدا نہ ٿئي. نتيجي ۾ انهن جو جوان ٿي وڃڻ جي باوجود وڏو تعداد قرآن جي ٻڌايل زندگيءَ جي جمالياتي قدرن, معرفت ۽ حقيقت, علم ۽ ڏاهپ جي شعور ۽ برڪتن کان محروم رهجي ويندو آهي. ايستائين جو انهن کي پنهنجي انساني حقن جو شعور بہ نہ رهندو آهي جو انهن جي حاصلات لاءِ ڪٽي جهد ۽ جاکوڙ ڪري سگهن. سندن ذهنيت غلاماڻي بڻجي پوندي آهي ۽ ان زندگيءَ تي قائم رهڻ جا عادي بڻجي پوندا آهن. دل جي دنيا جو شعور انهن وٽ نہ رهندو آهي جو مذهبي پيشہ ورن جي مٿان ايمان ۽ تقديس جو عقيدو رکڻ جي ڪري سندن دلين کي تالا لڳي ويندا آهن ۽ ذهنن جي مٿان پردا پئجي ويندا آهن. انصاف پسنديءَ ۽ حق پرستي جي ديد, ذوق ۽ چاهت منجهائن ختم ٿي ويندي آهي. انهيءَ ڪري جيئن چڱي ۽ بڇڙي حالت, صورت ۽ رويي ۾ بہ فرق نہ ڪري سگهندا آهن, تيئن گهڻو ڪري حق پرستيءَ جي مخالفت ۾ اُيا ۽ اڳرا نظر پيا ايندا, شرڪ جي بڇڙاين ۽ گمراهيءَ جي گهيرائن جي ڪري حق ۽ باطل ۽ سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق ڪرڻ کان محروم هوندا آهن.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



قاروني طبقو جيئن تہ پئسي تي پئسو ڪمائڻ جو روادار هوندو آهي، انهيءَ ڪري هارين، پورهيتن ۽ ڪمزورن جي لهڻي ليکي جو استحصال ڪري، انهن جي ڪمائيءَ تي عيش عشرت جي زندگي گذاريندو آهي. انهن استحصالي طريقن کي لڳاتار جاري رکڻ جي لاءِ ضروري هوندو آهي تہ هو فرعوني ۽ هاماني ڪلاس جو ساٿ ڏئي رباني سماجوادي نظام قائم ٿيڻ نہ ڏين. سماجوادي نظام انسانن جي آزادين، اجتماعي ڪفالت ۽ منصفاڻي نظام جي تقاضا ڪندو آهي، انهيءَ ڪري ننهن چوٽيءَ جو زور لائي هو اهڙي نظام جي سيني امڪانن کي رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ اهڙين ڪوششن ۾ چوٿون ابليسي ساٿي "آذري ادارو" سندن بيحد مددگار بڻبو آهي.

### (4) آذري ادارو:

مذهبي پيشوائيت جي صورت ۾ هي ادارو ماڻهن جي لاءِ وڏي تقديس جي صورت اختيار ڪري وٺندو آهي. دنيا جي ٿورڙي نفعي جي لاءِ هي گروهہ الله ﷾ جي آيتن کي وڪرو ڪندو آهي. تان تہ هر صورت ۾ انهن جي مسند ارشاد ۽ ڪوڙي فضيلت قائم رهي. هن گروهہ جي باني آذر نمرود جي ڪوڙي خدائيءَ کي ٽيڪو ڏيڻ جي لاءِ شرڪ جي طريقن کي "وسيلي"، "شفا" ۽ "مقرب" جي نالي کي استعمال ڪيو ۽ پوءِ يهودين جي احبار ۽ رهبان ۽ مسلمانن جي مشائخن ۽ ڏنڊوڙي مُلن مولوين انهيءَ کي اپنايو.

آذري پيشوائيت جا بہ وڏا حربا رهيا آهن. (1) فن تاويل بالباطل يعني ڪوڙين تاويلن جي ذريعي حلال کي حرام ۽ حرام کي حلال بنائڻ (2) فن تسميه بالباطل يعني تقديس جي لباس ۽ نالن واريون مذهبي رسمون وجود ۾ آڻي ماڻهن کي حق، جدوجهد ۽





مزاحمت جي واٽ کان اوجهل رکڻ. انهن ٻنهي طاغوتي طريقن کي ابليس پنهنجي وسوسن ۽ فريب ڪاريءَ سان ماڻهن کي دل لڀائيندڙ ڪري ڏيکاريندو آهي ۽ ويچارا سادڙا ماڻهو شيطان جي وڪڙ ۾ اچي ايمان، تقويٰ ۽ توحيد جي اطمينان ۽ سلامتيءَ واري زندگيءَ کان محروم رهجي ويندا آهن. منجهائن حق جو ساٿ ڏيڻ، ظلم جي خلاف مزاحمت جي رستي تي هلڻ ۽ غلامين جي خاتمي لاءِ وڙهڻ جي امنگ ئي ختم ٿي ويندي آهي. شيطان جون جادوئي ترڪيبون اهڙن ماڻهن کي توحيد ۽ آزاديءَ جي هيڏي ساري مايا کان محرومي ۽ ابدي زيان جي طرف سوچڻ جو موقعو ئي نہ ڏينديون آهن ۽ نہ ڪو ڪين احساس جاڳندو آهي، نہ ڪين آخرت ۾ الله ﷾ جي سامهون سرخروئي سان پيش ٿيڻ جو فڪر هوندو آهي، نہ الله ﷾ جي قربتن ۽ رضا ماڻڻ جو اشتياق هوندو آهي ۽ نہ وري الله ﷾ جي موڪليل هدايت ۽ نبي ڪريم ﷺ جي طريقي تي هلي انهيءَ جي جماعت ۾ ڳنڍجڻ جي امنگ هوندي اٿن. پنهنجي مسلسل نادانين جي ڪري اهي ماڻهو پيرن، فقيرن جي درگاهن ۽ قبرن تي ڀٽڪي انهن کي الله ﷾ وانگر پنهنجو مددگار ۽ مالڪ بڻائي الله ﷾ جا گستاخ ۽ بي ادب بڻجي ويندا آهن تہ نتيجي ۾ الله ﷾ پاڪ جي بي پرواهہ ذات بہ انهن جي مٿان پنهنجي رحمت جو هٿ مٿي ڪڍي وٺندي آهي. پوءِ شيطان وڏي آزاديءَ سان انهن جي ڳچيءَ تي مسلط ٿي ويندو آهي، جيڪو ڪين ڪڏهن بہ سنڀلجڻ جو موقعو ئي نہ ڏيندو آهي ۽ اها انسان جي وڏي ۾ وڏي بدقسمتي هوندي آهي. پوءِ محروميون، اٿهوند، ذهني عذاب، چٽيون پريشانيون، خوف، ڳڻتيون، پانت پانت جون بيماريون زندگيءَ جو روڳ بڻجي وينديون آهن. نہ شخصي زندگيءَ ۾ اطمينان ۽ سلامتي حاصل هوندو آهي ۽ نہ ڪين اجتماعي زندگيءَ ۾ عدل ۽ سلامتيءَ جو نظام مهيا ٿي سگهندو آهي. هن عارضي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



زندگيءَ کان پوءِ جي اصلي ۽ ابدي زندگيءَ ۾ الله ﷾ پنهنجي عدل ۽ انصاف جي قانون سان عقيدن ۽ عملن جي جيڪو ذري ذري جو حساب وٺي ان جو بدلو ڏيندو ان جو تفصيل ته وري سڄي قرآن ۾ جابجا موجود آهي. پڪ ڄاڻجي ته الله ﷾ پنهنجي ڪيل ڳالهين تان ڪڏهن به ڦرڻ وارو ڪونهي.

اهي چارئي ادارا حزب الشيطان (شيطاني جماعتون) آهن. اهي پنهنجي هر روپ ۽ رنگ ۾ الله ﷾، ان جي موڪليل هدايت ۽ ان جي ٻانهن جا دشمن آهن. قرآن حڪيم جيئن ته نور (روشني) ۽ هدايت آهي ۽ ڳولائن کي انهن جي منزل مقصود ۽ صراط مستقيم ڏيکاري ٿو ۽ انهن لاءِ ڀروسي جو وڏو سهارو به آهي، انهيءَ ڪري شيطان ۽ سندس چار گروهه عام ماڻهن کي قرآن حڪيم کان پري رکڻ جا جتن ڪندا رهندا آهن.

جابر ۽ آمر حڪمرانن کي پڪ هوندي آهي ته قرآن جو توحيدي تصور سڀني انساني غلامين جو خاتمو آڻي هڪ الله ﷾ جي عبديت ۾ آڻڻ جو پيغام آهي ۽ الله ﷾ کي چنبڙي پوڻ جي مضبوط رسي آهي، انهيءَ ڪري انسان انهيءَ حقيقت جي رازن کان اڻواقف هجن. هاماني ادارن ۽ ايجنسين کي يقين هوندو آهي ته قرآن رباني سماجوادي نظام ۽ انساني آزادين سان گڏ اجتماعي ڪفالت ۽ منصفاڻي نظام جو شعور عطا ڪندو. انهيءَ ڪري مستڪبرن جي حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته مستضعفين (غريب پورهيت ۽ ڪمزور طبقن) جي ڳچيءَ ۾ غلاميءَ جي طوق کي اجا به سوڙهو ڪيو وڃي. اهڙي طرح مختلف حربن جي ذريعي انسانيت کي اهڙي شعور جي سرچشمي فڪر ۽ ان مقصد لاءِ ڪم ڪندڙ جماعتن کان ڪٽي رکجي. قاروني ادارو سرمائي پرستيءَ جي نظام جي تحفظ لاءِ آذري طبقي کي مراعات





ڏئي ڪيس دين جي حقيقي پيغام کي لڪائڻ ۽ خلق کي قرآن جي تدبر کان پري رکندو. ان جي عملي الاهيات ۽ ان جي سماجي شعور کان غافل رکندو ۽ ”دنيا باطل آهي“ جا فلسفا گهڙي حسنة في الدنيا جي فڪر بجاءِ دنيا کي ڪافرن جي فلاح ۽ سلامتيءَ جي جاءِ قرار ڏيندو ۽ مسلمانن کي درپيش صورتحال الله ﷾ جي مشيت قرار ڏئي ان تي صابر ۽ شاڪر رهڻ جي تلقين ڪندو رهندو آهي. هن دنيا جي ذلتن، بک ۽ بدحاليءَ کي آخرت جي آجپي سان تعبير ڪندو آهي.

قرآن حڪيم جي سورت مجادله ۾ حزب الشيطان يعني شيطان جي انهن ساٿاري طبقن جي ڪرتوتن ۽ انهن جي انجام جو وچور هن طرح ڏنو ويو آهي:

”(اي رسول) ڇا تو انهن (منافقن) ڏي نه ڏٺو جن اهڙي قوم سان دوستي رکي جن تي (خدائي نظام جي مخالفت ۽ سرڪشيءَ جي ڪري) الله ﷾ ڪاوڙيو آهي. اهي نه ئي حقيقت ۾ اوهان مان آهن ۽ نه ڪليو ڪلايو انهن مان آهن. اهي ڄاڻي ٻجهي (اوهان جي پوئلڳ هئڻ جو) ڪوڙ تي قسم کڻن ٿا. الله ﷾ انهن لاءِ سخت عذاب تيار ڪري رکيو آهي ڇو ته انهن جا ڪم بڇڙا آهن. انهن پنهنجن قسمن کي ڍال بڻايو آهي، پوءِ (ان ڍال يعني مسلمانيءَ جي آڙ ۾) ماڻهن کي الله ﷾ جي رستي (۽ ان جي قانونن) تي هلڻ کان روڪين ٿا، سو انهن لاءِ ذلت ڀريو عذاب آهي. سندن مال ۽ اولاد (جنهن جي گهمنڊ تي آهن) الله ﷾ جي (مڪافات وارن قانونن جي) اڳيان ڪين ڪجهه به ڪم نه ايندا. اهي باهه وارا آهن، ان ۾ پيا رهندا. جنهن ڏينهن الله ﷾ انهن سڀني کي (جيئرو ڪري) اٿاريندو پوءِ اهي سندس اڳيان (مسلمانيءَ جو) قسم کڻندا، جيئن اوهان جي اڳيان کڻن ٿا ۽ سمجهن ٿا ته (سندن انهن قسمن سان ڀرم رهجي ويندو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



تنهن ڪري) ڪنهن چڱيءَ حالت ۾ آهن. پڪ سان اهي پهرين درجي جا ڪوڙا آهن. شيطان ۽ ان جون سرڪش ۽ فساد پسند قوتون) انهن جي مٿان غالب ٿي ويون آهن جنهن ڪري انهن الله سبحانه وتعالى جي اطاعت ۽ ان جي اطاعت جي رشتي کي وساري ڇڏيو آهي. اهي حزب الشيطان (يعني شيطان جي جماعت) آهن. پڪ ڄاڻو ته شيطان جي جماعت وارن جي لاءِ آخرڪار نقصان ۽ خسارو ئي آهي. جيڪي الله سبحانه وتعالى ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪن ٿا سي نيٺ تمام خوار ماڻهن مان ٿيندا. الله سبحانه وتعالى جو لکيل فيصلو (قانون) آهي ته مان ۽ منهنجا رسول (حق ۽ باطل جي ڪشمڪش دوران) ضرور (باطل قوتن تي) غالب ٿيندا. بيشڪ، الله سبحانه وتعالى هر قسم جي قوتن جو مالڪ ۽ زبردست آهي. (المجادلہ 14 کان 21)

قرآن حڪيم شيطاني طبقن جي اصليت، منافقي، طريقہ واردات، مڪارين ۽ انجام کي بلڪل وائڪو ڪري ٻڌايو آهي. انهيءَ ڪري الله سبحانه وتعالى جي ساٿاري جماعت يعني حزب الله جا ماڻهو جيئن هڪ طرف پاڻ کي شيطاني وسوسن ۽ فريب ڪارين کان بچائين تيئن پاڻ کي منظم ڪري الله جي مشيت ۽ حڪمن جي سربلندي لاءِ شيطاني طبقن سان مزاحمت ۾ رهن.*





# ڇا اوهان کي الله تي ايمان جو عملي صورتون معلوم آهن؟

الله جو تصور هميشہ انسان جي روحاني ۽ اخلاقي زندگيءَ جو محور رهيو آهي. اهو اعتقاد انسان جي فطرت يا خلقت ۾ ئي شامل آهي ته هو ڪنهن برتر هستيءَ کي مڃي. قرآن مجيد ۾ ٻڌايل آهي ته حضرت آدم عليه السلام کي پيدا ڪرڻ کانپوءِ الله سبحانه وتعالى سڀني روحن کي ڪٺو ڪري پنهنجي پالڻهاريءَ جي تصديق ڪرائي. سڀني روحن جواب ۾ وراڻيو ته هائو سائين، تون اسان جو پالڻهار آهين. تڏهن کان انساني روح ۾ اها لڇ پڇ ۽ جستجو رهندي آئي آهي ته هو ڪائنات جي پالڻهار هستيءَ جو مڃيندڙ هجي.

منڍ کان وٺي مذهبن ان مقصد لاءِ انسانن جي رهنمائي ڪئي آهي پر وقت گذرڻ سان گڏ انهن طريقن ۾ ايتريون ته گهٽ وڌايون اچي ويون آهن جو اشرف المخلوقات انسان جي لاءِ اهو الله سبحانه وتعالى کي وحدانيت سان مڃڻ جو عقيدو اڪثر هنڌن تي مثالي ۽ سڦل نہ رهيو آهي. نتيجي ۾ سماجي ٽوٽي مذهبي زندگيءَ ۾ انسانن جي لاءِ انهن جا اجتماعي ٽوٽي نفسي مسئلا گنڀير بڻبا پيا وڃن.

الله سبحانه وتعالى کي مڃڻ جي لاءِ اهي ئي صورتون قابل قبول ٿي سگهن ٿيون جيڪي پاڻ الله سبحانه وتعالى پنهنجي هدايت جي آخري ايڊيشن ۽

www.iqbalkalmati.blogspot.com



انسانيت جي لاءِ رهبر ڪتاب قرآن مجيد ۾ ٻڌايون آهن. اهي نه صرف اٽل ۽ ٺوس ۽ اٽمٽ آهن بلڪ انهن صورتن کي پنهنجي اصلي شڪل ۾ مڃڻ جي نتيجي ۾ انسانيت کي انفرادي توڙي اجتماعي زندگي ۾ مثالي چڱايون، فلاح ۽ آجپو نصيب ٿيو آهي. ليڪن بدقسمتيءَ جي ڳالهه هيءَ آهي ته جيئن اسلام کان اڳ جي مذهبي پيشه ور ماڻهن پنهنجي پيشه وريت جي مفادن لاءِ مذهبي پوئلڳن کي پنهنجي خواهشن جي پويان هلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اها ساڳي ڪار مسلمانن جي پيشه ور مذهبي اڳواڻن به پئي اختيار ڪئي آهي. ليڪن قرآن مجيد جي متن جي الله سبحانه وتعالى جي پاران حفاظت جي ذمي جي نتيجي ۾ اهي پيشه ور ماڻهو ٻين مذهبن وانگر قرآن جي متن ۾ ته هٿ چراند نه ڪري سگهيا آهن پر انهن پنهنجو هٿ گهڙيل ڳالهيون مذهب جي تشريح جي سري هيٺ ان جو متن بنائڻ جون ڪوششون ڪيون آهن ۽ ان مقصد جي لاءِ قرآن جي مطالب ۽ تشريحن ۾ گهوبيون هڻڻ کان به وسان ڪونه گهٽايو آهي. دين حق جي اصل روح کان محروميءَ جي نتيجي ۾ هڪ طرف انسانيت کي نفسي ۽ ذاتي زندگيءَ ۾ خدا جي ويجهڙائي ۽ رحمت کان محروميءَ جي ڪيترن الميئن ۽ عذابن مان گذرڻو پيو آهي، ٻي طرف کوکلي ۽ رسمي مذهبيت ۽ پنهنجي حق تي هئڻ جي نالي تي فرقيواريت، فسادن ۽ باهمي جنگين جي نتيجي ۾ اجتماعي طور تي انسانيت کي جن خسارن ۽ پوڳنائن مان گذرڻو پيو آهي ان جو تفصيل بيان کان ٻاهر آهي.

اسان رڳو پنهنجي چوڌاري موجود ماڻهن جو جائزو وٺون ته انهن مان ڪيترن ماڻهن جي دعوي آهي ته اهي الله سبحانه وتعالى جا مڃيندڙ آهن پر ڏٺو وڃي ته پنهنجي خلقڻهار جي اعتراف ۽ مڃتا جي باوجود انهن جي زندگين ۾ اهو قرار، اطمينان ۽ اها سلامتي ڪونهي جيڪا الله





سبحانه وتعالى کي حقيقي طور تي مڃڻ جي نتيجي ۾ ٻانهي کي لازمي طرح حاصل ٿيندي آهي. اهڙي طرح انسانن جا مختلف گروهه ۽ قومون پنهنجي اجتماعي مسئلن ۾ فوز ۽ فلاح جي انهن حاصلات کان محروم آهن، جن جو مومنن سان حقيقي اطاعت جي صورت ۾ وعدو ڪيل آهي.

**ٻڌ سڌ تي الله جل جلاله کي مڃڻ:**

اسان کي پئدا ڪندڙ نهايت سليم ۽ مڃيندڙ فطرت تي پيدا ڪيو آهي. ليڪن بدقسمتي هي آهي ته اسان جنهن به ماحول ۾ پلئون ۽ پرورش وٺئون ٿا، اتي زندگيءَ جي جسماني اوسر وانگر پنهنجي ايماني مسئلي کي به ورثي ۾ وٺڻ تي اڪتفا ڪري ويهون ٿا. ذهني بلوغت تي پهچڻ جي باوجود پنهنجي تخليقي مقصدن جي حقيقت تي ڪڏهن به غور ويچار نٿا ڪريون ۽ نه وري پنهنجي خلقڻهار ۽ ذري ذري تي مهربانين ۽ فياضين جا پال ۽ پلايون ڪندڙ پنهنجي رب جي معرفت ۽ سڃاڻ جو اهو رستو اختيار ڪرڻ جي جستجو ۽ تلاش ڪريون ٿا جيڪو رستو ان خلقڻهار پنهنجي ڪتاب ۾ پاڻ ٻڌايو آهي. اسان پنهنجي عارضي سُک واري مستقبل کي سنوارڻ لاءِ ڏينهن رات تلاش، جستجو ۽ جهد جا رستا اختيار ڪيون ٿا پر الله سبحانه وتعالى جي باري ۾ اهڙي چاهت تلاش ۽ جستجوءَ جو فڪر ئي نٿا ڪريون جيڪو اسان کي پنهنجي رضا جي نتيجي ۾ دائمي نعمتن جو مستقبل عطا ڪندو.

الله سبحانه وتعالى کي مڃڻ جو مسئلو ايڏو سادو ۽ غير اهم به ڪونهي جو ان تي صرف ٻڌ سڌ ۽ ورثي ۾ مليل معلومات جي حد تائين بس ڪجي. نه وري اهو رڳو ملان ۽ مولويءَ جو مسئلو آهي ته اهوئي اهڙي تلاش ۽ حاصلات جو ذميوار آهي. هي ڳالهه نهايت آسانيءَ سان

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سمجهه ۾ ايندڙ آهي ته الله ﷾ انسان ذات جو خلقڻهار ۽ انهن جو پالڻهار آهي، انهيءَ ڪري هُن پنهنجي تخليق ۽ ان جي اوسر ۽ ارتقا جا به ڪي قانون ۽ ضابطا مقرر ڪيا آهن، جن کي ڄاڻڻ کان سواءِ انسان ذات جو هي ايڏو پيچيده سسٽم خوبيءَ سان هلي ڪونه سگهندو . انهيءَ ڪري ذميدار ماڻهو جيڪو واقعي ماڻهپي سان جيئڻ جي نيت رکي ٿو تنهن کي پنهنجي خالق ۽ رب جي ٻڌايل ضابطن کي ڄاڻڻ سندس سليم فطرت جي تقاضا آهي. جڏهن الله ﷾ جا ٻڌايل اهي قانون ۽ ضابطا انسان پنهنجي ۽ ڪائنات جي تخليقي پسمنظر ۾ پڙهندو ته هو پنهنجي شعور جي گهراين سان هن نتيجي تي پهچندو ته بيشڪ، هي سڀ ڪجهه ائين اجايو تخليق نه ٿيو آهي. بلڪ ڪائنات جي پيچيده ۽ وشال نظام کان وٺي انسان جي لطيف ۽ نرالي تخليق تائين سڀ الله ﷾ هڪ رٿا ۽ حڪمت جي هيٺ تخليق ڪيو آهي. اها رٿا ۽ حڪمت هيءَ آهي ته ڌرتيءَ جي مٿان انسان الله ﷾ جي خليفي جو ڪردار ادا ڪري، انسان کي بشر ڪري پيدا ڪيو ويجي ٿو. بشر کان انسان جي منزل تائين پهچڻ جو سفر انسان کي سر ڪرڻو آهي. اهو تڏهن ممڪن آهي ته هو الله ﷾ جي حقيقي سڃاڻ حاصل ڪري، ان جي صفتن کي ڄاڻي ۽ انهن صفتن پٽاندر سندس عبديت جو حق ادا ڪري.

## قرآن جو ٻڌايل ايمان بالله

ايمان بالله جي سڀ کان مٿاهين منزل هي آهي ته ماڻهو هي مڃي ته هن زمين ۽ آسمان ۾ جيڪڏهن حقيقي وجود آهي ته انهيءَ ڪائنات جي خلقيندڙ جو آهي. جيڪو ڪجهه آهي سڀ انهيءَ جو فيض آهي ۽ جيڪو ڪجهه ٿئي ٿو ان جو اصل سبب به اهو ئي آهي. ڪائنات جو سڄو نظام ان خلقيندڙ جي مقرر ڪيل قانونن





هيٺ هلندڙ آهي ۽ انهن قانونن تي سندس مڪمل ڪنٽرول آهي. ڪائنات جي شاهڪار مخلوق انسان جي لاءِ به ساڳي طرح قانون مرتب آهن ۽ انسان جيڪو به ڌرتيءَ مٿان عمل ڪري ٿو ان جا نتيجا به انهن قانونن پٽاندر متعين آهن. هي ڪڏهن به نٿو ٿي سگهي ته انسان عمل ته هڪ قسم جو ڪري ۽ نتيجو وري ٻئي قسم جو ماڻي سگهي. انسان لاءِ انهن قانونن جو سرچشمو وحي جي هدايت آهي. ان روءِ انسان سان لاڳاپيل پالڻهاريءَ جا سڀ قانون، زندگيءَ جا سڀ قانون ۽ ضابطا ۽ انسان جي فطرت ۾ سمايل عبادت ۽ نوڙت جا سڀ حق صرف ۽ صرف الله ﷾ جي لاءِ آهن. انهيءَ ڪري الله ﷾ جي ربوبيت يعني پالڻهاريءَ جي قانونن ۾ الله ﷾ جي حاڪميت يعني زندگيءَ جي سڀني ضابطن ۽ طور طريقن ۾ ۽ الله ﷾ جي الوهيت يعني عبادت جي سڀني عملن ۽ حصن ۾ انسان جيترو ڪاملتا سان الله ﷾ جي موڪليل وحي جي پٽاندر عمل رکندو اوترو ئي وڌيڪ اطمينان، سلامتي ۽ فلاح سان زندگيءَ جي سڦلتا حاصل ڪري سگهندو.

قرآن مجيد الله ﷾ تي ايمان جا ٽي مرڪزي نڪتا چٽا ڪيا آهن. انسانن مان ڪي به فرد يا جماعتون انهن ٽن مرڪزي نڪتن پٽاندر پنهنجي زندگيءَ جي قافلي کي هلائيندا ته اهي الله ﷾ جي حفاظت، سٺائي ۽ ڪاميابيءَ واري دائري ۾ اچي ويندا. پر جيڪڏهن ڪي به فرد ۽ جماعتون انهيءَ دائري کان پاڻ کي آزاد سمجهي زندگيءَ گذارڻ جي ڪوشش ڪندا ته پوءِ انهن کي خساري ۽ گرفت مان بچائڻ وارو ڪو به نه رهندو.

وَلٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٦﴾ (الاعراف 96)

”۽ هنن اسان جي هدايت کي ڪوڙو ڀانيو ته اسان ڪين سندن عملن

www.iqbalkalmati.blogspot.com



جي سزا ۾ پڪڙي ورتو.“

الله ﷾ کي مڃڻ جي انهن ٽنهي مرڪزي نڪتن جو تفصيل قرآن مجيد هن ريت ٻڌايو آهي.

## الله ﷾ جي ربوبيت ۾ اطاعت

قرآن مجيد پالڻهاريءَ جي قانونن ۾ ٽوس اصول هيٺين ريت ٻڌائي ڇڏيا آهن:

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۙ ﴿۱﴾ (الفاتحہ_1)

”جهانن ۾ (حقيقي) پالڻهاري ڪندڙ جي لاءِ سڀ تعريفون آهن.“

لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ ؕ (البقره_ 284)

”جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جي ئي ملڪيت آهي.“

اِنَّ اللّٰهَ اشۡتَرٰى مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ اَنۡفُسَهُمۡ وَاَمۡوَالَهُمۡ بِاَنَّ لَهُمُ الۡجَـنَّةَ ؕ (توبہ_111)

” الله پنهنجي مڃيندڙن سان انهن جي جانين ۽ مالن جو سودو چڪائي ڇڏيو آهي ته انهن لاءِ بدلو جنت آهي.“

وَمَا مِنۡ دَآبَّةٍ فِى الۡاَرۡضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزۡقُهَا

”زمين تي هلڻ وارو ڪوبہ ساهوارو ڪونهي، جنهن جي روزيءَ جو انتظام الله ﷾ تي نہ هجي.“

وفی اموالکم حق للسائل والمحروم

”اوهان جي مالن ۾ سائلن ۽ محروم ماڻهن جو حق بہ رکيو ويو آهي.“

وَيَسۡـَٔلُوۡنَكَ مَاذَا يُنۡفِقُوۡنَ ۖ قُلِ الۡعَفۡوَ ؕ (البقره_ 219)

”اي پيغمبر توکان پڇن ٿا تہ ڇا خرچ ڪريون، ڪين وراڻ تہ



ماڻهوءَ جو اصل امتحان

(پنهنجي بنيادي ضرورتن کان) واڌارو سڀ ڏئي ڇڏيو.“

قرآن جا ٻڌايل هي اصول الله ﷾ جي ربوبيت واري نظام جي ڀرپور ترجماني ڪن ٿا. جيئن الله ﷾ جي پالڻهاريءَ واري صفت ”رب“ سان سڄو قرآن جا ڀجا ڀڪيل آهي، تيئن انفاق، زڪوات، صدقات ۽ ٻي جي سنوائي ڪرڻ سان سڄو قرآن ڀريو پيو آهي. انهن آيتن جي روءِ سان اصل مالڪ الله ﷾ جي ذات آهي ۽ انسان جي حيثيت صرف هڪ امين جي آهي. امين جي حيثيت ۾ هر هڪ مومن جي مٿان فرض آهي تہ مال انسانن جي نفع بخشيءَ لاءِ تصرف ۾ آڻي. پنهنجي ڪفالت هيٺ آيل، پنهنجي هٿ هيٺ آيل ۽ پنهنجي چوڌاري محروم ۽ سائل ماڻهن تائين رسائي. اهڙي طرح اهو مال ۽ ملڪيت انساني نفع بخشيءَ جي اجتماعي ڪوشش ۾ خرچ ڪري ۽ اهڙي نظام جي  قيام لاءِ پنهنجي جان ۽ مال وقف رکي. هاڻي مال جي متعلق الله ﷾ جي  ٻڌايل پالڻهاريءَ جي انهيءَ قانون تي هلڻ سان ئي الله ﷾ کي رب ڪري مڃڻ ۾ سچائي آهي ۽ اطاعت آهي. باقي جيڪڏهن ماڻهو قارون ٻڻجي خزاني کي ڀريندو وڃي ۽ مال ميڙڻ، ملڪيتون وڌائڻ جي چڪر ۾ پنهنجي قريبن ۽ مسڪينن تي خرچ ڪرڻ، سماج ۾ سڌاري ۽ تبديلي لاءِ ڪوششون وٺڻ ۽ الله ﷾ جي معرفت ماڻهن تائين رسائڻ جهڙن ڪمن کان بي رغبتي آهي يا ماڻهو ان کي رسمي ۽ معمولي حيثيت ۾ادا ڪري آڳر ڪٿائي شهيدن ۾ شمار ٿئي ٿو تہ پوءِ ان قسم جو مڃڻ يا تہ انڪار جي برابر آهي يا وري منافقت سان ڀريل آهي.

قرآن انسان ۾ ايمان ۽ احسان جي مٿاهين منزل پيدا ڪرڻ گهري ٿو ۽ ايمان وارن کان پوري جو پوري وابستگيءَ ادخلو في المسلم کافة جي تقاضا ڪري ٿو. ان جي اڳيان مال جي ڪهڙي حيثيت آهي. جڏهن الله ﷾ مومنن سان انهن جي جانين ۽ مالن جو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سودو ڪري ڇڏيو آهي ته جان جي قرباني ۽ مال جي قرباني يعني جان ۽ مال تريءَ تي رکڻ ڪانسواءِ ايمان ڪامل ڪونه رهندو ۽ جڏهن ائين نه رهندو ته پوءِ آخرت ۾ جنت واري زندگيءَ ۾ به اهڙن ماڻهن جو ڪو حصو نه رهندو ڇو ته جنت جو اهو سودو ان جي بدلي ۾ ٿئي ته ٿيل آهي.

هاڻي ماڻهو هڪ طرف رسمي طرح ديندار بڻجي، نماز، عمره ۽ حج ڪري پاڻ کي مومن سمجهندو وتي ۽ ٻي طرف خدائي ضابطن هيٺ پنهنجي مٿان لاڳو ٿيندڙ سماجي ذميوارين کان منهن موڙيندو وتي ته ان لاءِ به تنبيهه ڪيل آهي.

اهڙن ماڻهن کي آخرت ۾ سندن نمازون ۽ حج به بچائي نه سگهندا. جو قرآن مجيد ۾ الله ﷻ صاف فرمايو آهي ته سرمايه پرست ماڻهو حقيقت ۾ آخرت جي حساب ڪتاب جي عمل کي مڃيندڙ ئي نه هوندا آهن:

أَرَأَيْتَ الَّذِي يُكَذِّبُ بِالدِّينِ ﴿١﴾ فَذَٰلِكَ الَّذِي يَدُعُّ الْيَتِيمَ ﴿٢﴾ وَلَا يَحُضُّ عَلَىٰ طَعَامِ الْمِسْكِينِ ﴿٣﴾ فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّينَ ﴿٤﴾ الَّذِينَ هُمْ عَن صَلَاتِهِمْ سَاهُونَ ﴿٥﴾

(ماعون، 1، 5)

(اي پيغمبر) تو ان شخص کي ڏٺو جيڪو حساب ڪتاب واري ڏينهن جي تڪذيب ڪري ٿو جو حالت هي اٿس ته يتيمن کي لوڏي ٿو يعني انهن جي پرگهور نٿو لهي ۽ مسڪينن جي ڪاڏي ڪارائڻ جي ترغيب نه ٿو ڏي (يعني اها ڳالهه ئي نه ٿو چوي ۽ نه اهڙي نظام جي لاءِ ڪوشش ٿو ڪري). پوءِ اهڙين نمازين جي لاءِ جهنم جي ويل وادي آهي. جيڪي (نماز پڙهندي به) نماز (جي حقيقت) کان ويسلا آهن جيڪي ان جو ڏيکاءُ ڪن ٿا ۽ معمولي شيون به اڌاريون نه ٿا ڏين.





اهڙي طرح حج جو روح به حضرت ابراهيم عليه السلام جي دين حنيف ۾ پوري جو پورو داخل ٿيڻ جو عهد اقرار آهي. ان روءِ حضرت ابراهيم عليه السلام جي پوئواريءَ ۾ پنهنجون نمازون، پنهنجو مال، پنهنجي حياتي ۽ پنهنجي مماتي الله ﷻ جي ٻڌايل ضابطن مطابق گذارڻ جو اسپرٽ پيدا ڪرڻ آهي جنهن جو بيان سورت انعام آيت 163_164 ۾ ٿيل آهي. قرآن مجيد ابراهيمي اسپرٽ کي ڇڏي سون، ملڪيتن ۽ انيڪ سيڙپڪارين جي صورت ۾ مال ميڙيندڙن جي لاءِ صاف لفظن ۾ پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي ۽ پڪ سان ڄاڻڻ گهرجي ته الله ﷻ پنهنجا فيصلا بدلائيندو ناهي.

اجهو هي الله ﷻ جا فيصلا پڙهو:

وَالَّذِينَ يَكْنِزُونَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلَا يُنفِقُونَهَا فِي سَبِيلِ اللَّهِ فَبَشِّرْهُم بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٣٤﴾ (توبه: 34)

"جيڪو سون ۽ چانديءَ جو خزانو گڏ ڪندا آهن ۽ اهو الله ﷻ جي واٽ ۾ يعني ان جي ڏسيل طريقي تي خرچ نه ڪندا آهن، تن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي."

يَوْمَ يُحْمَىٰ عَلَيْهَا فِي نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكْوَىٰ بِهَا جِبَاهُهُمْ وَجُنُوبُهُمْ وَظُهُورُهُمْ ۖ هَٰذَا مَا كَنَزْتُمْ لِأَنفُسِكُمْ فَذُوقُوا مَا كُنتُمْ تَكْنِزُونَ ﴿٣٥﴾ (توبه: 35)

جنهن ڏينهن سندن مال دوزخ جي باهه ۾ تپائبو (جڏهن تپندو ته) پوءِ ان سان سندس پيشانيون ۽ سندن پاسيريون ۽ سندن پٺيون ڏنيون. ڪين چيو ويندو ته هيءُ اهو خزانو آهي جيڪو پاڻ لاءِ گڏ ڪيو هيوَ ان جو مزو چکو.

كَلَّا ۖ إِنَّهَا لَظَىٰ ﴿١٥﴾ نَزَّاعَةً لِّلشَّوَىٰ ﴿١٦﴾ تَدْعُو مَنْ أَدْبَرَ وَتَوَلَّىٰ ﴿١٧﴾ وَجَمَعَ فَأَوْعَىٰ ﴿١٨﴾

(المعارج، 15 _ 18)

www.iqbalkalmati.blogspot.com



هر گز نہ، بيشڪ اها شعلي واري باهہ آهي. منهنجي کل کي
چڪيندڙ آهي. ان کي سڏي ٿي جنهن (الله ﷻ جي واٽ کي) پٺي
ڏني ۽ منهن موڙيو. جنهن مال گڏ ڪيو ۽ سانڍي رکندو ويو.

هيءَ مال جي محبت ۽ ان کي ٻن مان چار ۽ چئن مان اٺ ڪرڻ جي لونجهہ اهڙي بڇڙائي آهي جو الله ﷻ کي انسان جي تخليقي جوهر جي خبر هئي، انهيءَ ڪري ڌرتيءَ تي انسان کي پنهنجي خلافت ۽ اطاعت جي آزمائش لاءِ موڪلڻ کان اڳ ۾ ئي روحن کان پنهنجي ربوبيت جو اعتراف ڪرايو هو. تان تہ جڏهن آزمائش لاءِ ٻن رستن جي چونڊ ۾ انسان مال جي محبت ۾ انڌو ٿي پوي تہ هُن جو روح ۽ ضمير ربوبيت جي اقرار واري عهد سان بيقرار هجي ۽ الله ﷻ جي فرمانبرداريءَ ۽ رضا جي رستي تي هلڻ لاءِ هميشہ لڇ پڇ ۾ هجي. پر جيڪڏهن ان جي باوجود بہ انسان غفلت ۽ اياڻائي جو شڪار ٿي، پاڻ کي مليل آزاد ارادي جي چونڊ جو موقعو وٺي پنهنجي روح واري حصي کان هٽي پاڻ تي ابليس جي حصي جو غلبو قائم ڪري ٿو وٺي تہ پوءِ پنهنجي ناعاقبت انديشيءَ ذريعي ٻنهي جهانن ۾ تباهيءَ جي بنيادن کي پاڻ پڪو ڪندو وڃي ٿو.

پر جيڪي ماڻهو الله ﷻ جي ربوبيت واري حقيقت مڃين ٿا ۽ پاڻ کي امين جي حيثيت ۾ سپرد ۽ عطا ٿيل نعمتن کي حقدارن تائين رسائڻ جي ديوانگي رکن ٿا تہ پوءِ آخرت ۾ جنت جو پڪو سودو تہ آهي ئي پر هن دنيا ۾ بہ انهن کي ڪو خوف، ڊپ ڊاءُ، ڪو انديشو ۽ ڳڻتي، ڪا پٽ ڪوهہ ۽ ٽوٽ ڦوٽ پلئہ ڪونہ پوندي. نتيجي ۾ پڪ سان هو ذهني عذابن، ڊپريشن، پريشانين، غير متوازن بلڊپريشر ۽ اجائي خوف ۽ دهشت کان بہ بچيل هوندا ۽ ان جي ڪري پيدا ٿيندڙ روڳن ۽ حادثن کان بہ امان ۾ رهندا. جيڪڏهن حقيقي فرمانبرداريءَ جي باوجود انهن کي ڪن تڪليفن ۽





اهنجاين مان گذرڻ جي نوبت آئي تہ اها بہ سندن مرتبا وڌائڻ جي لاءِ آزمائش جي طور تي هوندي. ۽ ايمان وارا ثابت قدمي ۽ استقامت، صبر و رضا سان انهن تڪليفن مان پار پوندا. نہ صرف ايترو تہ الله ﷻ جو واعدو آهي تہ انهن کي فرمانبرداريءَ جي واٽ تي هلڻ جي نتيجي ۾ اسان جو ساٿ ۽ قرب نصيب ٿئي ٿو.

وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٦٩﴾
(العنڪبوت: 69)

”جيڪي اسان جي رستي ۾ جهد ۽ جاکوڙ جاري رکن اسان تن لاءِ رستا ٺاهيندا ويندا آهيون ۽ ۽ الله ﷻ ڀلايون ڀال ڪندڙن جي هميشہ ساٿ ۾ رهندو آهي.“

- الله ﷻ سائين محسنن يعني ڀلايون ڀال ڪندڙن سان جيڪو مهربانيءَ جو رشتو رکيو آهي سو سڄي قرآن ۾ پريو پيو آهي.
- ڀلايون ڀال ڪندڙن کي وڌائيندا ئي رهنداسون. (بقره، 58)
- ڀلايون ۽ ڀال ڪندا رهو، پڪ ڄاڻو تہ الله ﷻ ڀلايون ڪندڙن سان سڪ جو رستو رکندو آهي.(البقره، 195)
- جيڪي ڏک ۾ توڙي سک ۾ الله ڪارڻ خرچ ڪندا آهن. ڪاوڙ پِي ويندا آهن ۽ ماڻهن جا قصور معاف ڪندڙ آهن، الله ﷻ اهڙن ڀلايون ڪندڙن کي دوست رکندو آهي.
- (آل عمران، 134)
- پڪ ڄاڻو تہ الله ﷻ جي رحمت ڀلايون ڀال ڪندڙن جي ويجهو ويجهو هوندي آهي. (اعراف، 56)
- الله ﷻ ڀلايون ڀال ڪندڙن جو اجورو ضايع وڃڻ نہ ڏيندو آهي. (التوبہ، 120)

جيڪي ماڻهو الله ﷻ جي قربتن ۽ ساٿ ماڻڻ ۽ ان جي اطاعت جي رستي تي هلڻ ۽ ان جي لحاظ ۽ محبت جي نتيجي ۾ خرچ ڪن

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ٿا ته انهن جي مٿان عنايتن جا دروازا کلن ٿا ۽ جيڪو ماڻهو جيترو وڌيڪ الله ﷾ جي بندن لاءِ پنهنجي مٿان ذميداريون کڻي ٿو اهو اوترو ئي وڌيڪ خدا وٽ مهربانين ۽ عطائن جو مستحق بڻجي ٿو. فرمايو ويو آهي:

وَ مَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ۙ﴿۲﴾ وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ؕ

(الطلاق:3)

”جيڪي ماڻهو الله ﷾ جي اطاعت ان جي چاهت، ان جو لحاظ ۽ ان جو خوف رکندا آهن تن جي لاءِ واٽون ڪ ي ڪين اتان رزق جي پالوٽ ڪندو آهي جتان گمان ئي نه هوندو اٿن.“

## الله ﷾ جي قانونن ۾ اطاعت

قرآن اسان کي ٻڌائي ٿو ته هن سڄي ڪائنات تي الله ﷾ جو اقتدار ۽ اختيار آهي، ليڪن الله ﷾ پنهنجي اقتدار ۽ اختيار کي پنهنجي ٺاهيل قانونن موجب استعمال ڪندو آهي. انهن قانونن ۾ ڪڏهن به تبديلي نه ٿيندي آهي. اهڙا قانون ۽ ضابطا انساني زندگيءَ جي لاءِ به جوڙيل آهن. انسانن جا عمل الله ﷾ جي انهن جوڙيل قانونن جي مطابق متعين نتيجا پيدا ڪندا آهن. هر انسان کي آزمائش مان گذارڻ خاطر انهيءَ جو اختيار ڏنل آهي ته جيڪو عمل وڻيس سو ڪري، پر جنهن قسم جو عمل هوندو انهيءَ قسم جو نتيجو پلئه پوندس ڇو ته اهي نتيجا الله ﷾ جي متعين ڪيل قانونن جي مطابق مرتب ٿيندا آهن.

قرآن اسان کي هيءُ به ٻڌائي ٿو ته الله ﷾ جا قانون ان جي صفتن سان لاڳاپيل آهن. قرآن انهن صفتن جو واضح تعارف ڪرايو آهي. انسانن کي تخليق ڪرڻ وقت انهن ۾ پنهنجو روح ڦوڪي الله ﷾ انسان ذات جون بنيادي صفتون به پنهنجي صفتن جو





عڪس ٺاهيون آهن، پر انهن ۾ فرق هي آهي ته الله ﷾ جون صفتون لامحدود، لامحيط ۽ اڻ کٽ آهن، پر انسان ذات جون صفتون محدود ۽ سميٽيل شڪل ۾ آهن. انهن صفتن جي اوسر ۽ نشونما تڏهن ٿي سگهي ٿي جڏهن انسان الله ﷾ جي پاران قرآن ۾ ٻڌايل صفتن کي معيار بڻائي پنهنجي سامهون رکي. اهو ئي انسان ۽ الله ﷾ جي درميان بنيادي تعلق آهي ۽ ان تعلق کي نباهڻ ئي خدائي قانونن جي اطاعت آهي. انهن صفتن اپنائڻ سان ئي انساني ذات پنهنجي اوسر ۽ ڪماليت جي طرف وڌي ٿي ۽ انهن جي اتباع سان ئي انساني ذات جي تقاضن جي تسڪين ٿئي ٿي.

ان مان هي به ظاهر ٿئي ٿو ته جڏهن اسان الله ﷾ جي صفتن جو ذڪر ڪريون ٿا ته چڻ اهو (سميٽيل ۽ محدود شڪل ۾) خود اسان جي ذات جي صفتن جو ذڪر به هوندو آهي. انهيءَ ڪري قرآن شريف ۾ چيو ويو آهي :

لَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ كِتٰبًا فِيْهِ ذِكْرُكُمْ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۱۰﴾ (الانبياء: 10)

تحقيق اسان توهان ڏانهن هڪ ڪتاب نازل ڪيو جنهن ۾ توهان جو ذڪر آهي. (ذڪر جي معنيٰ عظمت ۽ شرف به آهي ۽ تذڪرو به آهي)

جيئن جيئن انساني ذات جي اوسر ٿيندي ويجي ٿي تيئن تيئن هو الله ﷾ جي تخليقي پروگرام ۾ شريڪ ٿيندو ويندو آهي. اهڙي طرح الله ﷾ ۽ بندي جو تعلق رفاقت جو ٿي ويندو آهي. الله ﷾ ۽ انسان جو هي تعلق قرآن کان علاوه ٻئي هنڌ ڪٿي به نه ملندو. مشرق جي اهل مذاهب وٽ خدا سان انسان جو تعلق ايترو ئي آهي جو انسان خدا جي پوڄا ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته ڪيس اهو خدا جو حڪم آهي انڪري انسان کي اهو چاهيندي ۽ نه چاهيندي به مڃڻو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ان حڪم کي نه مڃي ته خدا ناراض ٿي ويندو آهي. ان کي راضي رکڻ جي لاءِ سندس حضور ۾ نذر نياز پيش

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪرڻ يا سندس ڪنهن ”پهتل“ جي ذريعي ان تائين سفارش پهچائڻ ضروري آهي. جڏهن هو انهيءَ طريقي تي راضي ٿي ويندو آهي ته انسان جون مرادون پوريون ٿي وينديون آهن. پر جي ناراض رهندو آهي ته انسان مصيبت ۾ ڦاسي پوندو آهي.

هِئي پاسي وري مغرب وارن وٽ خدا جو تعلق رڳو خارجي ڪائنات سان آهي، جنهن ۾ ان جا قانون (قوانين فطرت جي شڪل ۾) ڪارفرما آهن. انسان جو ڪم هي آهي ته انهن قانونن جو مطالعو ڪري ۽ انهن جي مطابق فطرت جي قوتن کي مسخر ڪري پنهنجي ڪم آڻي. باقي رهي انساني دنيا، سو انسانن کي پنهنجا معاملا پنهنجي عقل ۽ فهم جي روشنيءَ ۾ طئه ڪرڻا آهن. انهن جي لاءِ ڪي به اڻمٽ اصول ۽ قانون ڪونهن.

الله ﷻ سان تعلق جو هڪ ٻيو تصور انهن ماڻهن جو آهي جيڪي روحانيت کي مڃيندڙ سڏجن ٿا. انهن جو چوڻ آهي ته سندن الله ﷻ سان سڌو سنئون تعلق هوندو آهي. اهي الله ﷻ سان ڳالهيون ڪندا آهن، ان سان ملاقاتون ڪندا آهن، ماڻهن جون دعائون ڪانئس منظور ڪرائيندا آهن ۽ الله ﷻ کين غيب جون ڳالهيون ٻڌائي ڇڏيندو آهي وغيره وغيره. الله ﷻ سان انهن مڙني قسم جي تعلقات جو تصور به قرآني تعليم جي خلاف آهي. الله ﷻ انسانن کي جيڪي ڪجهه ٻڌايو هو سو پنهنجي ڪتاب قرآن مجيد ۾ آخري ڀيرو مڪمل طور تي ٻڌائي ڇڏيو. هاڻي الله ﷻ سان انسانن جي تعلق جو ذريعو صرف انهيءَ ڪتاب جي پيروي آهي.

قرآن سڄي دنيا جي انسانن کان هن ڳالهه جو مطالبو ڪري ٿو ته هو انهيءَ الله ﷻ تي ايمان آڻين، جنهن جو تصور خود قرآن پيش ڪيو آهي. هر شخص، هر قبيلو ۽ هر قوم ڪنهن نه ڪنهن رنگ ۾ خدا جي قائل آهي. ليڪن قرآن چوي ٿو ته توهان جو اهڙي طرح





مڃڻ، حقيقت ۾ خدا کي مڃڻ ڪونهي. اهو ته ان خدا کي مڃڻ آهي جيڪو توهان يا توهان جهڙن ٻين ماڻهن پنهنجي ذهنن ۾ گهَڙي ورتو آهي. جيڪو ماڻهو خدا جو ته قائل هجي پر ان جي صفتن جي صحيح تصور کان ڪورو هجي ته انهيءَ جو خدا کي مڃڻ، حقيقي خدا کي مڃڻ جي انڪار وانگيان آهي.

جيڪو ماڻهو الله ﷻ جي صفتن جو صحيح تصور سامهون نٿو رکي، سو لازمي طرح الله ﷻ جي تصرفات ۾ شرڪ ڪرڻ وارو ٺهي پوي ٿو. نتيجو هي ٿو نڪري جو سندس خدا کي مڃڻ ڪنهن ڪم جو نٿو رهي. مڪي جي مشرڪن کي ڏسو اهي به ته الله ﷻ کي مڃيندڙ هئا ڪعبي جي حفاظت الله ﷻ جو گهر ڄاڻي ڪندڙ هئا. پاڻ کي ابراهيمي دين جا پيروڪار سمجهندڙ هئا.

ان جي باوجود هڪ پيغمبر جي هدايت جي ضرورت انهيءَ ڪري پيش آئي ته اهي الله ﷻ جي تصرفات ۾ پنهنجي سردارن کي به شريڪ سمجهندا هئا ۽ پنهنجي پيرن ۽ ديوتائن کي به. رزق ڪنهن هڪ ديوتا جي ذمي هو ته مينُهن ڪنهن ٻئي ديوتا جي ذمي هو. بيماري ۽ صحت ڪنهن هڪ فرشتي جي حوالي هئي ته اولاد ڪنهن ٻئي پير جي هٿ وس ۾ هئي. عزت ۽ ذلت جا ڪارڻ ڪنهن هڪ سردار وٽ سوگها هئا ته وري زندگيءَ جا رهنما قانون ٻئي سردار جي فرمانبرداريءَ ۾ هئا. اهڙي طرح هو طرحين طرحين خدائن جي چنبي ۾ ڦاسي ذهني طور تي ڪيترين ئي غلامين ۾ جڪڙجي پيا هئا، جنهن ڪري منجهانئن هي صلاحيت ختم ٿي چڪي هئي جو هو ڌرتيءَ جي مٿان انسان جي آزادي ۽ فلاح جو ڪو معاشرو تشڪيل ڏئي سگهن. توڻي جو انهن ۾ ڪيتريون شخصي خوبيون به موجود هيون پر انساني وحدت ۽ زندگيءَ جي اعليٰ مقصديت جي باري ۾ هنن جون خوبيون مورڳو مسخ ٿي دنڌلائجي چڪيون هيون

www.iqbalkalmati.blogspot.com



۽ غلاماڻي ماحول ۾ اٿرن ۾ هو الله ﷾ جي ڪبريائي ۽ توحيد جي تصورن کان محروم ۽ منڪر رهجي ويا هئا. ربوبيت ۽ پالڻهاري واري واٽ کان ڪوهين پري هئا، اهڙي طرح الله ﷾ جي نج عبديت پٽاندر زندگي گذارڻ کان پاڻ کي آجو ڪري چڪا هئا. انڪري الله ﷾ پيغمبر ﷺ جي ذريعي قرآن مجيد جا نوس ضابطا ۽ قانون ڏئي نه صرف سندن زندگيءَ کي مقصديت ۽ عظمت ۽ ڪامراني عطا ڪئي بلڪ پوري دنيا جي سيني غلام قومن جي لاءِ آجپي جو آسرو ۽ عالمگير هدايت جو ذريعو بڻايو.

## انسان جي سياسي زندگي

الله ﷾ جا پڌايل ضابطا ۽ قانون صرف انسان جي انفرادي زندگيءَ لاءِ ناهن، بلڪ انهن جو دائرو اجتماعي زندگيءَ جي سيني شعبن تائين محيط آهي. اجتماعي زندگيءَ جا حڪم ان وقت وڏي نتيجي کي ظهور ۾ آڻي سگهن ٿا جڏهن معاشري ۾ سياسي تنظيم جي ذريعي حاڪميت جي قوت حاصل ٿي وڃي. اهڙي حاڪميت جيڪا الله ﷾ جي مخلوق کي سماجي انصاف ۽ سماجواد فلاحي معاشرو يقيني بڻائي ڏئي. حاڪميت جي اهائي قوت آهي، جيڪا الله ﷾ جي صفتن جي صورت ۾ انسان کي نيابت جي طور تي عطا ٿي آهي. انهيءَ ڪري انسان جي سياسي زندگي دين جي دائري ۾ شامل آهي. ان کي انهن حدن کان ٻاهر نٿو رکي سگهجي. جيڪڏهن ٻاهر رکيو ويندو ته الله ﷾ جي صفت حاڪميت تي ايمان رکڻ جي دعويٰ بي معنيٰ رهجي ويندي.

سڀ کان وڏيڪ اهم ڳالهه هي آهي ته الله ﷾ جي جنهن صفت جو سڀ کان وڏيڪ قرآن ۾ تذڪرو ٿيو آهي، اها ان جي ربوبيت واري صفت آهي. انسان هن دنيا ۾ الله ﷾ جي نيابت ۾ ربوبيت جون





جيتريون ذميواريون پنهنجي انفرادي زندگيءَ ۾ نباهي سگهي ٿو ان کان وڌيڪ ذميوارين جو تعلق سندس اجتماعي زندگيءَ سان آهي. يعني ربوبيت عامہ يا سماجوادي نظام (فلاحي معاشرو) جي قيام لاءِ ڪوشش ۾ جاکوڙ ڪرڻ. انهيءَ ربوبيت عامہ جو قيام ۽ نفاذ سياسي طاقت جي حصول سان تعلق رکي ٿو. انڪري جو الله ﷾ جي سيني ٻانهن جي پرورش جون سڀ بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ رياست جي ذميواري هوندو آهي. جيستائين اهڙي رياست قائم نه ٿي آهي تيستائين پنهنجي پوري وس سان هڪ فرد جي حيثيت ۾ يا پنهنجي ساٿ جي سٿ ذريعي ادارن جي قيام سان انسانن جي لاءِ پالڻهاريءَ جي وسيلن ۾ سهڪاري ٿيڻ، معاشي سڌاري ۽ فلاح جون ڪوششون وٺڻ ۽ سماجوادي نظام جي جهد ۾ عملي طرح شريڪ ٿيڻ الله ﷾ جي مڃيندڙن جي بنيادي ذميواري آهي.

## الله ﷾ جي الوهيت ۾ اطاعت

قرآن هن ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته هر طرح جي عبادت ۽ نوڙت جي مستحق صرف الله ﷾ جي ذات آهي. پوءِ جيڪڏهن توهان ٻانهپ واري نوڙت، نياز ۽ پڪار سان ڪنهن ٻيءَ هستيءَ آڏو مٿو جهڪايو ته توحيد الاهي جو عقيدو باقي نه رهيو. قرآن چوي ٿو ته ”اها ذات ئي آهي جيڪا انسانن جي سڏ کي ٻڌي ٿي ۽ انهن جي دعائن کي قبول ڪري ٿي.“ پوءِ جيڪڏهن توهان پنهنجي دعائن ۽ خواهشن جي طلب ۾ ڪنهن ٻيءَ هستيءَ کي ان جو شريڪ بڻايو ته جڻ اوهان ان کي خدا جي خدائيءَ ۾ شريڪ بڻايو ۽ توهان جو توحيد وارو عقيدو لڙهي ناس ٿي ويو.

اهو سبب آهي ته مسلمانن کي پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ روزانو پنجن وقتن جي نماز واري حاضريءَ ۾ ڪيترائي ڀيرا وري

www.iqbalkalmati.blogspot.com



وري ڪائنات هي اقرار ڪرايو ويندو آهي تہ:

اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَاِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ ؕ ۝۴

اسين رڳو تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ اڪيلو توکان ئي مدد گهرون ٿا.

اهڙي طرح مسلمانن کي ڪلمي جي اقرار ذريعي سڀ کان پهريون جيڪو انڪار ڪرايو ويو آهي. اهو انڪار غير جي عبديت، ٻانهپ ۽ غلاميءَ جي سيني قسمن کان جان خلاصي ڪرائڻ جو انڪار آهي. لا الہ جي انڪار ۾ پنهنجي وهمن جي انڪار کان وٺي ٻانهپ ۽ غلاميءَ جي سيني شڪلين جي انڪار جو اعلان ۽ بغاوت آهي ۽ جڏهن اهڙي طرح ذهن صاف ٿي وڃي تہ پوءِ ان تي هڪ نئين عمارت اڏي وڃي. يعني هن ڳالهہ جو اقرار تہ صرف هڪ ئي الله سبحانہ وتعالیٰ جي قوت آهي جنهن جي آڏو سيس نوائي وڃي، جنهن جي اطاعت ڪئي وڃي.

دين اسلام هن مسئلي ۾ ايترو چٽو ۽ واضح فڪر ڏنو آهي ۽ عبديت ۽ ٻانهپ جا حق رڳو الله سبحانہ وتعالیٰ جي ذات جي لاءِ انهيءَ حد تائين خاص ڪيا آهن جو پيغمبر ﷺ جي طريقي جي اطاعت لاءِ حڪم ڪيو ويو تہ ان جي شخصيت جي حوالي سان بہ پهريائين هي ايمان ۽ عقيدو پختو ڪرايو ويو تہ پيغمبر اسلام هڪ بشر ۽ الله سبحانہ وتعالیٰ جو ٻانهو آهي ۽ سڀ کان پهريائين ان جي عبديت جو ايمان آڻيو ۽ پوءِ ان جي رسول هئڻ جو.

اَشۡهَدُ اَنۡ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبۡدُهٗ وَرَسُوۡلُهٗ۔

انهيءَ اقرار ۾ جهڙي طرح خدا جي توحيد جو اعتراف ڪيو ويو آهي ٺيڪ ساڳي طرح پيغمبر اسلام جي ٻانهپ ۽ رسالت جو بہ اعتراف آهي. غور ڪرڻ گهرجي تہ ائين ڇو ڪيو ويو؟ صرف انهيءَ





لاءِ تہ اهڙي ڪنهن ڳالهہ جو موقعو يا گنجائش نہ رهي تہ ٻانهپ جي جڳهہ تي معبود ۽ رسالت جي جڳهہ تي اوتار جو خيال پيدا ٿئي. انڪري اها ڳالهہ تسليم ٿيل آهي تہ ڪوبہ شخص تيستائين اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي نٿو سگهي جيستائين هو خدا جي توحيد وانگر پيغمبر اسلام جي ٻانهپ جو اقرار نہ ڪري.

انسان معبود ان کي بڻائيندو آهي جنهن جي متعلق سمجهندو آهي تہ کيس ڪجهہ اختيار ۽ طاقت حاصل آهي. قرآن انهيءَ تصور کي ئي جڙئون پٽي ڦٽي ڪيو آهي تہ الله سبحانہ وتعالیٰ کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي بہ اساسي طرح ڪو اختيار ۽ اقتدار حاصل آهي.* تنهن ڪري جڏهن اساسي طرح الله سبحانہ وتعالیٰ کانسواءِ ڪنهن کي ڪو اختيار ۽ اقتدار ئي حاصل ناهي تہ پوءِ ان کي پهتل، حاجت روا ۽ معبود ڪيئن ٿو بڻائي سگهجي.

قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ اَخَذَ اللّٰهُ سَمۡعَكُمۡ وَاَبۡصَارَكُمۡ وَخَتَمَ عَلٰى قُلُوۡبِكُمۡ مَّنۡ اِلٰـهٌ غَيۡرُ اللّٰهِ يَاۡتِيۡكُمۡ بِهٖ ؕ اُنۡظُرۡ كَيۡفَ نُصَرِّفُ الۡاٰيٰتِ ثُمَّ هُمۡ يَصۡدِفُوۡنَ ۝۴۶ (انعام: 46)

(اي پيغمبر! کين) چئو تہ ڏسو جيڪڏهن الله اوهان جا ڪن ۽ اوهان جون اکيون کسي وٺي ۽ اوهان جي دلين تي مهر هڻي تہ انهيءَ الله کانسواءِ ڪير ٻيو خدا اوهان کي اهي ڏيندو؟ ڏس تہ ڪهڙا دليل بيان ڪريون ٿا، وري بہ اهي حقيقت کان منهن موڙن ٿا.

قرآن مجيد ۾ عبادت جو تصور صرف انسان جو الله سبحانہ وتعالیٰ جي سامهون سيس نوائڻ تائين محدود نہ رکيو ويو آهي بلڪ پنهنجي زندگيءَ جي سيني شعبن ۾ الله سبحانہ وتعالیٰ جي فرمانبرداري ۽ اطاعت

* ڌرتيءَ تي جنهن کي بہ صفتن جي عڪس طور ڪجهہ اختيار ۽ اقتدار آهي تہ اهو وحي جي هدايت هيٺ امانت طور هن لاءِ آهي تہ ماڻهو ان کي الله سبحانہ وتعالیٰ جي فرمانبرداريءَ ۾ پنهنجي عملن جو ثمر بڻائي آخرت ۾ خدا جي حضور ۾ پيش ڪري.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سندس عبادت جي لازمي تقاضا آهي. نماز پنهنجي جاءِ تي فرض ۽ اهم آهي پر الله ﷻ کي هي هرگز گهربل ناهي ته هڪ شخص زندگيءَ جي معاملن کي مرضي ۽ مفادن هيٺ گذاريندو وتي ۽ ڪجھ مخصوص وقتن تي عبادتگاهه ۾ اچي سجدا ڪري پنهنجي ٻانهپ جو حق جتائي. انهيءَ ڪري هي ڳالهه چٽي طرح طئه آهي ته جيڪو شخص زندگيءَ جي معاملن ۾ الله ﷻ جي ٻڌايل ضابطن جي انحرافي ۾ ڪوتاهي ڪري ٿو ته ان صورت ۾ به هو توحيد في العبادت جو ائين ئي انڪاري بڻجي وڃي ٿو جيئن ڪو ماڻهو غير الله ﷻ جي سامهون سجدي ڪرڻ سان منڪر ۽ مشرڪ بڻجي وڃي ٿو.

اهڙي طرح قرآن جي روءِ سان سماجي ناانصافين ۽ غلاميءَ جي طريقن تي مشتمل نظام جي خلاف جهد ڪرڻ يا ان جي لاءِ اجتماعي طور تي ٿيندڙ جهد ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ به انسان جي اطاعتي ۽ عبادتي زندگيءَ جو حصو آهي.

قرآن مجيد ۾ گذريل قومن جي ڪيترن ئي واقعن ۾ نبين جي اهڙي منصب ۽ جهد جو واضح تفصيل آيل آهي. جيئن حضرت موسىٰ عليه السلام بني اسرائيل جي اصلاح ڪرڻ گهري ته انهن جي آزاديءَ جو مطالبو فرعون جي سامهون کڻي ويو ۽ فرعون کي چيائين ته:

فَأَرْسِلْ مَعِيَ بَنِي إِسْرَائِيلَ ﴿١٠٥﴾ (الاعراف: 105) يعني بني اسرائيل کي مون سان گڏ (هلڻ لاءِ) ڇڏ.

فرعون چيو ته مون ڪانسواءِ ڪو به الله ڪونهي هي منهنجا ٻڌا ٻانها آهن، ائين ڪيئن ٿيندو؟!

قَالَ لَئِنِ اتَّخَذْتَ إِلَٰهًا غَيْرِي لَأَجْعَلَنَّكَ مِنَ الْمَسْجُونِينَ ﴿٢٩﴾ (الشعراء:29)

”هن چيو ته جيڪڏهن تون مون کان سواءِ ٻئي کي الله تسليم ڪيو ته (يادرک) پڪ سان توکي جيل موڪلي ڇڏيندس.“





فرعون حضرت موسىٰ کي چيو ته مون ڪانسواءِ ڪو الله ناهي، هتان الله جي معني واضح ٿي وڃي ٿي. حضرت موسىٰ جي دعوت هي هئي ته بني اسرائيل کي فرعون جي محڪوميءَ مان ڪ ي آزاديءَ جي فضا ۾ آندو وڃي، جتي هو الله ﷻ جي حڪمن کي بجا آڻين. فرعون جي دعوي هيءَ هئي ته اطاعت ۽ فرمانبرداري سندس ئي ٿي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري بني اسرائيل کي اجازت نٿي ڏئي سگهجي ته هو ڪنهن ٻئي جي قانونن جي پابندي ڪن.

هتان هي ڳالهه به واضح ٿي وڃي ٿي ته ڇڙواڳ اقتدار ۽ سرڪشي سان طاقتور فردن يا قومن جو الله ﷻ جي ٻانهن مان ڪمزور فردن يا قومن تي غلبو قائم ٿي وڃي ته اهو به الله ﷻ جي اقتدار ۾ شرڪ بنجي وڃي ٿو. ان وقت الله ﷻ جي مشيت انهن فردن ۽ قومن جي آزادي گهرندي آهي، تان ته انهن کي اهڙو آزاد ۽ منصفاڻو معاشرو ميسر ٿي سگهي. جتي هو هڪ طرف آزاديءَ سان الله ﷻ جي حڪمن تي عمل ڪري سگهن. ۽ ان آزاد ۽ منصفاڻي معاشري کي الله ﷻ جي معرفت رسائڻ جو بنياد ٺاهي سگهن ۽ ٻئي طرف اتي عدل جي قيام سان پنهنجي ذات کي اوسر ۽ ترقي ڏئي سگهن.

## الله ﷻ کي حقيقي طرح نه مڃڻ جو نتيجو

الله ﷻ کي مڃڻ ائين نه هوندو ته پوءِ ماڻهو ان جي ٻانهپ ۾ داخل ٿي نه سگهندو. ان جي رحمتن جو مستحق بڻجي نه سگهندو. ان جي حفاظت جي دائري ۾ اچي نه سگهندو ۽ ان جي قربتن جا لطف ماڻي نه سگهندو. اهڙي طرح هو شرڪ ۽ عذابن جي گهيري مان به نڪري نه سگهندو. هو الله ﷻ جي ربوبيت يعني پالڻهاريءَ واري اطاعت کي نه اپنائيندو ته مختلف قسمن جون آفتون گهيري

www.iqbalkalmati.blogspot.com



وٺندس. بي برڪتي ۽ لونجهه مسلط ٿي ويندس.

لَئِنۡ شَكَرۡتُمۡ لَاَزِيۡدَنَّكُمۡ وَلَئِنۡ كَفَرۡتُمۡ اِنَّ عَذَابِيۡ لَشَدِيۡدٌ (ابراهيم_7)

شڪر سان ضرور وڌائيندوسانوَ پر منڪر بڻبوءَ ته پوءِ پڪ سان
منهنجي گرفت ڏاڍي سخت اٿوَ.

اهڙي طرح پالڻهاريءَ واري اطاعت کان گسائيندڙ ماڻهو هڪ مصيبت مان جان ڇڏائيندو ته ٻي منهن ڪ ي بيهي رهندي ۽ سلسلو ختم ٿيڻ جو نالو ئي نه وٺندو. ماڻهو الله ﷻ جي ضابطن ۽ صفتن کي اختيار نه ڪندو ته ذلتون پچر ئي نه ڇڏيندس ۽ پنهنجو شرف ۽ پنهنجي تخليق جو مقصد وڃائي ويهندو. هو الله ﷻ جي ٻانهپ ۾ ڪمزور ويندو ته مخلوق پرستي ديرو ڄمائيندس. هو نفس جو غلام بڻجي ويندو ته شيطان جي مريدي پلئه پئجي ويندس. پاڻ جهڙن انسانن جي غلاميءَ جو طوق ڳچيءَ ۾ پوندس ۽ پاڻ کان ڪمتر مخلوق جي اڳيان نرڙ گسائيندو وتندو. قبرن ۽ اوتارن پوڄن ۽ پوتارن، ڪنڌين ۽ پٿرن، جنن ۽ ديوتائن کي پوڄيندو وتندو. پنهنجي هٿ ۽ دماغ سان عقيدت جا بت گهڙيندو وتندو. ڪڏهن ڪنهن پير جي آستان تي ۽ ڪڏهن ڪنهن نالي جي مرشد جي درگاهه تي. اهڙي طرح پنهنجي قسمت جون واڳون انهن عقيدت جي بتن حوالي ڪندو. اهڙي ماڻهوءَ جي دنيا ته هڙ وئي پر آخرت جي نعمتن جا دروازا به بند ٿي ويندس.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغۡفِرُ اَنۡ يُّشۡرَكَ بِهٖ وَيَغۡفِرُ مَا دُوۡنَ ذٰلِكَ لِمَنۡ يَّشَآءُ ۚ وَمَنۡ يُّشۡرِكۡ
بِاللّٰهِ فَقَدِ افۡتَرٰۤى اِثۡمًا عَظِيۡمًا (نساء: 48)

بيشڪ الله ﷻ هي ڏوهه نه بخشيندو جو ڪنهن کي به ساڻس شريڪ
ڪيو وڃي ۽ ان کانسواءِ جنهن کي وڻيس تنهن کي بخشيندو.

قرآن جنهن طريقي سان الله ﷻ جي مڃڻ جو تعارف ڪرايو





آهي، اهو تعارف ورائي ورائي پنهنجي اندر سمايو اٿس. ماڻهوءَ جي لاءِ اها وڏي سعادت جي ڳالهه آهي ته هو قرآن مجيد جو ترجمو پڙهي الله ﷻ جي اطاعت ۽ ان جي نتيجي ۾ سندس مهربانين جو ادراڪ ۽ سعادت حاصل ڪري.

قرآن مجيد پنهنجي مڃڻ جي لاءِ دين اسلام کي پنهنجو مڪمل ضابطہ حيات قرار ڏنو آهي ۽ اسلام جي دائري ۾ اچڻ جو پهريون مرتبو اعتقاد ۽ عمل جو آهي. يعني جنهن اسلامي عقيدن جو اقرار ڪيو ۽ زندگيءَ ۾ ان جي عملن کي اختيار ڪيو اهو ان جي دائري ۾ اچي ويو. ليڪن رڳو دائري ۾ اچي وڃڻ سان اهو لازم نٿو ٿئي ته ڪمال ۽ يقين جون منزلون به حاصل ٿي وڃن، بلڪ ان لاءِ ضروري آهي ته ماڻهو پاڻ الله ﷻ جي صفتن جو مظهر بڻجي وڃي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي بنيادي اصول ”عدل جي قيام“ جو هڪ متحرڪ پرزو بڻجي وڃي. عدل سان جيئي، عدل جو ساٿ ڏئي، عدل جي لاءِ جاڪوڙي ۽ عدل جي لاءِ ٿيندڙ جاڪوڙ جو سرگرم ساٿي ثابت ٿئي.

اِعۡدِلُوۡا ۟ هُوَ اَقۡرَبُ لِلتَّقۡوٰى ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ (المائده: 8)

عدل جي واٽ تي هجو اهو تقويٰ جي قريب تر (۽ لازم ۽ ملزوم) آهي

اهڙي طرح عدل سان گڏ احسان جي منزل ماڻڻ جو حڪم آهي. عدل جي اها زندگي ايمان جي منزل آهي پر احسان جي منزل فدائيت ۽ ايثار جي اهڙي منزل آهي جنهن ۾ ”مان“ آهي ئي ڪونه، رڳو ”تون ئي تون“ آهي. احسان جي اها منزل رڳو سڪڻ ۽ فڪري قياسن ذريعي حاصل نٿي ٿي سگهي. احسان جي منزل پاڻ ارپڻ، ايثار ۽ فدائيت جي ديوانگي آهي، جيڪو اتي رسي ويو ته اهو صرف هي ٻڌائيندو ته مون وانگر ٿي وڃ، جيڪي ڪجهه نظر اچي ٿو سو تون به پسي وٺ.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



## خير امت جي ذميواري

اسان مسلمانن جي مٿان الله ﷻ جي معرفت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ باقي ماڻهن کي ان معرفت جي شعور کان بهره ور ڪرڻ جي ذميواري پڻ سونپيل آهي. ڇاڪاڻ جو هدايت جي لاءِ پيغمبرن ۽ وحي موڪلڻ جو سلسلو ختم ڪيو ويو تہ پوءِ ان هدايت کي اڳتي وڌائڻ جو ڪم هن امت جي ماڻهن تي پيو. انهيءَ ذميواريءَ جي ڪري هن امت کي خير امت جو اعزاز پڻ عطا ٿيو.

خير امت جي انهيءَ منصب جي ادائگيءَ لاءِ زندگيءَ جي سيني ڏسائن ۽ رخن ۾ ان جا طريقا، مراتب ۽ ڪيفيتون قرآن مجيد ۾ ورائي ورائي ٻڌايون ويون آهن.

الله ﷻ جي ياد، ان جو ذڪر، ان جي پچار ۽ ان جي پرچار جا رنگ جابجا ڦهليل آهن ۽ اهو بہ ٻڌايل آهي تہ انهن رنگن سان اوهان ڪيئن رڱجي سگهو ٿا. اهڙي طرح چڱاين طرف سڏڻ کان وٺي مداين کان روڪڻ تائين پنهنجي عملي ڪردار نڀائڻ جون سوين صورتون سيڪاريل آهن. وري الله ﷻ جي طرفان ڌرتيءَ تي اصلاح جي اجتماعي ڪمن کي ڇڏي، پنهنجي مرضي ۽انفراديت اختيار ڪرڻ تي خبردار ڪرڻ، تنبيهون،ميارون ۽ بري انجام جي ڪڙن نتيجن ۽ انهن جي گذريل مثالن سان بہ قرآن ڀريو پيو آهي. انهيءَ ڪري هڪ ذميوار مومن جي زندگي آهي ئي ان لاءِ تہ هو انسان ۽ انسانيت جي لاءِ جيئي. اخرجت للناس جو اهوئي مطلب آهي. انسانن جي لاءِ ڀلائي، فلاح ۽ نجات جي هر امڪاني عمل ۾ انهن جو مددگار ٿئي. اهڙي طرح فلاح ۽ نجات جي ٻنهي جهانن واري سعادت ۽ نعمت کان سرفرازيءَ جا جتن ڪري تہ اهو وڏو ڪمال آهي.





# جي توحيد ۾ شرڪ کي نٿا ڇاڏو تہ پوءِ مسلماني کهڙي ڪم جي آ؟!!

قرآن مجيد ۾ توحيد جا ٽي پهلو بيان ڪيا ويا آهن:

- توحيد في الربوبيت
- توحيد في الصفات
- توحيد في العبادت

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ ﴿۱﴾ مَلِكِ النَّاسِ ۙ ﴿۲﴾ اِلٰهِ النَّاسِ ۙ ﴿۳﴾

(الناس_ 1 کان 3)

اي پيغمبر چئو تہ مان انسانن جي (اڪيلي) پالڻهار جي پناهہ ۾ اچان ٿو.

(توحيد في الربوبيت

انسانن جي (اڪيلي) حاڪم جي پناهہ ۾ اچان ٿو.

(توحيد في الصفات)

انسانن جي (اڪيلي) معبود جي پناهہ ۾ اچان ٿو.

(توحيد في العبادت)

هنن آيتن جو مفهوم هيءُ آهي تہ:

- انسانن جي اڪيلي پالڻهار جي پالڻهاريءَ وارن قانونن تي هلڻ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سان انسان سيني تنگين ۽ آزارن کان سندس حفاظت واري دائري ۾ اچي وڃي ٿو.

- انسانن جي اڪيلي حاڪم ۽ تصرفات جي مالڪ جا حڪم مڃڻ ۽ ان جي ٻڌايل ضابطن تي هلڻ سان انسان سيني غلامين ۽ ڏاڍاين کان سندس حفاظت واري دائري ۾ اچي وڃي ٿو.
- انسانن جي خلقڻهار ۽ سنڀاليندڙ اڪيلي معبود کي ئي عبادت جا سڀ حق حاصل آهن. ان جي عبادت ڪرڻ سان انسان هن دنيا ۾ توڙي آخرت ۾ سيني آفتن ۽ اهنجاين کان ان جي حفاظت واري دائري ۾ اچي ٿو.

هيءُ پيغمبر انسانيت ﷺ جي ذريعي الله سبحانه وتعالى جي مڃيندڙن کي قرآن جي هدايت جو آخري پيغام آهي، جيڪو سچي قرآن جو ڇڻ ته تت آهي. قرآن جي ٻين سيني قانونن وانگر هنن ضابطن ۾ به ڪا رعايت ڪونهي. جيڪو به ربوبيت جو رستو ڇڏيندو، اهو مالڪ جي محبوبيت ڏانهن وڌي ڪونه سگهندو ۽ تنگيون ۽ آزار سندس پڇر ڪونه ڇڏيندا. جيڪو به الله سبحانه وتعالى جي ٻڌايل ضابطن تي عمل کان لنوائيندو ته نه ان جي ذات ۽ مرتبن جي ارتقا ٿيندي، نه الله سبحانه وتعالى وٽ سندس ڪا چڱائي قبوليت جو سبب بڻبي ۽ نه وري خارجي زندگيءَ جون ڪشادگيون سندس حصي ۾ اچي سگهنديون. جيڪو به عبادت جي حق کي ان لاءِ خاص نه ڪندو ته اهو پنهنجي تخليقي مقصد کي وڃائي ويهندو ۽ ٻنهي جهانن جي سعادتن کان محروم رهندو.

## توحيد في الربوبيت ڇا آهي؟

جڏهن ماڻهو الله سبحانه وتعالى جي ربوبيت ۾ توحيد جو اقرار ڪري ٿو ته هو پوري شعور، سمجهه ۽ دل جي گهراين سان انهيءَ اڪيلي پالڻهار





جي پالڻهاريءَ وارن قانونن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ اختيار ڪري ٿو. الله سبحانه وتعالى جا پالڻهاريءَ وارا ڪجهه قانون هن ريت آهن:

1. هو جهانن جو پالڻهار آهي ۽ سندس پالڻهاري سيني لاءِ عام آهي.
2. زمين تي اهڙو ڪوبه ساهوارو ناهي جنهن لاءِ الله سبحانه وتعالى رزق جو بندوبست نه ڪيو هجي.
3. رب ڪل شيءِ، هر شيءِ جو خالق به اهو ئي آهي ۽ هر شيءِ جو پالڻهار ۽ مالڪ به اهو ئي آهي.
4. رزق جا سڀ وسيلا سندس جا ئي عطا ڪيل آهن. ايتري تائين جو زمين ۾ اوپڙ جي صلاحيت به اهوئي رکي ٿو (ام نحن الزارعون) ۽ انهن کي پاڻي رسائڻ وارو به اهو ئي آهي (ام نحن الشاربون).

الله سبحانه وتعالى جي پالڻهاريءَ وارن هنن قانونن تي هلڻ جي معنيٰ هيءُ آهي ته:

1. جيئن الله سبحانه وتعالى جي پالڻهاري عام آهي تيئن سندس مڃيندڙن کي نيابت جو فرض نڀائيندي ربوبيت عامه جي قائم ڪرڻ يعني سماجي انصاف وارو نظام قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ آهي، ته جيئن سيني ماڻهن کي رزق جي برابر موقعن ۽ وسيلن مان حاصلات ٿيندي رهي.
2. اهڙو سماجي انصاف وارو معاشرو قائم ڪرڻ لاءِ جيئن اجتماعي ڪوشش جو ساٿاري بنجڻو آهي، تيئن انفرادي طور تي نظام ربوبيت جي تڪميل لاءِ پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪرڻو آهي.

ا. الف: ماڻهو پاڻ پنهنجي بنيادي ضرورتن کان وڌيڪ جيڪو مال آهي، سو الله سبحانه وتعالى جي رستي ۾ خرچ ڪري پنهنجي ان عمل سان ان جو اظهار ڪري.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



II. ب: اهڙي مقصد لاءِ ٿيندڙ اجتماعي ڪوشش ۾ شريڪ بڻجي.

III. ج: پنهنجي نگرانيءَ ۾ شامل سڀني ماڻهن جي پرورش جي ذميواري احسن طريقي سان سر انجام ڏي.

3. جيئن ته هر شيءِ جو خالق، پرورش ڪندڙ ۽ اصل مالڪ اهوئي آهي، انهيءَ ڪري انسان جي حيثيت صرف امين واري آهي. انسان کي صرف اها امانت پنهنجي پنهنجي حقدارن تائين پهچائڻي آهي. ماڻهوءَ کي پنهنجي ابي امان، پنهنجي اولاد، پنهنجي مائٽن، پنهنجي ماتحتن ۽ پنهنجي چوڌاري سائلن ۽ محروم ماڻهن، مسڪينن ۽ ضرورتمندن، مطلب ته سڀني جو پنهنجو پنهنجو حصو حڪمن ۽ ضابطن جي صورت ۾ ٻڌايل آهي ۽ ماڻهوءَ کي انهن جي پابندي ڪرڻي آهي.

جيڪڏهن ماڻهو توحيد في الربوبيت جي انهن تقاضائن ۽ لوازمات تي پورو نٿو هلي ۽ الله ﷾ جي عطا ڪيل رزق کي رڳو پنهنجي عقل جو ڪمال ٿو سمجهي يا پنهنجي وڏن جي جاگير سمجهي ان کي اجائي طريقي سان اڏائيندو وتي ٿو ۽ رڳو پنهنجي آرام واري زندگيءَ ۽ اولاد جي مستقبل ناهڻ جي چڪر ۾ خرچيندو رهي ٿو ته پوءِ هو توحيد جي قرآني تصور جو عملي منڪر آهي ۽ ان جو الله ﷾ کي مڃڻ منافقت ۽ ٺڳيءَ وارو مڃڻ آهي.

## توحيد في الصفات ڇا آهي؟

قرآن اسان کي ٻڌائي ٿو ته:

1. الله ﷾ جي هستي جامع ڪمالات آهي. سڄي ڪائنات تي الله ﷾ جي حاڪميت آهي. هو پنهنجي اقتدار ۽ اختيار کي پنهنجي جوڙيل قانونن پٽاندڙ استعمال ڪري ٿو. اهي قانون





ٺوس آهن ۽ انهن ۾ ڪڏهن به تبديلي نٿي اچي. ڪائنات جي گونا گونيءَ ۾ سيارن ۽ ڪهڪشائن جي نظام کان وٺي اسان واري شمسي نظام تائين سڀ شيون، سيارا ۽ گرهه الله ﷾ جي مقرر ڪيل ٽاڻن ۽ پدن تي هلي ان جي قانونن جي پاسداري ڪري رهيا آهن ۽ انهيءَ نظام ۾ ڪنهن کي ذري برابر تبديليءَ جو اختيار ناهي. ان جو نتيجو هيءُ آهي ته، ڪروڙين سال گذري وڃڻ جي باوجود ڪائناتي نظام ۾ ڪا به گڙ ٻڙ ۽ فساد رونما نه ٿيو آهي. ڪائناتي قانونن وانگر ساڳيا ضابطا خود انسانن جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ کي فساد ۽ تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ خالق طرفان مقرر ۽ لاڳو ڪيا ويا آهن. انهن قانونن ۽ ضابطن جي پابندي انسانن جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ کي اهڙي ئي ترتيب ۽ ڪامرانيءَ سان هلائيندي جيئن هي ڪائنات جو نظام ڪروڙين سالن کان خوبيءَ سان هلي رهيو آهي. انسانن جي لاءِ انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ واسطي ضابطن جو بنياد خدا جو عدل وارو نظام آهي، جنهن جو لازمي نتيجو هيءُ آهي ته هر هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجو ليکو لهڻو ملڻ گهرجي. ان جو هڪ مطلب هي آهي ته انسان جو هر عمل هڪ متعين نتيجو پيدا ڪري ٿو ۽ ان ۾ ڪنهن کي ڇوٽ ڪانهي. هر انسان کي هي اختيار حاصل آهي ته هو جيڪو عمل ڪرڻ چاهي سو آزاد ارادي جي چونڊ سان ڪري سگهي ٿو پر هو جيڪو به عمل ڪندو ڪيس ان جو موافق نتيجو پلئه پوندو. ائين هر گز ناهي ته انسان عمل ته هڪ قسم جو ڪري پر نتيجو ڪيس ٻئي قسم جو ملي. عمل جنهن قسم جو ئي هوندو، ان قسم جو نتيجو ملندو. اهي نتيجا الله ﷾ جي مقرر ڪيل قانونن مطابق مرتب ٿين ٿا. اهڙيءَ طرح انسانن جي اجتماعي ڪمن جا به ساڳي طرح

www.iqbalkalmati.blogspot.com



نتيجا مقرر ٿيل آهن.

2. انسان الله ﷻ جو خليفو يا نائب آهي ۽ ان حيثيت ۾ الله ﷻ جي صفتن کي اختيار ڪرڻ جو پابند آهي. انسانذات جون بنيادي صفتون هڪ محدود ۽ سميٽيل صورت ۾ خود ذات خداوندي جو عڪس ۽ اولڙو آهن. انهيءَ ڪري انساني صفتن جي نشونما تڏهن ٿي سگهي ٿي ۽ هو ڪماليت ڏانهن تڏهن وڌي سگهي ٿو جڏهن انسان الله ﷻ جي انهن صفتن کي معيار بڻائي سامهون رکي. اهو الله ﷻ ۽ انسان جو بنيادي تعلق آهي. جيئن جيئن انسان جي ذات جي انهن صفتن جي ذريعي نشونما ٿيندي ويندي تيئن تيئن هو الله ﷻ جي تخليقي ۽ تربيتي پروگرام ۾ شريڪ ٿيندو ويندو. اهڙيءَ طرح الله ﷻ ۽ ٻانهي جو تعلق حب وارو بڻجي ويندو.

الله ﷻ تي ايمان ان شخص جو تسليم ڪيو ويندو جيڪو ان خدا جو قائل هجي، جنهن جون صفتون قرآن مجيد بيان ڪيون آهن. الله ﷻ جي انهن صفتن کي صحيح تناسب سان اپنائڻ توحيدي عقيدي جي لازمي تقاضا آهي.

الله ﷻ جون هڪڙيون صفتون اهڙيون آهن جيڪي اُن لاءِ خاص آهن. جيئن هوالاول، هوالآخر (اول بہ اهو ۽ آخر بہ اهو). الله ﷻ جي اهڙين صفتن لاءِ حڪم آهي تہ انهن کي الله ﷻ جي لاءِ خاص مڃيو وڃي. انهيءَ جو اقرار هن ريت آهي تہ ٻانهو الله ﷻ جي حضور ۾ هميشہ نوڙت ۽ نياز مندي اختيار ڪري ۽ سندس عظمت ۽ ڪبريائيءَ جي مڃتا ۽ تسبيح ۾ عاجزي ۽ نماڻائيءَ سان پيش ٿيندو رهي.

ٻيون صفتون اهڙيون آهن، جن لاءِ حڪم آهي تہ ٻانهو پاڻ انهن صفتن جو پيڪر ۽ شيدائي بڻجي. جيئن الله ﷻ الرحمان الرحيم





آهي تہ ٻانهو پاڻ انهن صفتن جو پيڪر بڻجي خلق خدا سان همدردي ۽ خيرخواهي ڪري، دوست ۽ دشمنن لاءِ ٻاجهہ جو رويو رکي، پنهنجي سيني ۾ دردمندي رکي ۽ ٻي ڪسن سان مهربانيون ڪري. اهڙيءَ طرح الله الرزاق آهي تہ ٻانهو ان صفت کي اطاعت لاءِ هيئن شمار ڪري جو بکين کي کاڌو کارائي ۽ مسڪينن جي سار سنڀال لهي. اهڙيءَ طرح مسڪينن ۽ محرومن جي بحالڪاريءَ سان الله ﷻ جي خلافت جو حق ادا ڪرڻ جي سعادت ماڻي. الله ﷻ جي ذات الواسع آهي تہ ٻانهو الله ﷻ جي ان صفت کي هيئن اپنائي جو ان جي ٻانهن تي پنهنجي فياضي ۽ مرتبي جون وسعتون کولي ڇڏي ۽ ائين الله ﷻ جي خلافت جو حق ادا ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري. اهڙيءَ طرح ٻين صفتن جي صورتحال آهي، جن ۾ انهن صفتن جو عملي جلوو پاڻ ۾ پيدا ڪرڻ انسان لاءِ توحيد جي عقيدي جي لازمي تقاضا آهي.

الله ﷻ جي انهن صفتن جو حقيقي پوئلڳ ۽ متوالو بنجڻ لاءِ سماج ۾ جتي پنهنجي انفرادي ڪوشش جي ضرورت آهي، اتي ان کان وڌيڪ اجتماعي ڪوشش ۾ شريڪ ٿيڻ سان حقيقي مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو. ڇو تہ، خلق خدا سان همدردي ۽ خيرخواهي، ٻيڪسن سان مهربانيون، مسڪينن ۽ محرومن جي بحالڪاري ۽ اهڙيون ٻيون ٻانهپ جون ذميواريون ظالماڻي نظام جي تبديليءَ ۽ عدل ۽ انصاف واري اجتماعي نظام قائم ڪرڻ سان وڌيڪ تعلق رکن ٿيون. انهيءَ ڪري معاشري مان ظلم ۽ زيادتيءَ جي پاڙ پٽڻ لاءِ ٿيندڙ انقلابي ڪوششن ۽ سماجي تبديليءَ جي تحريڪن ۾ پنهنجي عملي شرڪت ۽ ڪوشش، انسان جي خلافت واري منصب کي سنڀالڻ لاءِ بنيادي گُهرجن ۾ شامل آهن. اهو توحيد جو حقيقي روح آهي. پيغمبر اسلام ﷺ پنهنجي ساٿي صحابين

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سان گڏجي توحيد جي انهيءَ روح کي انسانيت تائين پهچايو جنهن جي نتيجي ۾ هو اسلام کي انسانيت جو آفاقي دين بڻائڻ لاءِ سوڀائتو ٿيا.

مختصر لفظن ۾ توحيد في الصفات هي آهي تہ:

1. الله ﷻ جيئن هن ڪائنات جو خالق آهي تيئن اِن جو هلائيندڙ ۽ احڪم الحاڪمين بہ آهي ۽ هن پنهنجي سڄي تخليق لاءِ ضابطا جوڙي ڇڏيا آهن.
2. الله ﷻ انسان کي اشرف المخلوقات جي حيثيت ۾ پنهنجو نائب بڻائي ڪيس پنهنجي صفتن جي ذريعي سندس ذات جي ترقيءَ جو پابند بڻايو آهي.

انهيءَ ڪري توحيد في الصفات جي تقاضا آهي تہ:

1. انسان الله ﷻ جي جوڙيل ضابطن جو پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي سڀني مسئلن ۾ پابند رهي ۽ ان جي حڪمن جي بجا آوري ڪري.
2. الله ﷻ جي صفتن جو پاڻ ۾ رنگ پيدا ڪري ۽ انهن صفتن سان خدا جي مخلوق جي لاءِ ڌرتيءَ تي پاڻ کي ڪارگر ثابت ڪري ۽ اهڙيءَ طرح الله ﷻ جي قربت حاصل ڪري وٺي.

## توحيد في العبادت :

الله ﷻ توحيد جي اعتقاد لاءِ ڪلمي طيب جا لفظ ٻڌايا آهن:
لااله الا الله هن ڪلمي جا ٻہ حصا آهن. هڪ سلبي، يعني هن ڳالهہ جو يقين ۽ ان حقيقت جي مڃتا تہ دنيا ۾ ڪا بہ اهڙي هستي ڪانهي جنهن اڳيان سيس نوايو وڃي، جنهن جي اطاعت اختيار ڪئي وڃي، جنهن کي آقا تسليم ڪيو وڃي ۽ جنهن کي پنهنجو حاجت روا سمجهيو وڃي.





اهڙيءَ طرح هي انڪار ۽ بغاوت پنهنجي نفساني خواهشن کان بہ آهي جيڪي ماڻهوءَ کي پنهنجي مرتبي کان ڪيرائي اسفل بڻائي ڇڏين ٿيون. هي انڪار ۽ بغاوت ان ڪافراڻي نظام ۽ سماج کان بہ آهي جيڪو خدا جي مخلوق کي پنهنجي جبري غلاميءَ ۾ آڻي ٿو. ان خوف جو بہ انڪار آهي، جيڪو فردن ۽ قومن جي مٿان مڙهيو وڃي ٿو ۽ جنهن سان ڪين نيستو ڪيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح ظلم ۽ انصافي جي هر علامت جو بہ انڪار آهي. مطلب تہ هي انڪار سڀني انسان دشمن طاقتن، ڪوڙن ۽ سرڪشيءَ سان مڙهيل خدائن، فرعونن ۽ طاقتور سرڪشن جي خلاف بغاوت جي نويد آهي ۽ جڏهن اهڙي طرح ذهن صاف ٿي وڃي تہ پوءِ ان تي هڪ نئين عمارت اڏڻ سولي ٿي پوندي.

ڪلمي جو ٻيو حصو ايجابي پهلو آهي، يعني سڀني قوتن جي انڪار کان پوءِ هن ڳالهہ جو اقرار تہ صرف هڪ ئي قوت اهڙي آهي، جنهن جي اطاعت ڪرڻ ضروري آهي، جنهن جي سامهون سيس نوايو وڃي، يعني الله ﷻ جيڪو هن ڪائنات جو خلقڻهار آهي ۽ پنهنجي تخليق جي سڀني ضرورتن ۽ نفعي نقصان کي ڄاڻي ٿو. جيڪو انهن ضرورتن مطابق توري تڪي نهايت عدل سان قانون جوڙي ٿو. جيڪو اشرف المخلوقات جي عزت نفس جو محافظ آهي ۽ پنهنجي موڪليل ڪتابن ۽ پيغمبرن جي ذريعي انسان کي ان جي عزت نفس جي پائمالين مان ڪ ڻ سندس منشا ۽ مشيت آهي. اهو ئي آهي، جنهن جو فيصلو ۽ حڪم حرف آخر جي حيثيت رکي ٿو. هو پنهنجي سلطنت جي ذري ذري تي صرف پنهنجي حڪمن جي بجا آوري چاهي ٿو ۽ سندس حڪمن تي هلڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ رستو نہ آهي. هو هر ڪنهن جي خبرگيري رکي ٿو ۽ سندس حڪمن کي ٽاري نہ ٿو سگهجي سندس چيل هر لفظ حڪم جي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



حيثيت رکي ٿو ۽ ان جي اختيار کي ڪو چئلينج نہ ٿو ڪري سگھي. اھو پنھنجي اقتدار ۾ يڪتا آھي. سڀ ان جي آڏو جھڪندڙ آھن ۽ ھو ڪنھن جي آڏو نٿو جھڪي. الہ جون ھي معنائون صرف ۽ صرف الله سبحانه وتعاليٰ جي ذات ۾ ئي لين ٿيون. ڪوبہ ماڻھو ڪوبہ فرشتو جِن يا ڪا ٻي مخلوق اھڙين صفتن جي مالڪ ڪانھي.

انھيءَ ڪري سڀ محتاجيون، سڀ نيازمنديون، سڀ عبادتون، سڀ گھرجون، سڀ وابستگيون ان ذات جي لاءِ ئي آھن. عبادت بہ صرف انھيءَ جي لاءِ آھي، ٻانھپ بہ صرف انھيءَ لاءِ آھي. رضا بہ انھيءَ جي گھرجي ۽ ڀروسو بہ انھيءَ ذات تي ھجي.

ھن سڄي ڪائنات ۾ حڪم ۽ حڪومت الله سبحانه وتعاليٰ جي آھي. ھاڻي ڌرتيءَ تي جيڪڏھن ڪو شخص يا ڪا جماعت الله سبحانه وتعاليٰ جي انھيءَ حڪم جي ابتڙ الله سبحانه وتعاليٰ جي ٻانھن کي پنھنجو غلام بڻائي، انھن جي وسيلن تي قابض بڻجي، انھن جي آزاد راءِ کي دٻائي طاقت جي زور تي پنھنجو ڏاڍ قائم رکي تہ اھو عمل الله سبحانه وتعاليٰ جي اختيار ۽ مالڪيءَ جي حق ۾ شرڪ بڻجي وڃي ٿو. ان وقت الله سبحانه وتعاليٰ جي مشيت انھن غلام فردن ۽ غلام قومن جي آزادي گھرندي آھي، تان تہ انھن کي اھڙو آزاد ۽ منصفاڻو معاشرو ميسر ٿئي، جتي ھو ڪنھن جبر ۽ ڏاڍ کان سواءِ الله سبحانه وتعاليٰ جي حڪمن تي عمل ڪري سگھن. اھڙيءَ طرح پيداوار جي انھن ذريعن تان طاقت جي زور تي ظالمن ۽ غاصبن جو ڪيل قبضو ختم ٿي وڃي، جيڪي ذريعا الله سبحانه وتعاليٰ پنھنجي ٻانھن لاءِ ھڪجھڙن موقعن سان لاڀ حاصل ڪرڻ واسطي پيدا ڪيا آھن تہ جيئن ھر فرد پنھنجي جسماني ۽ گھريلو ضرورتن کي پورو ڪري اطمينان حاصل ڪري سگھي.

اھو ئي سبب ھو جو حضرت موسيٰ عليہ السلام بني اسرائيل جي آزاديءَ جو مطالبو فرعون جي سامھون رکيو. فارسل معي بني





اسرائيل(بني اسرائيل کي مون سان گڏ ڇڏ). فرعون چيو تہ "مون کان سواءِ ڪوبہ رب ۽ حاڪم ڪونھي." پوءِ حضرت موسيٰ عليہ السلام بني اسرائيل کي فرعون جي غلاميءَ مان ڪ ي آزاديءَ جي فضا ۾ آڻڻ جو ڪم شروع ڪيو تہ جيئن اھي آزاديءَ واري ماحول ۾ آسانيءَ سان حقيقي خدا جي احڪامن جي اطاعت ڪري سگھن.

سڀني نبين جي تعليم ۽ جدوجھد ۾ انھن قومن جي غاصبن ۽ ڏاڍن سان مزاحمت ۽ ويڙھ جابجا نظر اچي ٿي ۽ خود پيغمبر ڪريم ﷺ بہ پنھنجي نبوت واري دور جي طاقتور ۽ ظالم سردارن سان مسلسل ويڙھ ۽ جھاد ڪري انھن جي ڏاڍ جو خاتمو آندو. ان ڪانپوءِ ان دور جي ٻن وڏين غاصب طاقتن قيصر ۽ ڪسريٰ (روم ۽ ايران جي بادشاھت) جي خاتمي کي بہ پيغمبر اسلام ﷺ پنھنجي مقصد مان ڄاڻايو. پاڻ اتي عربن جي پھرين اسلامي سلطنت جو بنياد وجھي نہ صرف قيصر ۽ ڪسريٰ جي عالمي سامراجي نظام ۾ ڏار وڌائون پر انھن عالمي سامراجن جي علائقائي ڀاڙيتو عرب سردارن ۽ داداگيرن جي تسلط کي بہ ختم ڪيائون بعد ۾ سندس خليفن انھن غاصب طاقتن جي خاتمي جو ڪم مڪمل ڪيو.

مختصر لفظن ۾ توحيد في العبادت کي انسان جو عملي طرح مڃڻ ھن ريت آھي تہ:

1. جيئن تہ خلقڻھار ۽ پالڻھار ھستي الله سبحانه وتعاليٰ جي ذات آھي، انھيءَ ڪري اسان جي سڀني شڪرانن، سجدن ۽ عبادتن جي مستحق اھا ئي ذات آھي، انھيءَ کان سواءِ ڪوبہ اھڙو ڪونھي جنھن کي ان ذات جي صفات ۾ شريڪ ڪيو وڃي.
2. اسان جو جيئڻ مرڻ، اسان جون نمازون ۽ اسان جو قربانيون سڀ الله سبحانه وتعاليٰ جي لاءِ آھن ۽ اسان کي جيڪو ڪجھ وحيءَ جي ذريعي ٻڌايو اٿائين، اسين ھر حال ۾ انھيءَ تعليم کي پنھنجي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



لاءِ ضابطو مڃون.

3. جيڪي فرد يا قوتون طاقت ۽ ڏاڍ جي زور تي قومن کي غلام بڻائي انهن جي وسيلن مان ناجائز فائدا حاصل ڪن ته انهن سان مزاحمت ۽ ويڙھ لاءِ پيغمبري طريقي جي هر حال ۾ پوئواري ڪجي ۽ جيڪي ماڻھو يا جماعتون اهو ڪم نباهين ٿا, تن جو ڀرپور ساٿ ڏجي.

توحيد جي انهن مٿانهن درجن جي نفي ڪندڙ طور طريقا شرڪ جي زمري ۾ اچن ٿا. انهن مان ڪجھ طور طريقا ته اسان جي اڳيان ظاهر شڪل ۾ خطرناڪ آهن ۽ ڪن جو طريقءِ واردات لڪل يا ڳجهو آهي. قرآن مجيد شرڪ جي انهن سڀني ظاهر ۽ لڪل طريقن کي سندن پوري خطرناڪيءَ سميت پڌرو ڪري سامهون آندو آهي.

## فرقي بندي شرڪ آهي

هڪ الله ﷻ تي ايمان آڻڻ سان ماڻھو دنيا جي سڀني باطل خدائن جي غلاميءَ مان آزاد ٿي وڃي ٿو هڪڙي ذات جي محڪوم ٿيڻ سان سڄي ڪائنات جو حاڪم بڻجي وڃي ٿو. هو ان هڪ دروازي تي جهڪي ٿو ته سڄي دنيا سندس در جي سلامي ٿئي ٿي. هيءُ اُن جو ٿي وڃي ٿو ته سڄو جهان سندس ٿي وڃي ٿو.

جڏهن انساني جماعت اها حقيقت مڃي ٿي ته سندس خدا هڪ آهي ته ان جو لازمي نتيجو آهي ته اها انساني جماعت به وحدت سان هڪ بڻجي. واحد خدا کي مڃيندڙ جماعت گروهن ۾ ورهايل نه هئڻ گهرجي. جيڪڏهن ٻن خدائن جو مڃڻ شرڪ آهي ته ان جماعت جو ٻن ٽڪرن ۾ ورهائجڻ به شرڪ جوئي قسم آهي, پر اها ته شرڪ جي بدترين صورت آهي جو اها جماعت سوين فرقن





۾ ورهايل هجي. قرآن ۾ به ائين فرمايل آهي:

”(ڏسو ايمان جي دعويٰ جي باوجود) توهان مشرڪن مان نه ٿجو جن پنهنجي دين ۾ فرقا پيدا ڪري ڇڏيا يا پاڻ به هڪ فرقو بڻجي ويا ۽ (حالتِ اِها وڃي بيٺي جو) هر فرقو پنهنجي مسلڪ (جي سچائيءَ) تي اڙجي ۽ تڏجي بيٺو.“ (الروم 31, 32)

تنهن ڪري اها ڳالھ طئي آهي ته مسلمانن جو فرقن ۽ گروهن ۾ ورهائجڻ عملي شرڪ آهي ۽ اڪيلي الله ﷻ تي ايمان رکندڙن جو اعليٰ انساني اصولن جي عالمگير مقصدن لاءِ هڪ ٿي وحدت تي قائم رهڻ توحيد جي عقيدي جو عملي ثبوت آهي.

مسلمانن جي اها وحدت هن ڳالھ سان ٻڌل آهي ته هڪ ئي قانون جي اطاعت ڪري ۽ سڀني جي زندگيءَ جو نصب العين يعني جيئڻ مرڻ هڪ ئي مقصد لاءِ هجي. اهو مقصد آهي انسانيت جي لاءِ فلاح ڀريو نظام قائم ڪرڻ. اهو مقصد جيئن جيئن حاصلات جي طرف وڌندو ويندو تيئن تيئن ان جو دائرو وسيع ٿيندو ويندو ۽ انساني وحدت جو مقصد حاصل ٿي ويندو. اها اهڙي وحدت هوندي جنهن ۾ نه فرد فردن جا غلام هوندا ۽ نه قومون قومن جون غلام هونديون. تنهن ڪري توحيد جو آخري نتيجو اهڙي انساني وحدت آهي, جنهن جو عملي ذريعو اهڙي نظام جو قيام آهي, جنهن ۾ خدائي قانونن جي اطاعت هجي ۽ انسانن جو پاڻ جهڙن انسانن جي هٿان استحصال ۽ غلامي هرگز نه هجي.

## علماءَ ۽ مشائخ کي خدا ڪري وٺڻ:

قرآن مجيد شرڪ جون جيڪي ڪريائتيون صورتون پڌريون ڪري منظر تي آنديون آهن, انهن ۾ هڪ صورت مولوين ۽ پيرن کي خدا ڪري وٺڻ به آهي. اها ريت ۽ روش سڀ کان پهرين يهودين

www.iqbalkalmati.blogspot.com



اختيار ڪئي. هُنن خدا جي موڪليل ڪتاب توريت جي ضابطن ڪي جڏهن پنهنجي خواهشن جي تڪميل ۽ مفادن جي پوري ڪرڻ واري عمل ۾ رڪاوٽ پاتيو تہ پوءِ پنهنجي احبار ۽ رهبان يعني مولوين ۽ مشائخن جي قدم بوسي ڪري، ڪين نذرانا ڏئي، مريد ۽ متوسل بڻجي پنهنجي لاءِ هٿرادو رعايتن ۽ دينداري جي من پسند جعلي رستن جو در کولرائي ڇڏيو. ڪين چيو ويندو هو تہ ”بابا ! نيت صاف مراد حاصل!“ يعني عملي زندگيءَ ۾ پنهنجي مفادن جي حاصلات ۽ غرضن جي پورائي لاءِ رڳو نيت صاف رکجو ۽ پنهنجو مقصد حاصل ڪري ونجو ان ۾ خدا جي مقرر ڪيل ضابطن تي پابند رهڻ جي هرويرو لوڙ ڪانهي. يا وري انهن مولوين ۽ مشائخن خدا جي ضابطن تي پابند رهڻ جي پرچار ڇڏي ماڻهن ڪي نجات جي لاءِ وظيفن ۽ حاضرين ڪي يا پنهنجي هٿ ٺوڪين رسمن ۽ عملن ڪي ڪافي قرار ڏئي ڇڏيو. تان جو معتقدن ۽ مريدن جو اهو عقيدو قائم ٿي ويو تہ ”سائين جن بہ پهتل ٻانها آهن. سي اسان لاءِ گهٽ ڪونہ گهرندا.“ اهڙيءَ طرح عملي زندگيءَ ۾ ”سائين جن“ سان لاڳاپيل رسمن ۽ عملن ڪي ئي اهميت رهي ۽ ٻنهي جهانن جون ڀلايون ۽ نجات انهن جي حوالي ٿي وئي.

قرآن مجيد پنهنجي مڃيندڙن ڪي خبردار ڪيو تہ :” الله کان سواءِ انهن پنهنجي عالمن ۽ مشائخن ڪي رب ڪري ورتو ۽ مريم جي پٽ مسيح ڪي بہ (رب ڪري ورتو) هوڏانهن ڪين هيءُ حڪم ڪيو ويو هو تہ هڪ الله جي بندگي ڪن، جنهن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ پرجهلو ۽ معبود نہ آهي ۽ الله انهن کان پاڪ آهي جن ڪي (سندس) شريڪ بنائين ٿا. (توبہ:٣١)

جيئن يهودين حضرت عزير ڪي الله سبحانہ وتعاليٰ جو پٽ ڪري ورتو ۽ علماءِ ۽ مشائخ ڪي دستگير ڪري سمجهيو. تيئن يهودين جي انهيءَ





روش ڪي عيسائين ۽ مسلمانن بہ جاري رکيو. ڇو تہ الله سبحانہ وتعاليٰ جي توحيد تي پختگي ۽ ان جي ٻڌايل ضابطن جي پابنديءَ لاءِ وڏي قرباني گهربل هئي ۽ جيئن تہ پنهنجي غرضن ۽ مفادن تان هٿ کڻڻ سولو ڪونہ هو انهيءَ ڪري ماڻهن انهيءَ جي واٽ اها ڪ ي ورتي تہ الله سبحانہ وتعاليٰ ڪي مڃڻ جي دعويٰ بہ پوري ٿئي ۽ ان جي مقرب سڏجندڙ شخصيتن ڪي پنهنجو مولا، وسيلو ۽ دستگير بڻائي دنياداريءَ جا سيئي مزا بہ حاصل ڪجن.

جيئن يهودين جي مٿان اهڙين ترڪتالين جي ڪري ذلت ۽ خواري ٿاڪي وئي تيئن جيڪو بہ الله سبحانہ وتعاليٰ ڪي اڏورو مڃڻ جي اهڙي ترڪتالي ۽ اٽڪل بازي ڪندو تہ ذلتون ۽ خواريون نہ هن دُنيا ۾ سندس پچر ڇڏينديون ۽ نہ آخرت ۾ ڪيس نجات ملي سگهندي. ڇو تہ قرآن جا ٻڌايل فيصلا اٽل آهن. انهن ۾ ڪابہ رعايت ڪنهن ڪي ملڻي ئي ناهي.

## خواهشن ڪي خدا بنائيندڙ ماڻهو:

” ڇا تو ان ماڻهوءَ جي حال تي غور ڪيو آهي، جنهن پنهنجي خواهشن ڪي پنهنجو معبود بڻايو آهي. (نتيجي ۾) ان ڪي سمجهہ هوندي بہ الله سبحانہ وتعاليٰ (پنهنجي قانونن پٺاندڙ) ڪيس گمراهہ ڪيو ۽ سندس ڪنن ۽ سندس دل تي مهر هنيائين ۽ سندس اکين تي اکيا چاڙهيائين. پوءِ ڪير ان ڪي الله سبحانہ وتعاليٰ کان پوءِ هدايت ڪري سگهي ٿو. ڇا توهان پوءِ بہ نصيحت حاصل نہ ڪندؤ؟“ (الجاثيہ: 33)

قرآن مجيد شرڪ جي هيءَ غيرمحسوس شڪل ٻڌائي پنهنجي مڃيندڙن لاءِ هن طريقي سان مشرڪ بڻجڻ جي واٽ بہ بند ڪئي آهي. پنهنجي خواهشن ڪي خدا بنائي ونڻ جو مسئلو ايڏو نفيس آهي جو اڪثر حالتن ۾ خود اهو مذهبي رنگ اختيار ڪري وٺندو آهي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ماڻھو پنھنجي خواھشن جي پوئواريءَ ۾ پانت پانت جي طريقن سان پنھنجي دينڊار ھئڻ جا جتن ڪندو آھي. اھڙيءَ طرح ماڻھن جا گروھ ٻين گروھن جي مٿان پنھنجا غرض ۽ خواھشون مڙھڻ جي ڪوشش ڪندا آھن. ايتري تائين جو ماڻھوءَ جو قلب خود بتخانو بڻجي ويندو آھي. ماڻھو اھڙين حاصلاتن جي ڪ طواف ڪرڻ شروع ڪندو آھي، جن لاءِ خدا جي ڏنل ضابطن ۾ چٽي منع ڪيل ھوندي آھي. ماڻھوءَ جون سڌون ان ھنڌ تي وڃي پڄنديون آھن جو ان جي لاءِ جائز ۽ ناجائز جي ڪابہ سرحد باقي نہ رھندي آھي. اھڙيءَ طرح ماڻھن جا گروھ ۽ قومون بہ پنھنجي انھن خواھشن جي تڪميل ۾ انسانيت جا سڀ ليڪا لتاڙي ونديون آھن.

شرڪ جي ھيءَ اھڙي خوفناڪ صورت آھي جو ماڻھو علم ۽ سمجھہ ھوندي بہ پنھنجي مٿان انڌ جو پردو چاڙھي ڇڏيندو آھي ۽ دلين تي مھر لڳي ويندي آھي. قرآن مجيد ۾ ھيءُ چٽو بيان آھي تہ خدا جي قانونن ھيٺ ھدايت ۽ رھنمائي انھن جي لاءِ ھوندي آھي جيڪي ان جي لاءِ تڙپ ۽ جستجو رکندا ھجن ۽ جيڪي پنھنجي خواھشن ۽ مرضيءَ کي پاسيرو رکي زندگيءَ کي خدا جي ضابطن تي پابند رھڻ جو اٽل ارادو رکندا ھجن. جيڪي خدا جي انھيءَ ھدايت بخشيندڙ قانون کان ٻاھر رھجي وڃن ٿا، انھن جي ڪنن تي مھرون ۽ اکين تي پردا پئجي وڃن ٿا. انھن جون دليون زنگجي وڃن ٿيون ۽ اصلاح جا رستا بند ٿي وڃن ٿا. پوءِ انھن جي لاءِ ھلاڪتن جون کاھيون آھن، جن ۾ ٿاٻڙجي ڪرڻ سندن مقدر بڻجي وڃي ٿو. خدا جي انھيءَ قانون جو نوس ھئڻ ثابت ڪري ٿو تہ وحيءَ جي ھدايت جي روشنيءَ ۾ پنھنجو پاڻ کي مڪمل طرح خدا جي حوالي ڪرڻ کان سواءِ بچاءَ جي ٻي واٽ ڪانھي ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ وارن لاءِ انھيءَ ۾ پڌري حقيقت آھي.





## خدا جي ڏنل ضابطن کان لنوائڻ جو شرڪ :

قرآن مجيد ۾ عبادت جي تصور لاءِ رڳو انسان جو الله ﷻ جي سامھون سيس نوائڻ ڪافي ڪونھي، پر پنھنجي زندگيءَ جي سڀني شعبن ۾ الله ﷻ جي فرمانبرداري، سندس ٻانھپ جي لازمي تقاضا آھي. انھيءَ ڪري جيڪڏھن ڪو ماڻھو پنھنجي زندگيءَ جي سموري وھنوار ۾ الله ﷻ جي حڪمن کي پٺي ڏئي ٿو يا اٽڪلن سٽڪلن سان ڪنڌ ڪ ائي ۽ لنوائي ٿو تہ اھو شخص بہ توحيد ۾ شرڪ جو اھڙو ئي مرتڪب آھي، جھڙيءَ طرح ڪو ماڻھو غير الله جي اڳيان سيس نوائڻ جي ڪري شرڪ جو مرتڪب ٿئي ٿو.

توحيد جو تفصيلي دستاويز قرآن مجيد جي صورت ۾ سموري انسان ذات آڏو آھي. اھو قيامت تائين حفاظت ڪيل ڪتاب آھي، جنھن ۾ ڪنھن بہ شخص کي، ڪنھن بہ پير ۽ مولويءَ کي ۽ ڪنھن بہ فرقي کي تبديليءَ جي ڪا طاقت ڪونھي. قرآن پاڻ چيو آھي تہ". ھيءُ پيغام نصيحت جي ڳولائن لاءِ آسان ڪري لاٿو ويو آھي." انھيءَ ڪري ترجمي سان انھيءَ جي ھدايت ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ جي جستجو ڪئي وڃي تہ ھدايت پري ڪونھي.

ان جي ابتڙ جيڪڏھن ماڻھو پنھنجي سھولت جي شين ۾، عبادتن، نفلن ۽ وظيفن ۾ تہ الله ﷻ جي ھدايتن کي مڃي پنھنجي نفس کي مطمئن ڪري، پر جتي سندس مفادن ۽ غرضن کي مھٽ رسندي ھجي اتي قرآن جي ھدايتن ۽ نصيحتن کان منھن موڙي ڇڏي تہ اھا مشرڪاڻي ھلت آھي ۽ ان ماڻھوءَ جو ايمان الله ﷻ وٽ قابل قبول ڪونھي.

ھيءُ توحيد بابت قرآن مجيد جي تعليم جو خلاصو آھي. جيڪو ماڻھو ترجمي سان سڌو سنئون قرآن مجيد مان ھدايت

www.iqbalkalmati.blogspot.com



حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، ان جي مٿان توحيد جون اهي سڀ حقيقتون پڌريون ٿينديون وينديون، پر ان لاءِ شرط اهو آهي تہ قرآن مجيد متقين جي لاءِ هدايت آهي. يعني جن ماڻهن ۾ ماڻهپو ۽ انسانيت هجي ۽ اهي انسانيت لاءِ جيئڻ گهرندا هجن ۽ جن ماڻهن کي اها شيءِ حاصل ناهي، انهن لاءِ قرآن جو پنهنجو حڪم آهي تہ اهي انڌا آهن، جيڪي نبين جي هدايت ۽ قومن جي عروج ۽ زوال وارن نتيجن جي هيڏي ڏگهي تسلسل کي نٿا ڏسن، اهي ٻوڙا آهن، جيڪي صدين کان حق ۽ هدايت جي گونجندڙ آوازن کي پنهنجي قلب تائين پهچڻ نٿا ڏين، جيڪي پنهنجي دور جي سڌارڪن جون ڪُوڪون ڪون ٿا ڪنائين ۽ اهي گونگا آهن ۽ جيڪي سعادتن جي حاصلات جي جستجوءَ کان پاڻ بہ محروم آهن ۽ ٻين تائين بہ اها حاصلات پهچائي سگهن. انهن ۾ آڪڙ ۽ گستاخي آهي، جنهن ڪري الله ﷾ انهن جي دلين تي مهر هڻي ڇڏي آهي. انهن ۾ هدايت جي واٽ وٺڻ جي امنگ ئي پيدا نٿي ٿئي. انهن ۾ حق جي ڳولا جي سرگرداني ۽ تلاش ئي ڪونهي، انهيءَ ڪري هدايت کان محروم ڪيل آهن. انهن ڳالهين جي ڪري هو هتي بہ الله ﷾ جي غضب هيٺ آهن ۽ آخرت واري زندگيءَ ۾ بہ الله ﷾ جي غضب کان بچي ڪون سگهندا.

ٻئي طرف اهي ماڻهو آهن جيڪي اَبن ڏاڏن جي طريقن تي ڳنڍ ڏيئي نٿا ويهن، پر انهن جي دلين ۾ هدايت ۽ سنئين واٽ تي هلڻ جي هميشہ چڻنگ دکيل رهي ٿي. اهي حق جي ڳولا، سرگرداني ۽ تلاش ۾ آهن. منجهن ماڻهپو ۽ انسانيت موجود آهي ۽ اهي غرضن ۽ مفادن جا غلام ناهن پر سموري انسانيت جي ڇوٽڪاري جي فڪرمندي رکندا آهن ۽ انسانيت لاءِ جيئڻ گهرن ٿا. اهي پاڻ کي پنهنجي نفس جي خواهشن جو غلام بڻائي نٿا رکن، پاڻ کي عقل





ڪُل نٿا سمجهن ۽ وحيءَ جي هدايت کي اصل رهنما مڃين ٿا. انهن جي دلين ۾ خدا جو خوف ۽ الله ﷾ وٽ حاضر ٿي پنهنجي سڀني عملن جو حساب ڪتاب ڏيڻ جو يقين موجود آهي. انهيءَ ڪري هو پاڻ کي هميشہ خدا ڏانهن جوابده ۽ ذميوار سمجهندڙ آهن. پوءِ الله ﷾ سندن لاءِ هدايت جا دروازا کولي ڇڏي ٿو. سندن ٻانهپ جي ذميواريءَ جو احساس، کين خدا جون قربتون نصيب ڪرائي ٿو ۽ پوءِ ڪائنات انسانيت جا وڏي کان وڏا ڪم سرانجام ٿيندا وڃن ٿا. رضي الله عنهم و رضواعنہ. الله ﷾ انهن کان راضي ٿيو ۽ اُهي الله ﷾ کان راضي ٿيا.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



# سنڌ صدين کان وحدانيت جو گھوارو رهي آهي

جيڪڏهن هڪ ئي لفظ ۾ پڇجي تہ سنڌ جو روح ڇا آهي تہ اهو لفظ ”وحدانيت پرستي“ جو آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ صدين کان وحدانيت جو گھوارو رهي آهي. سنڌ جي قديم ترين معلوم تاريخ ٽي هزار کان پنج هزار قبل مسيح واري آهي جنهن ۾ موئن جو دڙو مهر ڳڙهہ، آمري، هڙاپا ۽ ٻيا آثار موجود آهن. انهن سڀني آثارن جي هيستائين ٿيل تحقيق ۾ انهن جي تمدن ۽ ڪلچر تي سندن وحدانيت واري دين جو وڏو اثر آهي. اهو وحدانيت جو فڪر ئي هو جنهن انهن ماڻهن ۾ جي ذهنن کي اوج ڏياريو هو ۽ کين انهيءَ لائق بڻايو هو تہ اهي نہ صرف پنهنجي ڌرتي مٿان اهڙي شاهڪار تهذيب وجود ۾ آڻي سگهن پر ڌرتيءَ جي مٿان آباد ٻين انسانن لاءِ ان تهذيبي ترقيءَ ۾ مددگار پڻ بڻجن ان ڪري اسان کي ان وقت جي آباد ٻين انساني تهذيبن سمير، عڪاد ازٽيڪ ۽ انڪا ۾ سنڌين جي هنرمندي ۽ سهڪار جا چٽا نشان ملن ٿا. وحدانيت پرستيءَ جو عقيدو توحيد يعني هڪ خدا کي مڃڻ جي تعليم ڏئي ٿو ۽ سج چند پرستي، جبل وڻ باهہ، هوا، جانورن ۽ اڪابر پرستيءَ کان روڪي ٿو. اهڙي طرح وحدانيت جو عقيدو انساني عظمت ۽





شرف کي واضح ڪري ماڻهوءَ کي سڄي ڪائنات جي مٿان برتريءَ جي نويد ٻڌائي ٿو ۽ شرڪ کان ان ڪري روڪي ٿو تہ ان جي نتيجي ۾ انسان پاڻ کان گهٽ درجي جي شين جي پوڄا ڪري پنهنجي عظمت ۽ شرف کي نظرانداز ڪري ٿو. جڏهن ماڻهو پنهنجي رتبي کان پاڻ کي هيٺ ڪٽي اچي ٿو تہ پوءِ پاڻ جهڙن يا پاڻ کان گهٽ ماڻهن/شين جون ذلتون قبول ڪرڻ هن لاءِ آسان ڳالهہ ٿي پوي ٿي. پوءِ پاڻ جهڙن ماڻهن جي اڳيان مٿو ٽيڪي ٿو. پنهنجي مفادن ۽ خواهشن کي خدا بڻائي ٿو ۽ هڪ پينو ۽ هوس گير انسان جي حيثيت ۾ زندگي جيئڻ تي هري وڃي ٿو.

جن مذهبن ۾ بہ توحيد پرستيءَ جي پرچار ڪئي آهي انسانذات جي فلاح ۽ انهن جو اتحاد انهن جي تعليم جو محور ۽ مرڪز رهيو آهي. انسان مختلف قومن، قبيلن، ذاتين ۽ برادرين ۾ ورهايل آهي ۽ پنهنجي ضرورتن ۽ خواهشن جي پورائي لاءِ پاڻ ۾ فساد ۽ جنگ ۾ مبتلا رهندو آيو آهي ان ڪري مذهبن جا پيغمبر ان فساد ۽ جنگ جي خاتمي لاءِ خدا جي وحي جي تعليم ڏئي ٻڌائن ٿا تہ خلق سڄي الله ﷻ جو عيال آهي ۽ دنيا جا سڀ ماڻهو انساني برابريءَ ۾ شريڪ آهن. حضرت آدم کان وٺي حضرت ابراهيم، حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ تائين ساڳي تعليم انسانيت کي ڏني وئي. حضرت موسيٰ عليہ السلام چيو تہ الله ﷻ جي وحدانيت بني اسرائيل جو وطيرو آهي ۽ ان ۾ سندن ڪاميابي آهي. حضرت عيسيٰ عليہ السلام چيو تہ اوهان کي جيڪا ڳالهہ اڳ ۾ پيغمبرن سيکاري آهي سا مان ورجائڻ آيو آهيان. اوهان جا اخلاق بہ ان وحدانيت جي تعليم پٽاندڙ هجڻ گهرجن. شري ڪرشن چيو هو تہ ايشور سموري ڪائنات جو پيدا ڪرڻ وارو آهي جنهن جو نہ ڪو آغاز آهي نہ ڪو انجام. ان عقيدي کي اپنائڻ وارو ماڻهو ئي بدي ۽

www.iqbalkalmati.blogspot.com



گناهه کان محفوظ رهي سگهي ٿو ۽ خوف ۽ پريشانيءَ کان بچي سگهي ٿو. ايشور نه صرف سڄي ڪائنات کان پر انسانن جي روح کان به مٿانهون آهي. گوتم ٻڌ چيو هو ته ڪائنات جون سڀ شيون بي حقيقت آهن، جيڪڏهن اهي حقيقت هجن ها ته فنا نه ٿين ها. هُن چيو ته گناهن کان نجات صرف توبهه ۽ ڪفاري سان ممڪن نه آهي، پر انسان جيڪڏهن پنهنجي زندگي بدلائي ڇڏي ته پنهنجو دامن بچائي سگهي ٿو. مهاوير چيو هو ته هن دنيا ۾ ڪنهن به ساهواري کي تڪليف نه ڏني وڃي. جهڙي طرح انسان جو پنهنجو وجود محترم ۽ عزيز هوندو آهي، ٻين کي اهڙي طرح سمجهڻ گهرجي. سچائيءَ کي هميشه پنهنجو شعار بڻايو ۽ ٻين جي شين کي ناجائز طريقي سان حاصل نه ڪيو. پاڪدامنيءَ جي زندگي ۽ حواسن تي ڪنٽرول رکو ته جيئن گمراهي کان بچي وڃو.

وحدانيت واري فڪر جي اها عظيم تعليم ۽ ان جون اهي عظيم خوبيون ئي هيون جنهن ڪري پوئلڳن جو هڪ وڏو تعداد انهن رهبرن جي رهنمائي مان اتساهه حاصل ڪندو رهيو ۽ انهن پنهنجي پنهنجي وقت ۾ لکين انسانن جا صالح جٿا پيدا ڪيا جن انساني قافلي کي اڳتي وٺي هلڻ ۾ وڏيون سهنجايون پيدا ڪيون.

وقت گذرڻ سان گڏ جڏهن انهن پاڪباز شخصيتن جي رحلت ٿي ته پوئيئرن پنهنجي رستي کي فرقو بڻائي ان جي تقديس ۽ پنهنجي رهنما جي شخصيت پرستيءَ جو دائرو ڪ ي ٻي انسانيت کي ان ڀلائيءَ واري دائري مان ڪ ي پئي ڇڏيو. پوءِ جڏهن مسخ ٿيل تعليم ۽ مذهبيت اڳيان ايندي وئي ۽ حقيقت ڏنڌلائبي وئي ته خدا وري پيغمبر ۽ سڌارڪ موڪلڻ جو بندوبست پئي ڪيو ۽ آخري پيغمبر حضرت محمد ﷺ اچي انسانيت کي ٻڌايو ته مان پوين سيني پيغمبرن ۽ انهن جي ٻڌايل انساني سچاين جي تصديق ڪرڻ





وارو آهيان ۽ سڀ کان وڏي سچائي الله سبحانه وتعاليٰ جي هيڪڙائي يعني وحدانيت جو عقيدو آهي. ان عقيدي پٽاندر سڀ ماڻهو الله سبحانه وتعاليٰ جو عيال آهن ۽ انسانيت جي حقن ۾ سڀ ماڻهو برابر آهن. الله سبحانه وتعاليٰ ماڻهن جا حق ۽ فرائض انساني فطرت پٽاندر جوڙي پنهنجي ڪتاب ۾ ٻڌائي ڇڏيا آهن ۽ جيڪو ماڻهو الله سبحانه وتعاليٰ جي ٻڌايل ضابطن جي زندگي گذاريندو سو نجات وارو ٿيندو. جيئن اوهان جو رب هڪ آهي، جيئن اوهان جو پيءُ (آدم) هڪ آهي تيئن سچائيءَ جي واٽ به هڪ ئي آهي ۽ اها آهي ماڻهوءَ جي سڌريل عملي زندگي. ان سان ئي اوهان کي چڱايون ۽ مدايون ملڻيون آهن. عربيءَ کي عجميءَ تي ۽ ڳاڙهي کي ڪاري تي ڪا فضيلت ڪونهي. اوهان مان ڀلو ماڻهو اهو آهي جيڪو ڀلي ڪردار ۽ تقويٰ وارو هجي.

آدم ذات جڏهن کان زرعي سماج ۾ داخل ٿي آهي تڏهن کان ان جي هدايت جو بندوبست به ٿيو آهي. هدايت جو هڪ بندوبست انسان جي سرشت ۾ رکيو ويو جو ان کي شين جو علم عطا ڪيو ويو ۽ ان حاصل علم جي بنياد تي آدم ذات جو هن ڌرتيءَ تي پهريون مذهب وحدانيت جو رهيو آهي. هن نقطهء نظر تي محققن جو اختلاف رهيو آهي ته انسان گمراهيءَ مان هدايت ڏانهن وريو آهي. علم انسانيات ۽ آرڪيالاجيءَ جي اڪثر مفڪرن جو هن ڳالهه تي اتفاق آهي ته ماڻهو ابتدا ۾ هڪ خدا کي مڃيندڙ هو. ڪيرن آرم اسٽرانگ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "خدا جي تاريخ" ۾ لکيو آهي ته: "سڀ کان پهريائين انسانذات هڪ خدا کي تخليق ڪيو جيڪو سڀني شين جو پيدا ڪندڙ ۽ زمين آسمان جو حاڪم هو. ان وقت ڪو به عبادتگاهه، بت ۽ مقدس رسم نه هئي. پوءِ جيئن جيئن انسان پنهنجي متعلق خوف جو شڪار ٿيندو ويو ته هن ان خوف کان بچڻ لاءِ مختلف خدا تراشڻ شروع ڪيا. ايتري قدر جو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



پوءِ سج، چنڊ، پاڻي، جانورن ۽ پنهنجي هٿ جي ٺاهيل شين کي به پوڄڻ لڳو ته جيئن هو سڪون حاصل ڪري سک سان رهي سگهي.“

ساڳي ڳالهه برصغير جي تمام وڏي ڏاهي عالم مولانا ابوالڪلام آزاد هنن لفظن ۾ بيان ڪئي آهي ته: ”هن ڳالهه ۾ ڪو به شبو ڪونهي نيل، دجله ۽ فرات جي وادين ۾ جڏهن انسان سڀ کان پهريائين پنهنجي خدا کي پڪاريو ته اهو ڪيترين ئي هستين ۾ ورهايل نه هو پر هڪ ئي اڻ ڏٺل هستي ۾ نروار ٿيل هو. ڪالدي، سميري ۽ عڪادي گروهه جن انساني نسلن جا وارث ٿيا هئا اهي سج ۽ چنڊ جا پوڄاري نه هئا پر هڪ ئي اهڙي لازوال هستيءَ جا مڃيندڙ هئا جنهن سج ۽ چنڊ جي روشنيءَ کي پيدا ڪيو آهي.

مولانا آزاد وڌيڪ لکي ٿو ته ”موئن جي دڙي جي کوٽائيءَ کان پوءِ ته محققن لاءِ هيءَ ڳالهه طئه ڪرڻ بيحد آسان ٿي وئي ته هن قديم ترين انساني بستيءَ جي رهاڪن جو مذهب صنم پرستيءَ وارو نه پر وحدانيت وارو هو. اهي پنهنجي اڪيلي خدا کي ”اون“ جي نالي سان پڪاريندا هئا. اها اهڙي هستي هئي جيڪا سڀني تي ڇانيل هئي ۽ طاقت جون باقي هستيون ان جي مقرر ڪيل قانونن هيٺ ڪم ڪندڙ هيون. انهيءَ اڪيلي خدا جي صفت ويدوڪن هئي معنيٰ جنهن هستيءَ جون اکيون ڪڏهن به ننڊاکيون نه ٿين جنهن کي قرآن ”لاتاخذه سنة ولا نوم“ چيو آهي. هن پنهنجي موقف جي تائيد ۾ وائنا يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ڊبليو شمٽ جي ڪتاب ”دي اوريجن اينڊ گروٿ آف رليجن“ جي حوالي سان لکيو آهي ته ”هاڻي اها ڳالهه واضح ٿي چڪي آهي ته انسان جي ابتدائي عمراني ۽ تمدني زندگيءَ ۾ سڀ کان وڏي مايا ان جو توحيد يعني هڪ خدا وارو عقيدو آهي ۽ انوقت انسان جو عقيدو جيڪو سندس زندگيءَ





مان گهڙجي نڪتو سو توحيدي دين هو. اها ڳالهه تحقيقن مان ايترو واضح ٿي چڪي آهي جو تاريخ تي سرسري نظر وجهڻ سان به معلوم ٿي ويندي.“

هڪڙا محقق هن راءِ جا آهن ته موئن جو شهر دنيا جو پهريون پڪ سرو ۽ انجنيئرڊ شهر آهي ۽ ساڳي زماني ۾ هڙاپا ۽ ڏامراها پڻ اهڙين سرن سان جڙيا آهن. انهيءَ ڪري پائنجي ٿو ته هتي نوح عليه السلام جي باقيات انهن شهرن جي اڏوات ڪئي آهي، جيڪي بنيادي طور تي توحيد پرست ۽ عبادت گذار هئا. آثار قديمه جي ماهر محترم اوميل به تسليم ڪيو آهي ته ”سنڌ تهذيب جي سڄي پکيڙ جي اندر ڪٿي به مندر جي تعمير نظر نٿي اچي.“ پرڏيهي محققن مان سنڌ جي مذهب تي جن ماڻهن تحقيق ڪئي آهي، انهن مان آئرن مورا به آهي جنهن لکيو ته ”سنڌو تهذيب جي وڏن شهرن مان ڪنهن به مندر جي تعمير جا اهڃاڻ ڪو نه مليا آهن ۽ نه وري معاشرت ۾ ڪنهن به قسم جي پوڄا پاٺ جون علامتون ڏسڻ ۾ آيون آهن.“

موئن جي دڙي ۾ موجود اسٽوپا جي لاءِ آثار قديمه جا اڪثر ماهر انهيءَ تي متفق آهن ته اها مٿاهين هنڌ تي ٺهيل عبادتگاهه آهي، جتي اتان جا ماڻهو عبادت لاءِ ايندا هئا. ان جي پاسي ۾ پاڻيءَ جي وڏي حوض وهنجي يا پاڻ ڌوئي پوئي عبادت لاءِ ايندا هئا. اهڙي ڳالهه ابن نديم به ڪئي آهي ۽ ان جي تائيد مائيڪل جينسن هنن لفظن ۾ ڪئي آهي: ”ان ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي ڳالهه ناهي ته گريٽ باٿ جي ته تي اهڙيون پڪيون شاهديون آهن جو هرڪو ڏسندڙ اهو فرض ڪري وٺندو ته هيءَ ڪا مذهبي جاءِ آهي.“ ڪي ماڻهو ڏکي تي اسٽوپا کي گوتم ٻڌ جي عبادت سان جوڙين ٿا. پر ڳالهه هيءَ آهي ته موئن جي دڙي وارو اسٽوپا گهٽ ۾ گهٽ 3 هزار

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سال قبل مسيح جي آهي. جڏهن تہ سڌارت گوتم ٻڌ 450 سال قبل مسيح سان تعلق رکي ٿو. تنهن ڪري ان کي ٻڌ ڌرم جو استوپا چوڻ حقيقت کان پري آهي.

استوپا واري ان عبادت گاهہ ۾ ذات خداوندي جي عبادت ٿيندي هئي ۽ ان تائين رسائي ۽ خوشنودي حاصل ڪرڻ مراقبو ٿيندو هو انهيءَ ڳالهہ کي ڪيرن آرم اسٽرانگ بہ پنهنجي ڪتاب ”دي گريٽ ٽرانسفارميشن“ ۾ وضاحت سان لکيو آهي. هوءَ لکي ٿي تہ ”مراقبو سنڌي مذهب وارو منڊل آهي، هڪ اهڙو منظر استوار زندگيءَ جو تخليل آهي جنهن جو مرڪز ذات خداوندي آهي.“

اسان جي دور جو ليکڪ اياز ڀاڳت سنڌ جي قديم تاريخ تي بہ وڏا جلد پڌرا ڪري چڪو آهي ان پنهنجي تحقيق جلد پهرين ڀاڱي 2 ۾ موئن جي دڙي جي تهذيب ۽ انهن ماڻهن جي مذهب بابت گهڻن ئي حوالن سان اهو مواد مهيا ڪيو آهي تہ موئن جي دڙي جا ماڻهو توحيد پرست هئا. هُن هي بہ لکيو آهي تہ ”منڊل يا مراقبو سنڌ سلطنت جي مرڪزي شهر مهين کان شروع ٿيو جيڪو بعد ۾ ٻين قومن پنهنجن پنهنجن مذهبن ۾ مختلف طريقن سان رائج ڪيو. مهين واري عبادت گاهہ ۾ چئني طرفن کان تعمير ٿيل ڪمرا ان جو ثبوت آهي تہ اتي توحيد پرست عبادت گذار، ٽولن جي صورت يا انفرادي طور مراقبو ڪندا هئا، جنهن جي تصديق مهين جي شهر مان مليل شو ديوتا واري مهر مان ٿئي ٿي. جنهن ۾ هو مراقبي واري حالت ۾ ويٺل آهي. هن جا ان ۾ ٽي منهن آهن، هو هڪ چوڪيءَ تي مراقبي واري حالت ۾ آهي جنهن ۾ هن جا ٻئي سٿر ۽ مرامڙي، گوڏا اونڌاڪڙيون وري پاڻ ۾ مليل ۽ پيرن جا آڱوٺا ٻاهر هيٺ نڪتل. سندس ڪرائي ۾ ڏونري تائين اٺ ند يون ۽ ٽي وڏيون چوڙيون پاتل آهن.“





بهرحال هيءَ ڳالهہ طئہ آهي تہ سنڌ حضرت نوح ۽ حضرت ابراهيم واري دين تي هجي، يا سڌارٿ گوتم ٻڌ، مهاوير، شري ڪرشن يا حضرت محمد ﷺ جي دين تي، هر مذهب ۾ وحدانيت جو عقيدو هتان جي ماڻهن جو سڀ کان وڏو آدرش رهيو آهي. ايستائين جو هندو مذهب واري سنڌ بہ جيڪا البيرونيءَ ڏٺي سا هُن ڪتاب الهند ۾ هنن لفظن۾ بيان ڪئي تہ: ”هندو مذهب جو عقيدو آهي تہ خدا اڪيلو آهي، خدا هڪڙو آهي ۽ غيرفاني آهي. نہ هن جو ڪو آغاز آهي نہ انجام. هو خودمختيار، قادر مطلق ۽ حڪيم مطلق آهي. هو پنهنجي سلطاني ۾ لاثاني آهي. نہ هو ڪنهن سان مشابہ آهي ۽ نہ وري ڪا ٻي شيءِ ان سان مشابہ آهي.“ البيروني 6 سئو سال پهريائين جيڪا سنڌ ڏٺي اها مٿي بيان ڪيل سنڌ هئي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



# چا اوهان کي پنهنجي ٽن تخليقي خاصيتن جو ادراڪ آهي؟

ٽي خاصيتون آهن، جيڪي انسان کي تخليقي طرح ٻين مخلوقات کان مٿاهون ۽ امتياز وارو بڻائين ٿيون.

## خود آگاهي:

انسان جي پهرين تخليقي خوبي خود آگاهي آهي. خود پنهنجي ذات جو شعور، هن ڪائنات جي پروڙ ۽ پنهنجي ۽ ڪائنات جي وچ ۾ واسطن بابت آگاهي. انهن ٽنهي شين جي آگاهي انسان کي الله ﷾ جي معرفت جو شعور عطا ڪري ٿي، جيئن جيئن انسان پنهنجي ۽ ڪائنات جي وچ ۾ واسطن جو وڌيڪ شعور حاصل ڪندو ويندو تيئن تيئن مٿس الله ﷾ جي معرفت جون حقيقتون ڪلنديون وينديون. الله ﷾ جي ذات اڻ ڪٿ ۽ لامتناهي آهي انهيءَ ڪري انسان جو اهو تلاش جو سفر هميشه جاري رهندو ۽ ان جي معرفت جو آخري نڪتو ڪڏهن به اچي نه سگهندو.

## آزاد چونڊ جو اختيار:

باقي جيڪي به مخلوقات آهن انهن کي پنهنجي لاءِ آزاد راءِ سان چونڊ جو اختيار ڪونهي. سڀ مخلوقات پنهنجي تخليقي نهج تي پابند آهي ته اهو ڪري جيڪو فطرت ان جي مٿان مسلط ڪيو





آهي. ايستائين جو ملائڪ به پنهنجي سپرد ڪيل ڊيوٽين جا پابند آهن ۽ آزادانه راءِ جي انتخاب جو حق انهن کي به ڪونهي. اهڙي طرح نباتات ۽ جمادات جو حال به ساڳيو آهي ۽ حيوانات به اهوئي ڪري سگهندا آهن جيڪو جبلتي طرح انهن کي سيکاريل هوندو آهي. ليڪن انسان جو معاملو ان کان يڪسر مختلف آهي جو ان کي نيڪي ۽ بديءَ جي ٻن رستن مان چونڊ جو مڪمل اختيار حاصل آهي. "وَهَدَيْنٰهُ النَّجْدَيْنِ" اسان ٻن رستن جي واٽ ان کي پڌري ڪري ڏني. "اِمَّا شَاكِرًا وَّاِمَّا كَفُوْرًا" وٽيس ته فرمانبرداريءَ جي واٽ وٺي يا وٽيس ته انڪار ۽ نافرمانيءَ جي واٽ تي هلي. انهن ٻنهي رستن تي هلڻ جي نفعي نقصان ۽ نتيجي جي خبر انسان کي ڏني وئي آهي، پر انتخاب جو مڪمل حق ڪيس ئي حاصل آهي. هاڻي جڏهن قدرت پاڻ ئي انسان کي آزاد راءِ جي چونڊ جو حق ڏنو آهي ته پوءِ مسلڪن ۽ مرشدن کي ڪهڙي طاقت آهي جو اهي ماڻهوءَ کي پنهنجي سوچ جو غلام بنائي رکن. اهڙي طرح انسان جيڪڏهن پاڻ به وحي جي هدايت جو رستو ڇڏي، پنهنجي مٿان مسلڪي رايا يا مرشدن، ابن ڏاڏن جا ورثي ۾ مليل طريقا مسلط ڪري ڇڏيندو ته هو پنهنجي تخليق جو امتيازي شان وڃائي ويهندو ۽ نتيجي ۾ پنهنجو اعليٰ تخليقي مقصد به حاصل ڪري نه سگهندو.

## تخليق جي صلاحيت:

ٻيون مخلوقات شين کي، تصورات کي ۽ افڪار کي خوبيءَ سان وجود ۾ آڻي نٿيون سگهن. انسان کي جيئن ته "عَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا" سڀني شين جا نالا سيکاريا ويا آهن، انهيءَ ڪري تخليق جي صلاحيت سندس امتيازي خوبي بڻجي پئي آهي. هو هن ڪائنات ۾

www.iqbalkalmati.blogspot.com



خالق جي قدرت ۽ تخليق جو مظهر آهي. هاڻي تعليم يافته ۽ باشعور انسان سڏبو ئي اهو جيڪو انسان نئين شيءِ دريافت ڪري سگهي. بظاهر ”اڻهوند“ جي حالتن کي ”هوند“ جو واقعو بڻائي ڏيکاري.

هن خصوصيت جو تعلق زندگيءَ جي هر ميدان سان آهي. اهو علم جو ميدان هجي توڻي تجارت جو سماجي معاملن جي ڳالهه هجي توڻي قومي معاملن جي، مطلب ته زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اُهوئي شخص وڏي ترقي حاصل ڪري سگهندو، جيڪو انهيءَ انساني صلاحيت جو ثبوت ڏئي سگهي.

شين ۽ معاملن جو بنيادي شعور انسان جي تخليقي سرشت ۾ داخل آهي. هاڻي انهيءَ بنيادي شعور جي بنياد تي انسان جيئن پنهنجي تمدني زندگيءَ ۾ شين کي وجود ۾ آڻي ٿو تيئن معاملن ۾ به ڪيس اعليٰ معرفت جي دريافت تائين پهچڻو آهي. ڪيس ناموافق حالتن ۾ موافق پهلو دريافت ڪرڻا آهن. هن کي دشمنن جي پيٽ ۾ پنهنجي دوستن جو پتو لڳائڻو آهي ۽ ناڪاميءَ جي طوفانن ۾ ڪاميابيءَ جو سفر طئه ڪرڻو آهي.

جيڪي ماڻهو انهيءَ تخليقي صلاحيت جو ثبوت ڏين اهي ئي صحيح معنيٰ ۾ انسان سڏائڻ جا مستحق آهن ۽ جيڪي ماڻهو انهيءَ تخليقي صلاحيت جو ثبوت نه ڏئي سگهن اهي توڻي جو ظاهر ۾ انساني لباس پهريل هجن، پر حقيقت جي اعتبار سان حيوانن ۾ ڳڻيا ويندا.

اهي ٿي ئي صفتون ۽ خاصيتون آهن جيڪي انسانيت کي ماپڻ جو پيمانو آهن. جنهن شخص ۾ جيڏي خود آگاهي هوندي جنهن حدتائين چونڊ جي صلاحيت هوندي ۽ جنهن حدتائين تخليقي صلاحيت جو مالڪ هوندو، ان حدتائين پنهنجو پاڻ کي مثالي انسان بڻائي سگهي ٿو.





# وڏي ڪتاب جي وڏي حاصلات کان محرومي ڇو؟

قرآن مجيد، انسانن لاءِ آسماني هدايت ۽ رهنمائي جو آخري ۽ هميشه رهڻ وارو دستور آهي. جيئن ته هي اڳين سمورن ڪتابن جي تعليم جو تتمو ۽ خلاصو آهي، تنهن ڪري هن جي حفاظت جو ذمو به الله سبحانه وتعالیٰ پاڻ کنيو:

إِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَإِنَّا لَهُ لَحَافِظُونَ (الحجر: ٩)

هن ڪتاب ۾ سمورين قومن لاءِ رهنما بنجڻ ۽ هر وقت هدايت جي سرچشمي بڻجڻ جي صلاحيت موجود آهي. (دنيا جي ڪهڙي به قوم ڪهڙي به وقت ۾ هن تي قانون سازي ڪري، پنهنجي سماج جي جوڙجڪ ڪندي ته بي شڪ اها ضرور ڪاميابي ۽ ڪامراني حاصل ڪندي). قرآن مجيد انساني قومن جي آزادي، عزت، عظمت، خوشحالي ۽ امن ۽ سلامتي جا جيڪي اعليٰ اصول ٻڌايا آهن، اهي پوري انسانذات جي ترقي، تعمير ۽ نجات ۽ سعادت جا ضامن ثابت ٿيا آهن.

تاريخ تي نظر وجهڻ کانپوءِ هيءَ دعويٰ پڪي پختي يقين سان ڪري سگهجي ٿي ته انسانذات جي ترقي ۽ تعمير لاءِ قرآن جيڪي اصول ۽ قانون سيکاريا آهن، اهڙا قانون انسانذات کي ڪنهن ٻئي قوم يا خطي مان حاصل نه ٿي سگهيا آهن.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



زندگي جي مڙني شعبن جي باري ۾ قرآن جي ٻڌايل بنيادي ۽ اصولي قاعدن تي جڏهن به قومن پنهنجا تفصيلي قانون (By laws) مرتب ڪري انهن تي عملي تشڪيل ڪئي، انهن قومن عروج جي بلندين کي حاصل ڪيو ۽ سندن سماج لڳاتار اخلاقي ۽ تمدني ترقي ڪندا رهيا. تاريخ جي اهڃاڻن جي اڀياس مان معلوم ٿيندو ته جيستائين قرآن جي اصولن جي جيتري پوئواري ڪئي وئي، ان مطابق انسانذات جي ترقي ۽ خوشحالي به قائم رهندي رهي.

قرآن مجيد جي هن تعليم کي سڀ کان اڳ ۾ رسول ﷺ جن کان، جن عظيم انسانن حاصل ڪيو ۽ ان تي عمل ڪيو، انهن جي زندگيءَ ۾ انقلاب اچي ويو. نه رڳو اهي پاڻ بدلجي ويا پر انهن هر شيءِ جو نقشو تبديل ڪري ڇڏيو. پنهنجو ماحول تبديل ڪيو، پنهنجي چوڌاري رهندڙ انسانن کي تبديل ڪيو ۽ پوءِ ان انقلاب جي خوشبو سڄي دنيا ۾ پکيڙي، دنيا کي ان مان فائدي حاصل ڪرڻ جو اهل بنايو.

هي قرآن جي تعليم جو ئي رنگ هيو جو هڪ نئون فڪر، نئون نظام، نئون سماج ۽ نئون ڪلچر ڏسندي ئي ڏسندي دنيا جي سڀ کان وڏي قوت ۽ طاقت بڻجي ويو.

پر هتي سوال هي آهي ته اهي ڪهڙا عملي محرڪ ۽ سبب هئا جن جي ڪري هڪ ننڍڙي جماعت ٿورڙي ئي وقت ۾ دنيا جو ايڏو عظيم الشان انقلاب پيدا ڪيو ۽ الله ﷻ جي مشيت (دين جي تڪميل ۽ ان جي غلبي) کي پورو ڪري ڏيکاريو؟

اصل مسئلو هي آهي ته ان وقت مسلمانن وٽ قرآن ڪنهن هڪ گروهه يا ٽولي جي ڪتاب جي حيثيت سان نه هيو. پر اهو ڪتاب پوري انسانذات جي ڀلائي ۽ رهنمائي جي حيثيت ۾ هيو. (هدي للناس) ۽ قرآن واري جماعت به ڪا گروهي جماعت نه هئي،





بلڪ پوري انسانيت جي فلاح ۽ ڀلائي لاءِ هڪ انقلابي جماعت هئي، جنهن کي پنهنجي منصب: اخرجت للناس جو پورو پورو شعور ۽ درڪ هيو. تنهن ڪري ان جماعت جو مقصد هڪ گروهه کي فائدو پهچائڻ نه هيو بلڪ پوري انسانذات جي ڀلائي سندس فڪر جو بنيادي جز هئي. سندس هر عمل، هر حرڪت، هر ڪوشش ۽ جدوجهد جي اڻتڌڙ هر وک ان مقصد لاءِ هئي.

ان جماعت جي دعوت، سندس معاشي پروگرام ۽ تمدني فياضي ۽ عطا جا دروازا سيني لاءِ کليل هئا. اهوئي سبب آهي جو اهي جتي به ويا، تاريخ تي پنهنجا نقش ڇڏيندا ويا.

پر جڏهن کان قرآن مجيد مسلمانن ۾ هڪ گروهي ڪتاب جي صورت اختيار ڪئي آهي، ان جي تعليم، ان جي قانون ۽ ان جي حڪمت ۽ هدايت کي جيڪا عالمگير آهي، ٽولن ۽ گروهن جي خانن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي ته مسلمانن جي اها فڪري ۽ عملي خصوصيت ۽ انقلابي صلاحيت ئي ختم ٿي وئي آهي جنهن جي ذريعي انهن رڻ پٽ ۽ صحرا، سمنڊ ۽ دريا ۽ جهنگ جهر مان گذري عظيم الشان معرڪا سر ڪيا ۽ هاڻي قرآن هڪ گروهه جو ڪتاب آهي جو هر هڪ ٽولو ان کي گروهي مفادن لاءِ دليلن جو ذريعو بنايو ويٺو آهي.

تاريخ جي هن چوڏهن سو سالن جي سفر ۾ اسان ڏسون ٿا ته اڄ جي دور ۾ قرآن مجيد جا هر سال لکن جي تعداد ۾ نسخا ڇپجن ٿا. گهرن، منبرن ۽ مسجدن ۾ ان جي تلاوت به وڏي پيماني تي ڪئي وڃي ٿي، ان جي مطلبن ۽ معنائن کي ڄاڻڻ لاءِ تفسير جا وڏا ذخيرا موجود آهن. ان جي تعليم ٻڌائڻ لاءِ جلسن ۽ تقريرن جو نه ڪٽندڙ سلسلو هلندو پيو اچي، پر جيڪڏهن ڪا شيءِ نه آهي ته اها آهي اها توانائي ، روشني ۽ عملي گرمي جيڪا قرآن جي پڙهندڙن جي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



زندگيءَ ۾ جذبوءِ تبديلي پيدا ڪندي آهي.

قرآن جي هوندي، مسلمانن جي ذلت ۽ رسوائي سمجھ کان ٻاهر ڳالهه آهي!

ان جو بنيادي سبب هي آهي تہ قرآن جا لفظ اسان جي زبانن تي آهن پر ان جي حڪمت ۽ فلاسافي کان اسان جا ذهن ڪورا آهن. لفظن جون معنائون تہ ڄاڻون ٿا پر پنهنجي دعوت ۽ عمل سان انهن جو پاڻ نمونو نٿا بڻجون. ان کي مقدس ۽ پاڪ سمجهي پنهنجن ذاتي ضرورتن لاءِ استعمال تہ ڪيون ٿا پر ان جي سماجي شعور (Social Understanding) جو اسان کي پتوئي نہ آهي.

جيڪڏهن قرآن جي باري ۾ عام طور شعور آهي تہ رڳو ايترو تہ ان ۾ گذريل قومن ۽ جماعتن جا ڪجهہ قصا ٻڌايا ويا آهن ۽ بس. اسان جو سڀ کان وڏو مسئلو هي آهي تہ اسان قرآن جي خدائي منشور ۽ دستور جي حيثيت ۽ عظمت کان اڻ واقف آهيون ۽ ٻيو تہ وري اسان جي سمجھڻ ۽ فائدي حاصل ڪرڻ جو معيار بہ هيڻانهون آهي. هڪ تہ مسلڪن جي ڄار ۾ قائل هئڻ ڪري قرآن ڏانهن اسان جو رويو بہ اهڙي ئي نوعيت جو آهي، ٻيو تہ جيترو قرآن ۾ غور ۽ فڪر ۽ عقل ۽ تدبر لاءِ چيو ويو آهي اوترو ئي وري اسان ۾ جموديت آهي. قرآن جي سمجھڻ ۾ اسان پنهنجن عقلن کي استعمال نٿا ڪيون ۽ جيڪڏهن سمجھڻ جي ڪوشش ڪيون بہ ٿا تہ وري اها عارضي مصلحتن ۽ ماحول جي قيد کان آزاد نہ آهي.

حقيقت ۾ قرآن جي تعليم کي سمجھڻ جي باري ۾ اسان جو رويو ڪائنات جي مالڪ جي تخليقي مشيت (Creation Plant of God) جي مجموعي تقاضائن سان مطابقت نٿو رکي. خدا جي تخليقي مشيت تہ انسان کي ”خليفہ“ جي منصب سان نوازڻ آهي پر اسان ان تناظر ۾ قرآن ۾ غور ۽ فڪر ئي نٿا ڪريون.





اسلام جي باري ۾ اسان جو رويو ان کي هڪ مڪمل زندگيءَ جو نظام ۽ دستور سمجھڻ وارو نہ آهي، پر ڪجهہ عبادتن ۾ محدود ڪري ٻڌمت، عيسائي مت ۽ هندومت وانگر هڪ مت وارو آهي. ۽ شايد قرآن وارو رستو قرباني ۽ ايثار وارو آهي، تڪليفن ۽ مشقتن وارو آهي، تنهن ڪري اسان جي بزدلي جو بہ قرآن جي سمجھڻ تي اثر نظر اچي ٿو. اسان اسلام جي حڪمت ۽ فلسفي کان اڻ واقف هوندي رڳو ڪجهہ عبادتون ادا ڪري پاڻ کي ديندار سمجھون ٿا. پر افسوس تہ هي آهي جو انهن عبادتن جي بہ حقيقي روح ۽ خدا کي مطلوب بندگيءَ جي شعور کان بہ وانجهيل آهيون. قرآن مجيد حق ۽ باطل کي چٽو ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪانپوءِ پنهنجو مقصد حق جو غلبو ۽ باطل جو متجڻ بيان ڪري ٿو: لِيُحِقَّ الۡحَقَّ وَيُبۡطِلَ الۡبَاطِلَ ط تنهن ڪري قرآن جي مڃيندڙن کي حق ۽ باطل جو شعور هئڻ گھرجي. پنهنجي دور جي مغضوب عليهم ۽ ضالين سان مقابلي جي هر وقت تانگھ ۽ تڙپ رهي. جيڪڏهن اها ذميواري سندن شعور ۾ نہ آهي تہ پوءِ اهي ڪيئن پنهنجي پالڻهار جي تخليقي مشيت (خليفہ) جي منصب جي ادائگي ڪري سگھن ٿا انساني تاريخ جي هنن ويهن هزار سالن جي سفر ۾ ابتدا کان وٺي انبياء سڳورا (عليهم الصلوات والسلام) ۽ سندن پوئلڳ (Followers) وقت جي طاغوتي، فرعوني ۽ قاروني صفت جهڙن سان، عوام (Masses) جي آزادي (Freedom) ۽ معاشي ۽ معاشرتي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا. غلامي جي سيني زنجيرن خلاف بغاوت ڪري انهن کي ختم ڪيو. وڏيون تڪليفون سهي ۽ قربانيون ڏئي ڪري انسانذات کي آزادي جي نعمت ڏني. آخر ۾ قرآن جي حاملين انسانيت کي ترقي ۽ عوام الناس (Masses) کي سماجي حق ۽ انصاف ڏئي ڪري هڪ يادگار خلافت جو تاريخ ۾ مثال قائم ڪري ڏيکاريو. اها

www.iqbalkalmati.blogspot.com



خلافت حقيقت ۾ قرآن جي ٻڌايل اصولن ۽ ان جي تعليم جو نتيجو هئي. اڄ اسان جيڪڏهن ان نعمت کان محروم آهيون ته اهو اسان جي ڪوتاهين جو نتيجو آهي.

جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته مسلمانن کي اهو وڃايل منصب وري حاصل ٿئي، ته پوءِ اسان کي قرآن جي انقلابي پروگرام ۽ ان جي سماجي شعور (Social Understanding) کي سمجهڻو پوندو. اسان کي اهو تسليم ڪرڻو پوندو ته اڄ به قرآن چوڏهن سو سال اڳ وانگي اسان جي هدايت جو منبع ۽ سرچشمو آهي، پر رڳو اسان جو رويو ان لاءِ اهو هجي جنهن لاءِ اهو آيو آهي.

قرآن جا ٻڌايل اصول آفاقي ۽ دائمي آهن ۽ انسان جي فطرت به ساڳي آهي. ان ۾ ڪا تبديلي ممڪن ئي نه آهي. نيڪي ۽ بدي، ظالم ۽ مظلوم، مستڪبر ۽ مستضعف، مجبور ۽ طاغوت، منڪر ۽ مشڪور اڄ به ساڳيا آهن. رڳو شڪل ۽ صورت بدليل آهي. جيڪڏهن اسان اڄ به خدا کي گهربل بندگيءَ واري زندگي گذارڻ جو عزم ڪيو ته اهي ڪردار اسان کي پنهنجي چوڌاري ضرور نظر ايندا.

قرآن جو ته بنيادي مقصد ئي هي آهي ته نيڪي ۽ بدي ۾ فرق کي چٽو ڪري، ظالم کي سزا ڏئي، مظلوم کي انصاف ڏياري، مستڪبرين کي پنهنجو انجام ڏيکاري ۽ مستضعفين کي سندن وڃايل تخت، مجبور کي آزادي ڏئي ۽ طاغوت کي ختم ڪري، منڪرين جي پڪڙ ڪري ۽ مومنن تي نعمت جي تڪميل. توهان تيستائين قرآن جي حڪمت ۽ ان جي روح کي سمجهي نٿا سگهو جيستائين توهان جي عملي زندگي قرآن جي مطلوب بندي واري نه هجي. توهان انهيءَ دعوت جي ڪم جو آغاز ڪيو قرآن جي تعليم توهان لاءِ رهنمائي جي روشني فراهم ڪندي هلندي. توهان جي





اڳيان اهي ئي تجربا ايندا ويندا جيڪي پهرئين دور ۾ قرآن جي مڃيندڙن کي پيش آيا. پر جيڪڏهن توهان جي ڪا عملي ڪارڪردگي آهي ئي ڪونه، توهان کو سماج جي ڀلائيءَ جو ڪم ڪيو ئي نٿا، ته پوءِ توهان پنهنجو ڳاڌ اپو قرآن سان ڪيئن جوڙيندا. توهان جي ميز تي رکيل قرآن جي تلاوت ۽ ان جي تعليم توهان جي علم (Knowledge) ۾ اضافو ته ڪندي، پر توهان جي شخصيت جي تعمير (Development) خدا جي آئيڊيل انسان واري نه ٿيندي. قرآن مجيد کو محض فڪري ۽ نظرياتي ڪتاب نه آهي، بلڪ ان جي تعليم عملي (Practical) آهي. ان جا احڪام، سندس اخلاقي فلسفو، معاشي نظريو، عمراني اصول ۽ قانون تيستائين سمجهه ۾ نه ايندا جيستائين انهن مطابق عملي زندگي (Practical Life) اختيار نه ڪئي وڃي.

مطلب ته اهو فرد قرآن کي سمجهي نه سگهندو، جنهن پنهنجي فردي ۽ جماعتي زندگيءَ جي سيني شعبن ۾ قرآن کان پاڻ کي پاسيرو ڪري ڇڏيو آهي ۽ نه ئي وري اها قوم ڪڏهن ترقي ڪري سگهندي جنهن جا اجتماعي ادارا قرآن جي اخلاقي تعليم کان خالي آهن.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



# عبادتون اسان کي ڇا ٿيون ڏين؟

الله ﷻ جيڪا بہ مخلوق پيدا ڪئي، ان کي سوڌي سنواري خلقيو ان جو پورو پورو اندازو مقرر ڪيو ۽ ان جي هدايت ۽ سڌاري جو بندوبست ڪيو. (سورة الاعليٰ 1_2)

انسان کي اشرف المخلوقات طور هڪ جوابده ۽ ذميدار مخلوق ڪري بڻايو ويو تہ ان جي لاءِ هدايت جي انتظام ۾ وجدان ۽ حواسن سان گڏ اڃان بہ ٻہ وڌيڪ بندوبست ڪري ڏنا ويا. هڪ عقل جي هدايت جو ۽ ٻيو وحي جي هدايت جو. وحي جي هدايت جو تعلق انسان جي داخلي ۽ خارجي زندگيءَ سان هو. جنهن ۾ عقيدن، سوچن، خيالن ۽ خواهشن جي رهنمائي بہ هئي، تہ وري مادي ۽ جسماني قوتن کي اعتدال ۽ عدل تي هلائڻ جي تربيت بہ هئي. وحي جي تعليم ۾ عقيدن، سوچن ۽ فڪر جي لاءِ رهنما اصول ٻڌايا ويا ۽ انهن اصولن تي هلڻ جي مشق ۽ عملي تربيت عبادتن جي نظام سان ڪئي وئي. انهيءَ وحي جي تعليم ذريعي انسان اشرف المخلوقات کي سنواريو بہ ويو ۽ ان جو پورو پورو اندازو مقرر ڪيو ويو. سيني پيغمبرن وحي ذريعي حاصل ڪيل توحيد جي فڪر ۽ امن ۽ سلامتي اصولن جي هڪ باضابطہ نظام يعني دين اسلام جي ذريعي انسان جي رهنمائي ڪئي ۽ عبادتن جي تربيتي نظام ۾ پاڻ بہ شريڪ ٿي پنهنجي پوئلڳن لاءِ شاندار عملي مثال قائم ڪيا.





پيغمبرن جي ٻڌايل ان عبادتن واري نظام جا ٽي حصا آهن، (1) فرائض (2) اخلاق (3) معاملات. پهريون حصو (يعني فرائض) انسان جي روح کي پاڪ ڪري ٿو ۽ نيڪيءَ کي ڪامياب بنائڻ جي لاءِ ماڻهن کي اتساهہ عطا ڪري ٿو. ٻيو حصو (يعني اخلاق) انسان ۾ ذاتي ڪردار کي درست ڪري ٿو ۽ اصولن جو بنياد عطا ڪري ٿو. ٽيون حصو (يعني معاملات) هي سيکاري ٿو تہ انسان جا تعلقات ٻين انسانن سان ڪيئن هجن. عبادتن جي ٽنهي حصن جي پنهنجي پنهنجي اهميت آهي ۽ ٽئي هڪ نظام هيٺ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن.

## فرائض جي اهميت:

عبادت جا فرائض پنج آهن. (1) ڪلمه شهادت (2) نماز (3) زڪوات (4) روزو (5) حج. اهي پنج ئي فرض انسان جي ماڻهپي کي ڪامل ٿيڻ جي طرف مددگار بڻبا آهن ۽ ان جي شخصيت کي ترقيءَ طرف وٺي مجموعي طور تي هيٺيان پنج نتيجا پيدا ڪندا آهن.

(1) خلوص ۽ خدا رخي زندگي: انهيءَ مان محسوس ٿيندو آهي تہ انسان جي زندگي پنهنجي خلقڻهار الله ﷻ جي اثر کان متاثر ٿي رهي آهي. هو خود رخي زندگيءَ جي بجاءِ خدا رخي زندگي جي واٽ جو پانڌيئڙو بڻيو آهي.

(2) قلب جو اطمينان: انهيءَ سان ماڻهو زندگيءَ جي فڪرات ۽ پريشانين کان آجو ٿيندو آهي. خلقڻهار جي ٻڌايل هڪ ضابطي واري زندگي گذارڻ جي ڪري نہ صرف زندگيءَ جو اطمينان حاصل هوندو اٿس، پر موت ۽ موت کان پوءِ جي فڪرات کان بہ نجات ملي پوندي اٿس.

(3) عدالت: ماڻهوءَ جي متوازن شخصيت عدل ۽ انصاف جي طريقن

www.iqbalkalmati.blogspot.com



تي ڪاربند ٿيندي آهي ۽ هو پنهنجي جذبات ۽ خواهشن تي پوري سگهه حاصل ڪري وٺندو آهي. جيئن هو پنهنجي ذات ۽ خاندان سان بہ انصاف ڪندو آهي. تيئن پنهنجي مٽن مائٽن، يتيمن ۽ مسڪينن ۽ پنهنجي چوڌاري ضرورتمندن ۽ سموري انسانيت سان بہ انصاف جي هلت هلندو آهي.

(4) ڪامل محبت: هو خلق خدا کي الله ﷾ جو عيال ڀانئڻ لڳندو آهي، ان ڪري خلق ڏانهن هن جو رويو مصالحت، همدردي، مساوات وارو هوندو آهي ۽ منجهس غيرمشروط ۽ بي غرضيءَ سان خدمت جي جذبن جو اُڀار ٿيندو آهي.

(5) ڪامل اجتماعيت: هو پاڻ کي ڪل جو جز سمجهندو آهي، انهيءَ ڪري انساني وقار ۽ آجپي جي بحاليءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو آهي ۽ پوئتي پيل طبقن جي بحال ڪاري لاءِ عملي ڪوششون وٺندو آهي. ڪيس علم، مرتبي ۽ مال جي صورت ۾ جيڪي نعمتون مليل هونديون آهن انهن کي قدرت جي پاران حوالي ڪيل امانت جي ذميواريءَ طور ورهائي حقدارن تائين حق پچائيندو آهي.

ڪلمي شهادت جي ذريعي انسان حلف کڻندو آهي تہ هو هاڻي پنهنجي مرضي، خواهشن ۽ غرضن هيٺ زندگي نہ گذاريندو بلڪ پنهنجي چوڌاري بادشاهن سردارن، مرشدن ۽ مذهبي پيشہ ورن جي سيني انساني غلامين کان پاڻ کي آجو ڪري هڪ الله ﷾ جي ٻانهپ اختيار ڪندو. صرف ان جي ئي حڪمن تي هلندو ۽ ان جي لاءِ حضرت محمد ﷺ جي نموني کي ئي رهبر ۽ مشعل بڻائيندو.

نماز پنهنجي پاڙيسرين سان گڏجي پڙهڻ جو مطلب آهي تہ مومن جي زندگي هاڻي سندس ذات جي چوڌاري نہ ڦرندي، پر هو اجتماعيت ۽ اشتراڪيت سان زندگي گهاريندو. سندس اٿڻ ويهڻ،





سجدا ۽ رڪوع خلق سان گڏ هوندا. انساني وجود جي اندر زندگيءَ جو جيڪي سگهون ۽ قابليتون آهن انهن کي هڪ ٻئي جي مدد ۾ ڪم آڻيندو. نماز جي ذريعي هو الله ﷾ سان رابطہ ڪاري (Communication) ڪندو. هو روزانو وري وري پنهنجي ذميدارانہ زندگيءَ يعني اخلاق ۽ انسانيت جي ڪمن ۽ حسن معاملات جي رپورٽ پيش ڪندو ۽ ان جي موٽ ۾ استقامت ۽ استعانت جو ويساهہ حاصل ڪندو رهندو. ان جي نتيجي هڪ مثالي انسان منظر تي ايندو آهي جيڪو پنهنجي علائقي ۽ شهر ۾ رباني سماجوادي انسان جي سڃاڻ حاصل ڪندو.

جيئن نماز انساني وجود جي اندروني سگهن ۽ قابليتن جي هڪ ٻئي جي مدد ۾ ڪم اچڻ جو عزم ۽ اظهار آهي تيئن زڪواة وري انساني وجود جي ٻاهرين وسيلن ۽ ذريعن جي هڪ ٻئي جي مدد ۾ ڪم اچڻ جو خدائي بندوبست آهي. انسانن کي الله ﷾ جي خليفي واري ڪردار جي حق ادائيءَ واسطي معاشي اشتراڪيت لاءِ انفاق جون ڪيتريون ئي صورتون قرآن حڪيم ۾ ورائي ورائي ٻڌايو ويون آهن.

روزو الله ﷾ جي لاءِ آهي ۽ خلق خدا جيڪا الله ﷾ جو عيال آهي، انهن جي وچ ۾ معاشرتي اشتراڪيت جو خدائي بندوبست آهي. اهڙي طرح خودغرضي، خودرخي ۽ مفاد پرستيءَ جي جذبن کان آجو ٿي خدا رتي زندگي گذارڻ جي ڀرپور مشق آهي سيئي انسان ڳالهہ ٻولهہ، سوچ ۽ ويچار ۽ کائڻ پيئڻ جي شخصي طور طريقن ۾ ذاتي عادتن جا غلام نہ بڻجن بلڪ انهن کي سندن سوچن ۽ خواهشن تي ڪنٽرول هجي. پورو مهينو مسلسل اها مشق ڪري پنهنجي وجود جي اهڙي نگراني ڪئي وڃي جو ان جو ڪوبہ حصو خدائي حڪمن جي نافرماني نہ ڪري سگهي. روزي سان

www.iqbalkalmati.blogspot.com



نفسي سڌن ۽ خواهشن تي ضابطي ۽ خود حوالگيءَ جي جذبي ۽ خوداعتماديءَ جي ڪري اطمينان ۽ محبت جي احساس سان زندگي جيئڻ جو ملڪو پيدا ٿيندو آهي.

حج تعمير انسانيت جي آخري منزل آهي، جيڪو مٿين چئني عبادتن جي اثر کي منظم شڪل ڏئي انسان کي ابراهيمي ملت جو فرد بڻائي توحيد جي سربلندي ۽ ڦهلاءَ جي لاءِ تيار ڪندو آهي. حج هڪ جهڙي لباس، هڪ ئي گهرجي حاضري ۽ لبيڪ جي صدا سان ماڻهو جي اندر خدا جي لاءِ جيئڻ ۽ خدا لاءِ مرڻ جي ديوانگي پيدا ڪندو آهي. ان کان پوءِ ماڻهوءَ عالمي برادريءَ جو حصو بڻجي توحيد جي اعليٰ مقصدن يعني غلاميءَ جي خاتمي ۽ انساني آزادين ۽ اهڙي اشتراڪيت واري معاشري لاءِ جيئندو آهي جتي صرف هڪ الله ﷾ جي حاڪميت هجي. ان جي قيام لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيندو آهي.





# سڀئي شريعتون اخلاق کي ترقي ڏيارڻ لاءِ هيون

ستو ڳالهائڻ، سچ ڳالهائڻ، ٻئي جا عيب ڍڪڻ، ٻئي سان ڀلائي ڪرڻ، ٻئي کي پنهنجو حق ڏيڻ اهي سڀ سٺا اخلاق آهن. اسلام انسان ۾ سٺا اخلاق پيدا ڪري ٿو. خراب ڳالهيون ڪرڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، گلا ڪرڻ، ٻئي کي نقصان پهچائڻ، چغلي ڪرڻ، ڪنهن جو حق کائڻ، اهي سڀ بداخلاقيون آهن. اسلام انهن بداخلاقين کان روڪي ٿو.

قرآن مجيد ٻڌايو آهي ته سڀني انسانن کي انهن جي خلقڻهار الله ﷾ وڏي احترام وارو ڪري پيدا ڪيو آهي، انهيءَ ڪري سڀئي ماڻهو اهو احترام لهڻن ٿا.

وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيٓ اٰدَمَ (سورت بني اسرائيل- 70)

اسان آدم جي اولاد کي هڪ جيترو عزت لائق پيدا ڪيو آهي.

انسان جي انهيءَ احترام کي پڌرو ڪرائڻ لاءِ الله ﷾ ملائڪن ۽ ٻي مخلوق کان انسان کي تعظيم جو سجدو ڪرايو. الله ﷾ چاهيو ته هتي غائب ۾ جيڪو انسان کي احترام ۽ عظمت جو سجدو ٿيو آهي، اهو ڌرتيءَ تي حاضر ۾ انسان کي ثابت ڪرڻو آهي. احترام جي ذريعي ۽ حقن جي ادائگيءَ جي ذريعي انسان کي ثابت ڪرڻو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



آهي تہ هو خدا جو فرمانبردار آهي، شيطان وانگر انڪار ڪندڙ ناهي ۽ ملائڪن وانگر چيو مڃيندڙ آهي. انهيءَ ڪري انسان جو احترام ماڻهوءَ جو پهريون بنيادي اخلاق آهي

حضرت شاه ولي الله فرمايو آهي تہ چار اخلاق ماڻهوءَ جي ماڻهپي کي سگهارو ڪندا ۽ ان کي سرفراز ۽ ڪامياب بڻائيندا انسان جي فطري صلاحيتن کي اجاگر ڪندا ۽ ان جي ذهني ۽ عملي صلاحيتن جو سهارو بڻبا. انهيءَ ڪري ماڻهوءَ کي جيڪڏهن سماج ۾ ڪي بہ موثر ڪاميابيون حاصل ڪرڻيون آهن تہ انهن بنيادي چئن اخلاقن کي هٿئون وڃڻ نہ ڏئي. اهي انسانيت جا بنيادي اخلاق هي آهن.

هڪ طهارت: يعني ماڻهوءَ ۾ پاڪيزگي هجي جسماني بہ ۽ ذهني بہ.

ٻيو نوڙت: يعني ماڻهوءَ ۾ آڪڙ نہ هجي پر عاجزي ۽ نوڙت هجي.

ٽيون سخاوت: يعني ماڻهوءَ وٽ جيتري بہ هوند آهي، اها الله ﷾ جي مخلوق انسانن سان ورهائي ڪائي.

چوٿون عدالت: يعني ماڻهو توازن، انصاف ۽ عدل جي زندگي گذاري.

قرآن حڪيم مومنن جون اخلاقي خوبين جو بين هنڌن تي بہ ورائي ورائي تذڪرو ڪيو آهي، ان مان ڪجهہ آيتون هيٺين ريت آهن:

”مومن اهي آهن جيڪي الله ﷾ کان ڊڄن ٿا ۽ پاڻ ۾ معاملا درست رکن ٿا. الله ﷾ جي ڪا ڳالهہ نڪري تہ انهن جون دليون ڏڪي وڃن ٿيون. الله ﷾ جو ڪلام پڙهيو وڃي تہ انهن جو ايمان ۽ يقين اجان بہ وڌي ويندو آهي. اهي هرحال ۾ الله ﷾ تي ڀروسو رکندڙ هوندا آهن، نماز پڙهندا آهن ۽ جيڪي خدا انهن کي ڏنو آهي، انهيءَ مان خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪندا آهن. اهي ئي سچا مومن آهن.“ (سورت انفال: 1_4)





”بيشڪ ايمان وارا ڪامياب ٿيا. (انهن جون خاصيتون هي آهن جو) اهي پنهنجون نمازون نماڻائي ۾ خود حوالگيءَ جي جذبي سان پڙهندا آهن اجاين ۽ بيهوده ڳالهين کان پاسيرا هوندا آهن. زڪوات ادا ڪرڻ ۾ سرگرم هوندا آهن. پنهنجي پاڪدامنيءَ کان ڪڏهن بہ غافل نہ هوندا آهن. امانتن موٽائڻ ۽ واعدن نڀائڻ جو ڪين هميشہ اونو هوندو آهي ۽ نمازن جي حفاظت ۾ بہ ڪوتاهي نہ ڪندا آهن. (مومنون: 1_10)

”الله جا پيارا ٻانها اهي آهن جيڪي زمين تي ڌيمي پيرن يعني نماڻائيءَ سان هلندا آهن. جڏهن جاهل، آڪڙيل ۽ بي ادب ماڻهو انهن سان ڳالهائيندا آهن تہ انهن سان نرم ڳالهائي روانا ٿي ويندا آهن.... اهي جڏهن خرچ ڪندا آهن تہ اجايو اسراف نہ ڪندا آهن ۽ نہ وري ضروري خرچن تي بخيلي ڪندا آهن. اهي ڪنهن بي گناهہ جو خون نہ وهائيندا آهن، جنهن کان الله انهن کي منع ڪري ڇڏيو آهي. بدڪارين کان پري رهندا آهن ۽ ڪوڙن ڪمن ۾ شامل نہ ٿيندا آهن، ڪنهن اجائي ڳالهہ وٽان گذرندا آهن تہ اتان سنجيدگي ۽ وقار سان لنگهي ويندا آهن.“ (فرقان: 63_74)

”اهي (ايمان وارا) پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو رکندا آهن. وڏن گناهن ۽ بي حيائيءَ جي ڪمن کان پري رهندا آهن. جڏهن غصو ايندو اٿن تہ معاف ڪري ڇڏيندا آهن. خدا جيڪو ڪجهہ ڪين عطا ڪيو آهي، ان مان خرچ ڪندا آهن. جڏهن انهن تي ڪا زيادتي ٿيندي آهي تہ (اوترو ئي) بدلو وٺندا آهن. برائي جو بدلو اوتري ئي برائي آهي. پر جيڪو معاف ڪري تہ اها وڏي نيڪيءَ جي ڳالهہ آهي جنهن تي الله پاران ثواب آهي. الله ظالمن کي پسند نٿو ڪري. جيڪڏهن ڪو پنهنجي مظلوميت جي ڪري بدلو وٺي تہ ان تي ڪا ملامت ڪونهي. ملامت تہ انهن تي آهي جيڪي پاڻ اڳرائي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪري ظلم ڪن ٿا ۽ زمين ۾ ناحق فساد ڦهلائن ٿا. انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. جيڪو ظلم سهي وڃي ۽ معاف ڪري ڇڏي ته اها وڏي وڙائي جي ڪمن مان آهي." (شوريٰ: 36_43)

اخلاقي تعليم بابت قرآن حڪيم جا ڪجهه وڏيڪ هيٺ نوٽ ڪجن ٿا:

- الله ﷻ اوهان کي ٻين سان احسان ۽ عدل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو.
- ماڻهن سان اڏنگو ورتاءُ نه ڪيو (سورت لقمان _ 18)
- جڏهن توهان واعدو ڪري ان کي پورو ڪرڻ جي ذميواري کنئي هجي ته هميشه ان کي نڀايو. (سورت بني اسرائيل_ 34)
- پنهنجي ڪيل معاهدن ۽ وهنوار کي نڀايو. (سورت مائده_ 1)
- الله اوهان کي حڪم ٿو ڏئي ته جنهن جي امانت هجيوَ ته ڪيس واپس موٽائي ڏيو. (سورت نساء_58)
- هڪ ٻئي جا مال ناجائز طريقي سان نه کائو. (سورت بقره: 188)
- اي ايمان وارؤ! پنهنجي گهر کان علاوه جيڪڏهن ڪنهن ٻئي وٽ هلي وڃيو ته اجازت وٺڻ بنا اندر داخل نه ٿيو ۽ (جي اجازت ملي وڃي ته) اندر وڃي گهروارن کي سلام ڪيو. (سورت نور_27)
- هڪ ٻئي جي گلا نه ڪريو. ڇا توهان مان ڪير اهو چاهيندو ته پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي؟ ان عمل کي اوهين سڀ سخت ناپسند ڪندؤ ته پوءِ پر پٺ ڪنهن جي گلا ڇو ٿا ڪريو. (سورت نساء_12)
- هڪ ٻئي تي ٺٺوليون ۽ چٿرون نه ڪيو. (سورت نساء_11)
- (مومنن جو شان اهو آهي جو) هو ڪاوڙ کي ٿاري ڇڏيندا آهن ۽ ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏيندا آهن. (سورت آل عمران _34)
- ۽ والدين سان سهڻو سلو ڪيو.... پاڙيسرين سان به، پوءِ اهي مٺ





مائٽ هجن يا ڌاريا هجن. (سورت نساء_36)

- ضرورتمندن کي حقير سمجهي ڇڙٻون نه ڏيو. (سورت ضحيٰ_10)
- مومن ئي مومنن جا دوست ٿي سگهن ٿا. اهي غير مومنن سان سنگت نه رکندا آهن. (آل عمران_28)
- پاڻ بابت ڪڏهن به ايئن نه سمجهي ڇڏيو ته مون ۾ جيتري قدر سڌاري جي ضرورت هئي اها مڪمل ٿي وئي. (سورت نجم_ 32)
- خدائي بهتر ڄاڻي ٿو ته اوهين سندس قانون تي ڪيتري قدر عمل ڪريو ٿا. (۽ اڃان ڪيتري کوٽ رهيل آهي)

(سورت نجم_32)

- انسان کي مال (دولت) واقعي پيارو هوندو آهي، ان جي باوجود رشتيدارن جي مالي مدد ضرور ڪرڻ گهرجي. (سورت بقره_177)
- هي (غير مسلم) الله کي ڇڏي جن ٻالهين جي پوڄا ڪندا آهن، اوهين انهن کي گار نه ڏيو. متان هي ماڻهو ضد ۽ جهالت جي ڪري الله کي گهٽ وڌ نه ڳالهائين. (سورت انعام_108)
- دين جي معاملي ۾ ڪا به زبردستي ناهي، ان ڪري جو گمراهي ۽ هدايت واضح ٿي چڪيون آهن. (سورت بقره_256)

قرآن حڪيم چيو آهي اِعۡدِلُوۡا هُوَ اَقۡرَبُ لِلتَّقۡوٰی ته وڏي ۾ وڏي تقويٰ اها آهي ته ماڻهو عدل ۽ توازن واري زندگي گذاري.

قرآن ٻڌايو آهي ته: وَ اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيۡمٍ (سورت قلم_ 4) "(اي پيغمبر) تون پلن اخلاقن وارو پيدا ٿيو آهين." معنيٰ ته خلق عظيم الله ﷻ کي بيحد پسند آهي ۽ الله ﷻ پنهنجي ٻانهن ۾ ان جو رواج پسند ڪري ٿو. انهيءَ ڪري فرمايو اٿائين ته اوهان جيڪڏهن مون سان محبت ڪيو ٿا ته پوءِ رسول جي خلق عظيم واري طريقي تي هلو.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



پيغمبر اسلام جن فرمايو ته مان سٺن اخلاقن جي تڪميل ڪرڻ جي لاءِ موڪليو ويو آهيان.[1] جڏهن پيغمبر ئي چئي ٿو ته ڀلن اخلاق کي رواج ۾ آڻڻ ۽ انهن اخلاقن کي مٿاهين درجي تي پهچائڻ منهنجو مقصد آهي ته پوءِ اسان مسلمانن کي پنهنجي پيغمبر جي ان مقصد کي پوري ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏڻ گهرجي. جيڪي انساني چڱايون ۽ فضيلتون آهن سي اختيار ڪرڻ گهرجن ۽ جيڪي به بدفضيلتون ۽ بداخلاقيون آهن تن کان ڪوهين پري رهڻ گهرجي.

رسول الله ﷺ جن جيڪا اخلاقي تعليم ڏني آهي انهيءَ مان ڪجهه ڳالهيون هتي بيان ڪجن ٿيون.

پاڻ فرمايائون:

(1) توهان مان سڀني کان بهتر ماڻهو اهو آهي جنهن جا اخلاق سڀني کان بهتر هجن.

(2) ڪامل ايمان انهيءَ مومن جو آهي جيڪو اخلاق ۾ سڀني کان بهتر هجي.

(3) قيامت ڏينهن عملن جي تارازيءَ ۾ سهڻن اخلاقن کان وڌيڪ ڳري ڪا شيءِ نه هوندي.

(4) ماڻهن مان الله ﷻ کي سڀ کان وڌيڪ پيارو اهو آهي جنهن جا اخلاق بهتر هجن.

(5) آخرت جي زندگيءَ ۾ منهنجي لاءِ سڀني کان پسنديده شخص اهو هوندو جنهن جا اخلاق ڀلا هجن ۽ اهو ئي مون کي سڀني کان ويجهو هوندو.[2]

(6) ڪنهن سوال ڪيو ته يارسول الله ﷺ مومنن ۾ سڀ کان

[1] بخاري (ڪتاب الاب)

[2] سيرت النبي جلد 6 ص 20-22





فضيلت وارو ڪير آهي؟ فرمايائون احسنهم خلقا يعني جيڪو وڌيڪ خوش اخلاق هجي.[3]

(7) انسان پنهنجن سٺن اخلاقن جي ذريعي اهو درجو حاصل ڪري سگهي ٿو جيڪو مسلسل روزا رکڻ ۽ راتين جو مسلسل عبادتون ڪرڻ سان حاصل ٿيندو آهي.

(8) مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان ٻيا مسلمان محفوظ هجن.[4]

(9) ڪوبه شخص ان وقت تائين مسلمان نٿو ٿي سگهي جيستائين پنهنجي مومن ڀاءُ لاءِ به اهو پسند ڪري جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو.[5]

(10) مسلمان کي گار ڏيڻ فسق آهي ۽ ان سان جهڳڙو ڪرڻ ڪفر آهي.

(11) جنهن ماڻهوءَ ۾ چار ڳالهيون هجن اهو منافق آهي: (1) امانت رکي وڃيس ته خيانت ڪري. (2) ڳالهه ڪري ته ڪوڙ ڳالهائي (3) واعدو ڪري ته ان کي پورو نه ڪري. (4) جهڳڙو ڪري ته ناحق جي طرف سري وڃي.

(12) خدا جو قسم اهو ايمان وارو نه ٿي سگهيو آهي جنهن جو پاڙيسري ان جي ايذائن کان محفوظ ناهي.

(13) جيڪو الله ﷻ ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي ته فضيلت جو ڳالهائي يا وري چپ رهي.

(14) ڪنهن مسلمان لاءِ جائز ناهي ته پنهنجي ڀاءُ سان ٽن ڏينهن کان وڌيڪ قطع تعلق رکي.

[3] سيرت ابن هشام ص 361

[4] صحيح بخاري ڪتاب الايمان

[5] صحيح بخاري ڪتاب الايمان

www.iqbalkalmati.blogspot.com



(15) بهادري انهيءَ ۾ ناهي تہ ڪنهن کي ملھ مارجي، پر بهادر اهو آهي جيڪو غصي جي وقت پنهنجو پاڻ کي قابو رکي.

(16) سچ جو پاسو وٺندا ڪريو پاڻ ۾ محبتون وڌايو ۽ ماڻهن کي الله ﷻ جي طرفان خوشخبريون ٻڌايون، رڳو عبادتون توهان کي جنت ۾ ڪونہ وٺي وينديون.

(17) خبردار بدگمانيءَ کي پنهنجو وطيرو نہ بڻائجو بدگماني نسورو ڪوڙ آهي. بي بنياد ڳالهين تي ڪن نہ لڳايو ۽ ٻين جا عيب نہ تلاش ڪريو ۽ نہ پاڻ ۾ هڪ ٻئي ڏانهن بغض رکو.

(18) قيدين کي آزادي ڏياريو بکايلن کي کارايو ۽ بيمارن جي عيادت ڪريو.

(19) ماڻهن لاءِ آسانيون پيدا ڪريو انهن کي تنگي ۽ سختيءَ ۾ نہ وجهو.

(20) توهان مان ڪو بہ موت جي خواهش نہ ڪري يعني موت گهري نہ وٺي نيڪوڪار ماڻهو انهيءِ لاءِ اها خواهش نہ ڪري تہ جيئڻ هو وڌيڪ نيڪ ڪم ڪري وٺي ۽ خطاڪار ماڻهو انهيءَ لاءِ اها خواهش نہ ڪري تہ جيئڻ هو خطائن جون معافيون وٺي انهن جو ازالو ڪري سگهي.

حضرت علي ؓ رسول ڪريم ﷺ جو سوٽ هو ۽ حضرت ابوبڪرصديق ؓ وانگر اڪثر وقت رسول ﷺ سان گڏ گذاريندو هو. ان جو چوڻ آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ وڏي سيني ۽ ظرف وارا هئا جو نن ين نن ين ڳالهين کي ليکي ۾ ئي نہ آڻيندا هئا. ڏاڍو نرميءَ سان او ابا او ٻچا ڪري ڳالهائيندا هئا ۽ نہ ي وڏي هر ڪنهن تي مهربان هئا. سخت مزاج ۽ تنگدل تہ هرگز نہ هئا. ڪڏهن بہ سندس زبان مان ڪو ڳورو يا اٺوٽنڊڙ لفظ نہ نڪتو. ڪڏهن بہ ڪنهن جي عيب کي ٻڌائيندي ڪين ڪو نہ





ڏٺو ويو. ڪا ڳالھ نہ وڻندي هين تہ ان ڪان منهن موڙي ڇڏيندا هئا، ان تي ڪو تبصرو يا ٽوڪبازي پسند نہ فرمائيندا هئا. تي ڳالهيون تہ جهڙوڪر رسول ڪريم ﷺ پاڻ ڪان ڪوهين پري ڪري ڇڏيون هيون. هڪ بحث مباحثو ڪرڻ، ٻيو ضرورت کان وڌيڪ ڳالهائڻ ۽ ٽيون هي تہ جيڪا ڳالھ اجائي هجي ۽ بنا مطلب جي هجي تنهن ۾ پوندا ئي نہ هئا. ٻين ماڻهن سان واسطي پوڻ ۾ ٽن ڳالهين کان پري پڇندا هئا. هڪ هي تہ ڪنهن کي بہ گهٽ وڌ يا برو نہ چوندا هئا. ٻيو هي تہ ڪنهن جو عيب ڪ ي هِن هُن کي ٻڌائڻ هرگز نہ هو ۽ ٽيون هي تہ ڪنهن جي ڳالھ جي پٺيان پئي ان جي پچا ۽ پيڇو نہ ڪندا هئا. پاڻ سڳورا اهي ئي ڳالهيون ڪندا هئا جن ۾ ڪا فائدي واري ڳالھ ۽ ڪنهن جو ڀلو هجي ۽ ان ڳالھ مان ڪو مفيد نتيجو نڪري.

پاڻ سڳورا ﷺ ڪا ڳالھ ڪندا هئا تہ صحابہ ڪرام اهڙي طرح ڪنڌ جهڪائي خاموشيءَ سان اها ڳالھ ٻڌندا هئا جو لڳندو تہ ڄڻ پکي اچي انهن جي مٿي تي ويهي رهيا آهن. جڏهن پاڻ سڳورا ماٺ ڪري وٺندا هئا تہ پوءِ صحابہ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري وٺندا هئا. جيڪڏهن ڪو ٻيو ڳالهائيندو هو تہ سندس چپ ٿيڻ کان پوءِ ساڻس ڳالهائيندا هئا. ماڻهو جن ڳالهين تي کلندا ۽ ٿهڪ ڏيندا هئا، پاڻ سڳورا اهڙين ڳالهين تي صرف مُرڪندا هئا. ڪو اوپرو ماڻهو اچي وڏي واڪي يا اتبو سبتو ڳالهائيندو هو تہ پاڻ تحمل ڪندا هيا. ٻين جي واتان پنهنجي تعريف ٻڌڻ هرگز پسند نہ فرمائيندا هئا. پر جيڪڏهن ڪو پاڻ سڳورن جي احسان جو شڪريو بجا آڻيندو هو تہ اهو قبول فرمائيندا هئا. جيستائين ڳالهائڻ وارو پاڻ چپ نہ ڪندو هو، پاڻ سڳورا ان جي ڳالھ کي ڪٽيندا نہ هيا. بيحد سخي ۽ ڏيڻ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



وارا هيا. حق سچ چوڻ وارا، نرم طبع ۽ بيحد خوش صحبت هوندا هيا. جيڪڏهن پاڻ سڳورن کي ڪو هڪ دفعو ڏسي وٺندو هو ته هميشه سندن سياءُ کي ڳائيندو وتندو هو ۽ چوندو هو ته مان پاڻ سڳورن جهڙو ڪانئن اڳ يا ڪانئن پوءِ نه ڏٺو آهي.[6]

بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها پاڻ سڳورن جي گهرواري هئي. هن رسول الله ﷺ کي گهڻو ويجهڙائي کان ڏٺو. هن پنهنجي پيءُ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي ذريعي هجرت کان اڳ به پاڻ سڳورن جي زندگي جي اهم واقعن کي ڏٺو هو ۽ مديني جي زندگيءَ ۾ به هوءَ پاڻ سڳورن سان شادي ڪري مومنن جي ماءُ بڻجي چڪي هئي. رسول الله ﷺ جي زندگيءَ جو آخري هفتو هن بيبي سائڻ جي حجري ۾ گذريو هو جنهن وقت پاڻ سڳورن ﷺ جو روح پرواز ٿيو ته انوقت به هن بيبي سائڻ جي سهاري ليٽيل هئا. هن بيبي سائڻ جي حجري کي الله تعالیٰ پاڻ سڳورن جي جسم مبارڪ جو آخري آرامگاه بڻايو. پاڻ سڳورن کي ويجهڙائي کان جيترو هن بيبي ڏٺو اهڙا موقعا ڪنهن ٻئي جي حصي ۾ نه آيا. پاڻ سڳورن جي باري ۾ بيبي سائڻ جا ارشادات پڙهڻ جهڙا آهن. فرمائي ٿي ته:

(1) رسول الله ﷺ جن پنهنجي ذات جي لاءِ ڪڏهن به ڪنهن کي سزا نه ڏني ۽ نه ڪڏهن بدلو ورتو. ها ايئن هو ته پاڻ سڳورا ﷺ الله تعالیٰ جي ٻڌايل حدن جي لتاڙ ڪندڙن تي الله ڪارڻ سزا ڏيندا هيا.[7]

(2) پاڻ سڳورن جي عادت هئي ته برائيءَ جي بدلي ۾ ڪڏهن به برائي کان ڪم نه ورتائون. ڪساين پڪاين تي هميشه درگذر

[6] سيرت النبي جلد اول ص 288-289 بحواله (شمائل ترمذي)
[7] سيرت النبي جلد اول حصو ٻيو ص 287





ڪندا هيا ۽ معاف فرمائي ڇڏيندا هيا.[8]

(3) رسول الله ﷺ ڪڏهن به اهڙي طرح نه کليا جو پاڻ سڳورن ﷺ جو تارون نظر آيو هجي. پاڻ رڳو مسڪرائي ڇڏيندا هيا.[9]

(4) پاڻ سڳورن ڪڏهن به ڪنهن تي لعنت نه ڪئي ۽ نه ڪڏهن پنهنجي خدمتگذار کي يا ڪنهن جانور کي پنهنجي هٿن سان ماريو.[10]

(5) پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪڏهن به ڪنهن جي سوال کي واپس نه ڪيو سواءِ ان جي ته اهو سوال ناجائز هجي.

(6) گهر ۾ تشريف فرما ٿيندا هيا ته مسڪرائيندا ايندا هيا. ڳالهيون اهڙي طرح ڊاري ڊاري ڪندا هيا جو جيڪڏهن ڪو ياد رکڻ چاهي ته آرام سان ياد ڪري ڇڏي.[11]

(7) هڪ بدوي آيو ۽ چيائين ته سائين مان ڏٺو آهي ته توهان ٻارن کي ڪٽي چميون ڏيو ٿا، اسان ته چميون نه ڏيندا آهيون. ڪيس فرمايائون ته الله تعالیٰ جيڪڏهن تنهنجي دل مان رحم ڪ ي ڇڏيو آهي ته ان تي مان ڇا ٿو ڪري سگهان.[12]

(8) رسول الله ﷺ جي گهروارن ڪڏهن به ٻه ويلا ساندهه ماني ڪري ڪونه کاڌي. جيڪڏهن هڪ ويلو مانيءَ جو هوندو هو ته ٻيو ويلو ڪارڪون کائي وقت ڪ يو ويندو هو. (ڇو ته جيڪو حاصل هوندو هو اهو ٻين اٿهوند وارن ۽ سوالين کي ڏنو ويندو هو.)[13]

[8] سيرت النبي جلد اول حصو ٻيو ص 287
[9] حوالو ساڳيو
[10] حوالو مسلم ۽ ابودائود
[11] بخاري ڪتاب الادب
[12] حوالو ساڳيو
[13] بخاري ڪتاب الدقاق

www.iqbalkalmati.blogspot.com



حضرت انس رضي الله عنه هميشه خدمت ۾ حاضر رهندو هو. اهو فرمائي ٿو ته مان ڏهه سال رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ گذاريا. انهيءَ سڄي عرصي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن به مون کي ناپسند لفظ نه چيا. ڪڏهن به هي نه چيائون ته "فلاڻو ڪم تو ڇو ڪيو؟" ۽ نه وري ڪڏهن هي فرمايائون ته "فلاڻو ڪم تو ڇو نه ڪيو؟"[14]

[14] بخاري ڪتاب الادب





# ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ جا خدائي قانون

## مايوسي ڪفر آهي

"الله جي رحمت کان نا اميد نه ٿيو. الله جي رحمت کان نا اميد فقط اهي ماڻهو ٿين ٿا جيڪي ڪافر آهن" (يوسف: ٨٧)

انصاف، سچائي ۽ نيڪيءَ جي واٽ تي هلندا رهو. مايوس نه ٿيو. انصاف، سچائيءَ ۽ نيڪيءَ جي واٽ تي هلڻ جي ڪري وقتي طرح اوهان کي بظاهر پنهنجو خسارو ٿيندي نظر ايندو. پر اهو عارضي آهي. اوهان کي الله سبحانه وتعاليٰ دائمي برڪت ۽ سلامتي جا دروازا کولي ڏيندو.

## نصيحت ياب ٿيڻ جو خدائي قانون

"۽ نصيحت ته فقط اهي ئي وٺن ٿا جيڪي خدا ڏي رجوع ٿين ٿا (۽ ان جي ڏيکاريل واٽ تي هلن ٿا.)" (المؤمن:١٣)

جن ماڻهن جو ماڻهپو زنده آهي، اهي انسانيت جي قدرن ۽ اخلاقن سان جيئڻ گهرندا آهن. اهي الله سبحانه وتعاليٰ جي پاران موڪليل انسانيت جو آخري منشور ۽ هدايت قرآن کي مڃين ٿا ۽ ان جي ٻڌايل حڪمن تي هلن ٿا.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



### جيڪو رحمان کان ڪٽيو سو شيطان حوالي ٿيو

”۽ جيڪو بہ رحمان جي ذڪر کان (يعني قرآن مجيد تي
عمل ڪرڻ کان)
منهن موڙي ٿو تنهن جي لاءِ اسان هڪڙو شيطان مقرر ڪري
ٿا ڇڏيون،
جو سندس سنگتي ۽ ساٿي ٿئي ٿو.“ (زخرف:٣٦)

جنهن ماڻهوءَ کي زندگيءَ جي نصب العين ۽ مقصد جي ڪا خبر ڪونهي ۽ ان کي اهو شعور ئي ڪونهي تہ منهنجي منزل ڇا آهي، اهو انسانيت جي آخري منشور قرآن کان بہ ڪٽيل آهي. پوءِ اهو رڳو مطلب، مفادن ۽ ڇڙواڳيءَ جي زندگي سان جيئي ٿو. شيطان کي بہ اهائي ڳالهہ سوٽ ڪندي آهي، سو ڪيس مطلب، مفادن ۽ ڇڙواڳيءَ جي ان دنيا ۾ ريجهائي رکي ٿو.

## مصيبتن سبب نا شڪري

”(اي انسانو) جيڪڏهن توهان خدا جي نعمتن جي قدر ڪيو
۽ مٿس ايمان رکو
تہ خدا کي توهان کي عذاب ڏئي ڇا ڪرڻو آهي، الله تہ
(انسانن جي نيڪ عملن جو) قدر ڪندڙ ۽ (هنن جي حالت
جو) علم رکندڙ آهي.“ (النساءِ:١٤٧)

الله سبحانه وتعالى ڪائنات جو خلقڻهار آهي، خود انسان جي نرالي تخليق ان جو شاهڪار آهي جو ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو اٿس. اهو سڀ ڪجهہ الله سبحانه وتعالى انسان کي عذاب ڏيڻ لاءِ نہ ڪيو آهي. الله سبحانه وتعالى جيئن شين جا اثر مقرر ڪيا آهن، بلڪل تيئن ئي عملن جا نتيجا بہ مقرر ڪري ڇڏيا آهن. وري پنهنجي هدايت موڪلي ٻن واٽن، نيڪي ۽ بدي جا رستا ۽ نتيجا کولي کولي ٻڌائي ڇڏيا اٿائين. هاڻي





انهن رستن مان انتخاب جو حق بہ انسان کي خود حاصل آهي، تنهن ڪري انهيءَ جي نتيجن جو ذميدار بہ پاڻ ئي آهي. انهيءَ ڪري ماڻهو جيڪڏهن سوچي ٿو تہ مان فلاڻي جماعت ۾ هجڻ ڪري ڇٽي ويندس يا ڦلاڻي جي مدد ۾ هئڻ ڪري رب جون مهربانيون ماڻي وٺندس تہ مڪي جي انهن ڪافرن جهڙو خيال آهي، جيڪي ڪنهن مخصوص بت جي آڏو قرباني ڪري پاڻ کي گناهن کان آجو سمجهندا هئا.

## ظلم ۽ زيادتي ڪندڙن جي بدنصيبي

”۽ الله سبحانه وتعالى ظلم زيادتي ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري،“
(آل عمران: ٥٧)

انڪار جي واٽ وٺندڙن کي الله سبحانه وتعالى قرآن ۾ ظلم ۽ زيادتي جي واٽ وٺندڙ ليکيو آهي. انهن جو ظلم هي آهي تہ خلقڻهار ۽ مهربان الله سبحانه وتعالى جي ذات کان ويسلا آهن ۽ زيادتي انهن جي پنهنجي ذات مٿان آهي، جو هو پاڻ کي ان جي رحمت ۽ مهربانين کان محروم رکن ٿا.

## نافرماني الله سبحانه وتعالى جي گرفت ۾ آڻي ٿي

”سو جيڪڏهن توهان فرمانبرداري ڪندؤ تہ پوءِ الله سبحانه وتعالى
اوهان کي سٺو اجر ڏيندو. پر جيڪڏهن توهان منهن موڙيندؤ
جيئن اڳي منهن موڙيو هو تہ پوءِ الله سبحانه وتعالى اوهان کي دردناڪ
عذاب واري سخت سزا ڏيندو.“ (الفتح:١٦)

خدائي ضابطن جي پابندي ڪرڻ جو نتيجو انسان کي ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جي صورت ۾ حاصل ٿئي ٿو. جيڪو انهن ضابطن کان منهن موڙي ٿو تہ ان جي زوال جو آغاز ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن فرد آهي تہ پنهنجو حسن، لقاءُ ۽ ڪامراني وڃائي ٿو ۽

www.iqbalkalmati.blogspot.com



جيڪڏهن اجتماع آهي تہ فلاح جي بجاءِ انارڪي ۽ ترقيءَ جي بجاءِ تنزلي ان جو مقدر بڻجي وڃي ٿي.

## مومنن جو شيوو

”مومن مردن کي چئو تہ هو پنهنجون اکيون (پراين عورتن جي سامهون اچڻ وقت)
هيٺ ڪري ڇڏين ۽ پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪن،
اها ڳالهہ هنن جي لاءِ پاڪائي واري آهي.“ (النور: ٣٠)

جيڪو دين تي هلي ٿو تہ الله سبحانہ وتعالیٰ ان جي لاءِ پنهنجي هدايتن ذريعي دين تي هلڻ آسان ٿو ڪري ڇڏي. روزاني زندگيءَ ۾ ڪٿي ڪا پرائي عورت ٽڪرائجي وڃي تہ هڪدم پنهنجي اکين کي هيٺ ڪرڻ سان اوهان خيالن جي انتشار جي پونچال کان بچي ويندا ۽ اهي خيال ئي هوندا آهن، جيڪي راس ٿيڻ کان پوءِ ماڻهوءَ جي سندرتا ۽ عظمت ۽ خدا سان ان جي محبت جا دشمن بڻجي پوندا آهن. ان ڪري اها نوبت ئي اچڻ نہ ڏجي.

## الله سبحانہ وتعالیٰ جي رنگ ۾ رنگجڻ

”۽ جيئن الله سبحانہ وتعالیٰ توتي احسان ڪيو آهي، تيئن تون بہ (ماڻهن تي) احسان ڪر.“ (القصص:٧٧)

الله سبحانہ وتعالیٰ جو هونئن تہ انسانن جي مٿان اڻ ڳڻيون مهربانيون آهن، پر انهن ۾ علم، مرتبي ۽ مال جون مهربانيون، انسان لاءِ پنهنجي شخصيت جي اصل ارتقا جو ذريعو آهن. اصل ارتقا آهي الله سبحانہ وتعالیٰ جي محبوبيت حاصل ٿيڻ. انسان جيئن جيئن پنهنجي علم، مرتبي ۽ مال جي ذريعي انسانن سان ڀلايون ڪندو ويندو، تيئن تيئن الله سبحانہ وتعالیٰ جي محبوبيت کيس حاصل ٿيندي ويندي.





## برائيءَ کي ڀلائيءَ سان منهن ڏيڻ جو نتيجو

”تون (بديءَ ۽ برائيءَ کي) انهيءَ طريقي سان دفع ڪر جو بهترين طريقو هجي، پوءِ نتيجو هي ٿيندو جو جنهن (بري) شخص ۽ تنهنجي وچ ۾ بي اتفاقي ۽ دشمني هئي، سو اهڙو تہ ٿي پوندو جو ڄڻ تہ هو تنهنجو گهرو ۽ گهاٽو دوست آهي.“ (حم سجده:٣٤)

جيڪو شخص خدا ڏي سڏيندڙ هجي، ان کي لازمي طرح هڪ تہ عملي زندگي هجي ۽ ٻيو تہ هو فرقن کان آجو هجي. صرف سلامتيءَ جي دين جي دعوت ڏئي ۽ ان واٽ تي هلندي جيڪڏهن ان کي رڪاوٽون پيش اچن ۽ مدائي منهن ڪ ي بيهي تہ هو انهيءَ کي بهتر طريقي سان دَفع ڪري، انهيءَ طريقي سان کيس بهتر نتيجا حاصل ٿي سگهندا. اهو رويو هر انسان لاءِ عام زندگيءَ ۾ ساڳي طرح ڪارگر ۽ مصيبتن کان بچڻ وارو آهي.

## مڪمل ايمان جون علامتون

”۽ (مومن اهي آهن) جيڪي پنهنجي امانتن ۽ عهدن (۽ واعدن) پاڙڻ ۾ بلڪل ايماندار رهن ٿا. (مومنون:٨)

جن مومنن کي ڪامراني ۽ فلاح حاصل ڪرڻ جو پروانو مليل آهي، انهن جي اطاعت نماٽائي واري آهي. اهي اجاين واهيات ڳالهين کان منهن ڦيرائي ٿا ڇڏين. جيڪي ڏيڻ جي واٽ تي اڳرا آهن. پنهنجي ستر سنڀالڻ ۾ پختا آهن ۽ سندن پنجين امتيازي خاصيت اها آهي جو پنهنجي امانتن ۽ واعدن کي ڪڏهن بہ پاسيرو نٿا رکن ۽ انهن جي پوري ڪرڻ ۾ بلڪل سچا رهن ٿا.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



## حق ۽ انصاف کي هرگز نہ ڇڏيو

”۽ جڏهن ڪا بہ ڳالهہ چئو تہ حق ۽ انصاف جي چئو. توڙي جو معاملو پنهنجن ماڻهن سان تعلق رکندڙ هجي (۽ انصاف سندن خلاف وڃي)“ (الانعام:۱۵۲)

انسان پنهنجي رشتيدارن جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌل هئڻ ڪري عام طور تي زندگيءَ ۾ انصاف جي واٽ تي ترڪي پوندو آهي. الله ﷻ پنهنجي فرمانبردار ٻانهن کي باوقار شخصيت ۽ عظمتن ۽ سندرتا سان زندگيءَ ۾ جيئڻ ۽ آخرت ۾ سندس حضور ۾ پيش ٿيڻ جا رستا ٻڌائي ٿو. ناحق تي پنهنجن جي طرفداريءَ سان انهن ماڻهن کي وقتي طور تہ فائدو رسي ويندو. پر طرفدار جي پنهنجي شخصيت جو ايمان، وقار ۽ سندرتا تباهہ ٿي ويندي ۽ خدا جي حضور ۾ سخت خواري جي حالت ۾ پيش ٿيندو.





# قرآني مشن جي تڪميل

قرآن مطابق زندگي گذارڻ واري مقصد جو هڪ ضروري ۽ اهم حصو هيءُ آهي تہ آسپاس جي ماڻهن تائين اُن جو پيغام پهچايو. الله جي رسول ﷺ تي جيئن ئي پهرين وحي نازل ٿي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ان کي ٻين ماڻهن تائين پهچائڻ جي ذميداري محسوس ڪري ورتي. ٻي وحي ”قُم فانذر“ جو حڪم ڪنيو آئي. ٻيو تہ ڪيترن ئي هنڌن تي رسول ﷺ جن تي اهو واضح ڪيو ويو تہ قرآن کي پهچائڻ، ان کي ٻڌائڻ ۽ ان جي تشريح ڪرڻ توهان جو اولين فرض ۽ توهان جي زندگيءَ جو مشن آهي. (الانعام: 19، الفرقان: 1، الانعام: 105، المائده 67، الاعراف: 157)

پاڻ سڳورن ﷺ جي پيروڪار ۽ الله ﷻ جي ڪتاب جي حامل هئڻ جي حيثيت سان ساڳيو ئي مشن هاڻ اسانجي ذميداري آهي. اسان وٽ قرآن جي موجودگيءَ جي تقاضا آهي تہ اسين ان کي پهرين پاڻ سمجهون ۽ پوءِ ٻين تائين پهچايون. قرآن ٻُڌڻ جو مطلب هيءُ آهي تہ اهو ٻين کي بہ ٻڌايون. اهو اسانکي سڄي انسانيت تي پڌرو ڪرڻ گهرجي. ٻڌائڻ گهرجي ۽ لڪائي رکڻ نہ کپي.

”اهل ڪتاب کي اهو وعدو بہ ياد ڏياريو جيڪو الله ﷻ کانئن ورتو هو تہ توهانکي ڪتاب جي تعليمات ماڻهن تائين پهچائڻي پوندي. اها ڳجهي نہ رکندؤ. پر هُنن ڪتاب کي ڇڏي ڏنو ۽ معمولي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



قيمت تي ان کي وڪڻي ڇڏيو آهي. ڪيڏو ڪڏو ڪاروبار آهي جيڪو ڪري رهيا آهن.“ (آل عمران: 187)

جيڪڏهن توهان جي دل ۽ هٿن ۾ ڪا ڏياتي آهي ته ان جي روشني ڦهلجڻ گهرجي. جيڪڏهن توهانجي اندر ۾ ڪو پنيٽ پڙڪي رهيو آهي ته ان جو سوجهرو ٻاهر نڪري ٻين تائين پهچڻ گهرجي... جيڪي ماڻهو عارضي دنياوي مقصدن ۽ فوري فائدن کي ترجيح ڏيندي ائين نٿا ڪن، اهي حقيقت ۾ پنهنجو پيٽ باهه سان پري رهيا آهن.

”سچ اهو آهي ته جيڪي ماڻهو الله ﷾ جي نازل ڪيل حڪمن کي معمولي فائدن تي قربان ڪن ٿا اهي هڪ وڏي تباهيءَ جو پاڻ پنهنجي هٿن سان انتظام ڪري رهيا آهن. قيامت جي ڏينهن الله ﷾ ساڻن ڪونه ڳالهائيندو. نه وري کين پاڪ ڪندو. اهي الله ﷾ جي لعنت جا حقدار هوندا. (البقره _ 174)

” جيڪي ماڻهو اسانجي نازل ڪيل تعليمات کي لڪائين ٿا. ان جي باوجود ته اسان سڀني انسانن جي رهنمائيءَ جي لاءِ اهي پنهنجي ڪتاب ۾ بيان ڪري چڪا آهيون، پڪ ڄاڻو ته الله ﷾ پڻ مٿن لعنت وجهي ٿو ۽ سمورا لعنت وجهڻ وارا به مٿن لعنت وجهن ٿا.“ (البقره: 159)

”البته جيڪي اها روش ڇڏي ڏين ۽ پنهنجي طرز عمل ۾ سڌارو آڻين ۽ جيڪو ڪجهه لڪائيندا هئا، ان کي پڌري پٽ بيان ڪن ته کين معاف ڪري ڇڏيندس.“ (البقره _ 160)

” پر جيڪڏهن اهي اُن ئي حالت ۾ مري ويا ته مٿن سڀ جو سڀ لعنت وجهندا. جن ماڻهن ڪفر جو رويو اختيار ڪيو ۽ ڪفر جي حالت ۾ ئي مري ويا ته انهن تي الله، فرشتن ۽ سمورن انسانن جي لعنت هجي.“ (البقره: 161)





”باقي رهيا اهي ماڻهو جيڪي الله ﷾ جي عهد ۽ پنهنجن قسمن کي معمولي قيمت تي وڪڻيو ڇڏين ته انهن جو آخرت ۾ ڪوبه حصو ڪونهي. الله ﷾ قيامت جي ڏينهن ساڻن ڪونه ڳالهائيندو نه انهن ڏانهن ڏسندو نه کين پاڪ ڪندو.“ (آل عمران: 77)

هاڻي پنهنجو پاڻ کي ڏسو اڄوڪن مسلمانن کي ڏسو! هِن حقيقت جي باوجود ته ڏينهن رات لکين ماڻهو قرآن جي تلاوت ڪن ٿا پر ان سان ڪوبه فرق ڪونه ٿو پوي. ماڻهن جا حال اهي ئي ساڳيا! صورتحال ۾ ڪو فرق ڇو نٿو اچي؟ ان ڪري جو يا ته اسين اِن کي پڙهون ٿا پر سمجهون نٿا. جيڪڏهن سمجهون به ٿا ته اِن کي تسليم نٿا ڪريون. جيڪڏهن زبان سان مڃون ٿا ته پوءِ ان تي عمل نٿا ڪريون يا جيڪڏهن عمل ڪريون ٿا ته صرف اُن جي ڪجهه حصي تي عمل ڪريون ٿا ۽ ٻئي حصي کي وري رد ڪريون ٿا. يا جڏهن اسين ان کي پڙهڻ يا ان جي ڪنهن حصي تي عمل ڪرڻ ۾ مصروف هوندا آهيون ته ساڳئي وقت اسين ان کي لڪائڻ ۽ اُن جي روشني ٻي دنيا تائين نه پهچائڻ جو بدترين ڏوهه ڪري رهيا هوندا آهيون:

”منجهائن ڪي اڻ پڙهيل آهن جيڪي الله ﷾ جي ڪتاب کي صرف پنهنجين خواهشن جو مجموعو سمجهن ٿا ۽ فقط پنهنجي وهم و گمان تي هلندا پيا وڃن. پوءِ هلاڪت ۽ تباهي آهي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي هٿ نوڪي شريعت ٺاهين ٿا. پوءِ ماڻهن کي چون ٿا ته اها الله ﷾ وٽان آئي آهي ته جيئن ان جي ذريعي معمولي قيمت حاصل ڪري سگهن. (البقره: 78: 79)

”پوءِ ڇا اوهان ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان آڻيو ٿا ۽ ٻئي حصي کان انڪار ڪريو ٿا؟ پوءِ اوهان مان جيڪي ماڻهو ائين ڪن انهن جي سزا اِن کانسواءِ ڇا آهي ته دنيا جي زندگيءَ ۾ ذليل ۽ خوار

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ٿيندا رهن ۽ آخرت ۾ پڻ شديد عذاب ڏانهن سڏيا وڃن.“ (البقره: 85)

اسانجي ذهنن ۾ تر جيترو بہ شڪ نہ هئڻ گهرجي تہ جيستائين اسين قرآن جا گواه هئڻ جي سڀ کان اهم ذميداري ادا نٿا ڪريون جيڪا اُن جو حامل هجڻ ۽ ان کي پڙهڻ جي ڪري اسان تي عائد ٿئي ٿي، تيستائين اسين قرآن جو حق هرگز ادا نٿا ڪري سگهون. بي عزتيون، ذلتون، ڌڪا ٿاٻا ۽ جيڪا اٿهوند اسانجي حصي ۾ آئي آهي اها صرف قرآن ۽ ان جي سونپيل مشن ڏانهن اسانجي روين جي ڪري آئي آهي.

الله ﷻ قرآن سان ڪن قوتن کي زوال تہ ڪن کي وري عروج عطا ڪندو آهي. ”ڪاش اهي تورات، انجيل ۽ ٻين ڪتابن تي (سچائيءَ سان) قائم هجن ها جيڪي سندن رب جي طرفان ڏانهن اُماڻيا ويا هئا تہ ضرور انهن لاءِ مٿان رزق وسي ها ۽ هيٺان (زمين مان) نعمتون ملن ها.“ (المائده: 66)

اسين قرآن جي باري ۾ ڪيترو بہ اعليٰ علمي معيار حاصل ڪري وٺون، ان جي مڪمل ۽ حقيقي معنيٰ سمجهڻ ۽ دريافت ڪرڻ ۾ اوستائين ڪامياب نٿا ٿي سگهون جيستائين اسين قرآن جي عملي اطاعت نٿا ڪريون.

رسول الله ﷺ جن پنهنجي صحابہ ڪرام کي فرمايو: ”توهان ۾ اهڙا ماڻهو بہ هوندا جڏهن توهان پنهنجين نمازن جي سندن نمازن سان، پنهنجن روزن جي سندن روزن سان، پنهنجن نيڪ عملن جي سندن نيڪ عملن سان ڀيٽ ڪندؤ تہ اوهان کي پنهنجا اعمال صفا اُڇاترا محسوس ٿيندا. اهي قرآن پڙهندا هوندا پر اهو سندن نڙيءَ کان هيٺ نہ لهندو.“ (بخاري)





# پيغمبر اسلام جي نبوت جا ٻہ درجا

امام شاهہ ولي الله وٽ نبي اڪرم ﷺ جون ٻہ حيثيتون آهن. هڪ تہ پاڻ سڳورا ﷺ عرب جا قومي نبي آهن. انهيءَ درجي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو مقصد قريش ۽ ان جي چوڌاري رهندڙ عرب قبيلن جي اختلافن ۽ عادتن جي اصلاح ڪرڻ ۽ انهن ۾ قانون الاهي جاري ڪرڻ هو.

نبوت جو ٻيو درجو هي هو تہ پاڻ سڳورا ﷺ ملت ابراهيمي تي دنيا جي سڀني قومن کي هڪ فڪر تي جمع ڪندا. بين الاقوامي دعوت ڏيڻ وارو امام پنهنجو ڪم بين الاقوامي دعوت کان شروع نہ ڪندو، بلڪ سڀ کان پهريائين پنهنجي قوم جي صالح عنصرن کي جمع ڪري قومي انقلاب برپا ڪندو ۽ پوءِ انهيءَ قومي انقلاب جا مرڪزي ماڻهون انقلاب کي ٻين قومن تائين رسائيندا. اهو ڪم درجي بہ درجي ٿيندو. پاڻ سڳورن ﷺ پهريائين انقلاب کي حجاز مقدس ۾ ڦهلايو ۽ پوءِ ان جماعت ساڳي پروگرام تي ان انقلاب کي عالمي وسعت ڏني.

## حضرت موسيٰ جو مثال

حضرت نبي اڪرم ﷺ جي شاندار بين الاقوامي ڪاميابي انهيءَ (قومي ۽ بين الاقوامي) طبعي ۽ فطري اصول جي پابندي ڪري

www.iqbalkalmati.blogspot.com



هئي. ساڳيو اصول انهيءَ ڪان پهريون بہ اپنائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. حضرت موسيٰ عليہ السلام فرعون جي ٿاقيل خدائي دعويٰ ۽ استحصالي غلاماڻي نظام جي خاتمي لاءِ انهيءَ تبديليءَ جو آغاز پنهنجي قوم ڪان ڪيو. ڇاڪاڻ تہ الله سبحانه وتعالى حضرت موسيٰ عليہ السلام کي دعوت حنيفيءَ جو ذمو سونپيو (جيڪا بين الاقوامي دعوت آهي) تہ ان مقصد لاءِ سڀ ڪان پهريائين حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ سندس ساٿي ڀاءُ حضرت هارون عليہ السلام کي حڪم ڏنو تہ اهي فرعون وٽ وڃي بني اسرائيل جي آزاديءَ جو مطالبو ڪن:

فَأْتِيَاهُ فَقُولَا إِنَّا رَسُولَا رَبِّكَ فَأَرْسِلْ مَعَنَا بَنِي إِسْرَائِيلَ وَلَا تُعَذِّبْهُمْ ۖ قَدْ جِئْنَاكَ بِآيَةٍ مِّن رَّبِّكَ ۖ وَالسَّلَامُ عَلَىٰ مَنِ اتَّبَعَ الْهُدَىٰ ﴿٤٧﴾ (طٰهٰ: ٤٧)

يعني ”ٻئي فرعون وٽ وڃو، ڪيس چئو تہ اسان تنهنجي پروردگار جا موڪليل آهيون. تنهن ڪري بني اسرائيل کي اسان سان گڏ (مصر مان نڪري وڃڻ جي) موڪل ڏي ۽ هنن تي سختيون نہ ڪر، اسان تنهنجي پروردگار جي نشاني کڻي تو وٽ آيا آهيون. سلامتي هجي انهيءَ تي جيڪو سڌي واٽ وٺي.“

پوءِ خدا جا ٻئي پيغمبر فرعوٿ وٽ وڃن ٿا ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام گفتگوءَ جي نمائندگي ڪندي چوي ٿو:

حَقِيقٌ عَلَىٰ أَن لَّا أَقُولَ عَلَى اللَّهِ إِلَّا الْحَقَّ ۚ قَدْ جِئْتُكُم بِبَيِّنَةٍ مِّن رَّبِّكُمْ فَأَرْسِلْ مَعِيَ بَنِي إِسْرَائِيلَ ﴿١٠٥﴾

تحقيق مان تنهنجي رب جي طرفان روشن دليل کڻي اوهان ڏي آيو آهيان. پوءِ (منهجي ڳالهہ مڃيو ۽) بني اسرائيل کي مون سان وڃڻ ڏيو (تہ مان کين مصر مان ڪ ي پنهنجي اڳوڻي وطن ڪنعان ڏي وٺي وڃان.( اعراف ١٠٥)





انقلاب جو هي اصول آهي تہ پهريائين ان جي ڏنل فڪر تي هڪ جانثار قوم تيار ٿئي جيڪا پنهنجي قومي انقلاب کي مضبوط ڪري ۽ پوءِ وري فڪر کي دنيا جي ٻين قومن تائين پهچائي. جهڙي طرح حضرت موسيٰ عليہ السلام بين الاقوامي دعوت جي پيغمبر هئڻ جي باوجود پهريائين پنهنجي قومي بني اسرائيل جي آزادي لاءِ فرعون کي واضح مطالبو ڪيو. بلڪل ساڳي طرح قرآن چيو آهي تہ اي پيغمبر! اسان توکي ائين ئي رسول ڪري موڪليو آهي جيئن حضرت موسيٰ عليہ السلام کي فرعون ڏانهن رسول ڪري موڪليوسون. حضرت نبي اڪرم ﷺ جن بہ پهريائين قريشن ۽ عربن ۾ بين الاقوامي ڪم کي قومي رنگ ذريعي ڦهلائڻ شروع ڪيو. انهن ظلمن کان پاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو هو انسانيت تي ڪري رهيا هئا ۽ انهن کي الله سبحانه وتعالى جي معرفت جو اهو سبق ياد ڏياريو جيڪو هو وساري چڪا هئا.

قرآن چوي ٿو تہ ”پوءِ جڏهن فرعون انهيءَ پيغمبر جو چيو نہ مڃيو تہ اسان انهيءَ کي دردناڪ عذاب ۾ وڪوڙي ڇڏيوسي.“ حقيقت هي آهي تہ فرعون جي ملوڪيت بني اسرائيل ۽ سڀني مصرين جو استحصال ڪري رهي هئي. هن کين غلامي جي انتهائي ذلت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو. ڪانئن ايتري محنت ۽ مشقت ورتي ويندي هئي جو کين ڏاندن ۽ گڏهن وانگر سڀني گهريلو ڪمن لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. اهرام مصر جهڙين بلند عمارتن جي تعمير ۾ لکين مڻ پٿر جون ڇپون سڀ انهن غلام مصرين جي هٿن سان ڍويون، گهڙيون ۽ جُڙيون.

جڏهن حڪمران طبقو پنهنجي قوم کي ايئن ذليل ڪري تہ پوءِ ان جي باقي زندهہ رهڻ جو جواز ڇا آهي؟ جڏهن هو پنهنجي قوم کي ئي ماڻهو نٿا سمجهن تہ پوءِ بني اسرائيل جي انهن وٽ ڇا قيمت ٿي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سگهي پئي؟ اهو ئي سبب آهي آهي جو فرعون بني اسرائيل کي ڇڏڻ کان انڪار ڪيو ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام بني اسرائيل کي آزادي جي پروگرام تي منظم ڪيو ۽ کين مصر مان ڪ يو. پوءِ الله ﷻ بہ بني اسرائيل جي خاص مدد فرمائي ۽ سندن دشمنن کي انهن جي اکين آڏو برباد ڪيو.

### ڇهين صدي عيسويءَ جا فرعون ڪسريٰ ۽ قيصر:

اهڙي طرح ڇهين صدي عيسويءَ جي فرعونن ايران جي ڪسريٰ ۽ روم جي قيصر لاءِ هڪ نبي اعظم ﷺ آيو. جنهن کين دعوت ڏني تہ اهي اسلام جو قانون قرآن حڪيم قبول ڪري ان کي رواج ۾ آڻين. جيڪڏهن هو ان قانون کي رائج نہ ڪندا تہ اهي هارين تي جيڪي ظلم ڪري رهيا آهن، ان جي نتيجن جا پاڻ ذميوار ٿيندا. ان فڪر تي پيغمبر ﷺ جن مسلمانن کي منظم ڪيو. جن ٿوري وقت جي اندر ٻنهي وڏين انسانيت دشمن شهنشاهيتن کي نابود ڪري ڇڏيو ۽ اسلام کي هڪ غالب فڪر جي طور تي دنيا ۾ ڦهلائي ڇڏيو.





## بروهو پنيور آريا ٽيءَ اجاريو

حضرت محمد ﷺ جڏهن وڏي تبديليءَ جو سوچيو تہ سڀ کان پهريائين پنهنجي شخصيت کي ان ايندڙ تبديليءَ جو مثالي نمونو بڻايو. چاليهن سالن تائين مڪي ۾ گذاريل جوانيءَ واري زندگيءَ لاءِ اتان جي هر عرب کان اهو ٻڌو ويندو هو تہ محمد بن عبدالله انهيءَ شان سان جوان ٿيو جو پنهنجي قوم ۾ سڀني کان وڌيڪ بااخلاق، پاڙيسرين جي خبر لهڻ وارو، حَليم ۽ بردبار، صادق ۽ امين، جهيڙي ۽ ابهرائيءَ کان پري رهڻ وارو هو. جوانيءَ جي عمر کي پهتو تہ مڪي ۾ ايندڙ مسافرن جي سار سنڀال، مسڪينن جي مدد ۽ مظلومن جي دادرسيءَ کي پنهنجو شعار بڻائي ڇڏيائين. پنهنجي ٻن دوستن ابوبڪر صديق ۽ حڪيم بن حزام سان گڏجي سماجي ڀلائيءَ جي مشنري ڪمن ۾ هميشہ جنبيل رهيو. پنهنجي وڏڙن جي تجارتي مشغلي ۾ شريڪ ٿيو تہ اتي بہ صادق ۽ امين جي سڃاڻ حاصل ڪائين.

تجارت مان جيڪو بہ نفعو ڪمائيندو هو سو محروم ماڻهن جي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ خرچي ڇڏيندو هو. مڪي جي تاجر عورت خديجہ سان سندس شادي ٿي تہ پنهنجي موڙيءَ سان گڏ ان جي موڙي بہ مشنري سرگرمين ۾ خرچي ڇڏيائين. ڪوبہ سوالي وٽائنس خالي نہ موٽندو هو ۽ ان جي نتيجي ۾ حالت اها وڃي بيهندي هئي جو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سنڌس گهر جي چلهه ۾ ٽي ٽي ڏينهن باهه ڪونہ ٻرندي هئي.

هاڻي حضرت محمد اهو ڪردار ۽ اها شخصيت کڻي مڪي جي پهاڙيءَ تي اچي بيهي رهيو ۽ ماڻهن کي سڏي چيائين تہ منهنجي چاليهه سالہ ڪردار جي روشنيءَ ۾ ٻڌايو تہ جيڪڏهن مان اوهان کي ايندڙ خطري کان آگاهہ ڪريان تہ مون تي اعتبار ڪندؤ. ان تي سڀني ماڻهن هڪ ئي آواز ۾ چيو تہ تنهنجي شخصيت جي باري ۾ ڪي بہ رايا ڪونهن. تون سچار ۽ امين آهين. تون پنهنجي ڳالهه ڪر. حضرت محمد ﷺ ان وقت ڪنهن بہ معجزي جي حيرانگيءَ ذريعي پنهنجي سچائيءَ جو اعتبار قائم ڪرائڻ بجاءِ پنهنجي ڪردار جي مضبوطيءَ ذريعي هڪ وڏي انساني سماجي تبديليءَ جو آغاز ڪري ٿو. چاڪاڻ تہ هو جنهن نئين انساني دور کي جنم ڏئي رهيو هو اهو دور علم، عقل ۽ استدلال جو دور هو اتي معجزن ۽ ڪرامتن سان ڪم هلڻو ئي ڪونہ هو.

اهڙي طرح سان هن آئيندي جي سچي انسانيت کي پيغام ڏئي ڇڏيو تہ جيڪڏهن ڪنهن کي بہ تبديليءَ جي ڪم ۾ هٿ وجهڻو آهي تہ اهو سڀ کان پهريائين پنهنجي ڪردار کي اڳيان پيش ڪري ۽ جيڪڏهن ڪردار ۽ شخصيت جي تياري ڪرڻ ڪنهن لاءِ مشڪل ڪم آهي تہ پوءِ اهو هرويرو دل پشوري نہ ڪري ۽ تبديلي ۽ انقلاب جي ڪم کان پري وڃي.

حضرت محمدﷺ کان سنڌس خدا جي پاران سپرد ڪيل پيغمبراڻي ذميدارين جي متعلق جڏهن ماڻهو معجزن جي صداقت گهرندا هئا تڏهن بہ هو ڪين چوندو هو تہ پيارؤ! مان توهان جي وچ ۾ هڪ پوري عمر گذاري آهي. اوهان پنهنجي حافظي تي زور ڏيو ان زندگيءَ جي هر هڪ گهڙي ۽ واقعي مان ڪو اهڙو لمحو آهي، جنهن سان اوهان منهنجي سچائيءَ تي شبهو ڪري سگهو. هي چيلينج





پوري قوم کي ڏنائون ۽ ان جي ترديد ۾ ڪنهن هڪ لفظ بہ نہ ڪڇيو. ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي آئيني صفت هئڻ جي انهيءَ کان وڌيڪ شاهدي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي جو دشمنن جي هجوم ۾ پنهنجي گذاريل زندگيءَ کي ثبوت طور پيش ڪيو وڃي ۽ ان جي سامهون سڀني جون اکيون هيٺ جهڪي وڃن.

پر هاءِ بدقسمتي ڏسو تہ دنيا جي ايڏي وڏي عملي انسان جي پوئلڳن مان ڪيترن ئي ماڻهن هن جي عملي ڪردار کي پنهنجو نمونو بنائڻ بجاءِ وضع قطع جي ڪجهہ طريقن کي پنهنجي اتباع جو دليل بڻائي ورتو. دنيا جي ان عظيم انسان جي شخصيت جي عظمت کي سنڌس روين ۽ جهد، سنڌس عظيم پيغام ۽ طريقن ۾ مٽير مڙس تي بيهڻ جي نمونن بجاءِ ساڻس منسوب معجزن ۾ تلاشڻ شروع ڪيو. انسانن ۽ سماج ۾ سڄٽاپ ۽ تبديليءَ جي ڪمن ۾ جنبي وڃڻ جي بجاءِ پنهنجي سمورين عقيدتن ۽ نسبتن کي سال جي هڪ مخصوص ڏينهن تي روشنيون ڪري روڊن تي جلوس ڪ ڻ ۾ صرف ڪري ڇڏيو. انهن پوئلڳن حضرت محمد ﷺ جي توحيد واري پيغام جي اصل نوعيت جاچڻ جي تڪليف ئي نہ ورتي تہ ڪيئن توحيد جو اهو پيغام انسانن کي سڀني غلامين مان نجات ڏئي هڪ الله ﷻ جي بندگيءَ ۾ آڻڻ جي هڪ وڏي صداقت هو. توڙي جو قرآن ۾ ڪين ٻڌايو ويو هو تہ اسان حضرت محمد ﷺ کي انساني غلامين جي خاتمي لاءِ ائين ئي موڪليو آهي جيئن حضرت موسيٰ کي فرعون ڏانهن انساني غلامين جي خاتمي لاءِ موڪليو هيوسون. (المزمل-15) انساني آزادين جو اهو پروگرام ئي تہ هو جنهن تي مڪي جا اهي سڀ حاڪم سردار چڙي پيا هئا، جن پنهنجي پنهنجي دائري ۾ حاڪماڻي الوهيت جا اختيار ورهائي رکي ڇڏيا هئا. انهن مڪي جي حاڪم سردارن ۽ دولتمندن کي انهيءَ ڳالهه تي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ارهائي ڪونه هئي ته الله ﷻ جي پاران نبي ڇو آيو آهي؟ نبيءَ جو اچڻ ته انهن لاءِ سعادت ۽ معتبريءَ جي ڳالهه هئي جو حضرت ابراهيم جي اولاد مان هئڻ ناتي نبيءَ جو اچڻ وري نئين سر کين دنيا جو امام بڻائيندڙ خوشخبري هئي. پر ان جي باوجود هنن حضرت محمد ﷺ جو تيرهن سالن تائين جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو. مڪي جي بازارن ۾ ڪيس لوفرن کان تنگ ڪرايو، پٿر هڻايا، گند اڇلرايو. طائف جي واديءَ ۾ رتو ڇاڻ ڪرايو سو سڀ انهيءَ ڪري ته حضرت محمد جي پاران توحيد جي دعوت هنن جي حاڪماڻي سرداري نظام جي غلاميءَ ۾ ڦاٿل انسانن واسطي آزاديءَ جو پيغام هو. سيني الاهن جو انڪار هو ۽ اهي سردار ۽ دولتمند الاهه جي معنيٰ ۽ مطلب کان آگاهه هئا ته اها موجود مدي خارج نظام جي خاتمي ۽ ان جي جاءِ تي برابري، احترام آدميت ۽ غريب طبقن کي مٿي ڪڍي اچڻ جي ڳالهه آهي. انهيءَ ڪري انهيءَ جو ڇٽي ڇڏڻ بيحد ضروري آهي. مڪي جا حاڪم سردار واضح لفظن ۾ چوندا هئا ته نبي اچي ڀلي اچي پر اها ڪهڙي اوندهه آهي ته جبرئيل کي خدا جو پيغام آڻڻ لاءِ صرف اهو ماڻهو سجهي پيو جيڪو يتيم آهي، هيٺين ڪلاس سان اٿي ويهي ٿو ۽ انهن جي لاءِ جيئي مري ٿو. جتي ڪٿي غريبن سان ٻٽ بيٺو آهي. ڏسو ته بازار ۾ ميلن ۾ به نظر ٿو اچي. نبي اسان سردار ڪلاس جي ماڻهن مان ٿيڻ گهرجي. وري جڏهن ڏٺئون ته هي ماڻهو صفا پنهنجي ڳالهه تان نٿو لهي ته پوءِ ڪيس پيشڪش ڪيائون ته توکي ٺاهوڪي مائي به ڪ ي ٿا ڏيون، دولت جا انبار به ڏيون ٿا ۽ حاڪماڻي سرداريءَ جي پڳ به ٻڌايون ٿا، تون رڳو اسان جي ڪلاس ۾ شامل ٿي وڃ. اهڙو پيغام سندس چاچي جي هٿان به موڪلرايائون پر ان تي حضرت محمد ﷺ جيڪو جواب ڏنو سو به عظمت ۽ استقلال جي دنيا ۾ انهن اصلي لفظن ۾ اڄ ڏينهن





سوڌو محفوظ رهندو آيو آهي. وراڻيائون: ”چاچا هي مڪي وارا جيڪڏهن منهنجي ساڄي هٿ تي ٿهڪندڙ سج آڻي رکن ۽ کاٻي هٿ تي ٻرندڙ چنڊ آڻي رکن ته به مان محمد پنهنجي پروگرام تان تر جيترو به پوئتي نه هٽندس.“

حضرت محمد ﷺ جيڪو خدائي پيغام ڏنو ان ۾ صاف صاف چيل هو ته ڪبريائي، تقديس ۽ شڪر صرف الله ﷻ جي ذات جي لاءِ آهي باقي ڌرتيءَ تي سڀ ان جا ٻانها آهيون. الله ﷻ پنهنجي ٻانهپ ميرائڻ جي امتحان لاءِ هتي موڪليو آهي. سرڪش طاقتورن جو خدائي تسلط ان امتحان ۾ رڪاوٽ آهي. انهيءَ ڪري ڌرتيءَ مٿان ڪمزورن جي غلبي ۽ عدل انصاف جو قيام الله ﷻ جي مشيت آهي. (القصص_ 5) ۽ مستڪبرن يعني سرڪش سردارن ۽ دولتمندن جي نظام جو خاتمو به ساڳي طرح الله ﷻ مشيت ۽ تقاضا آهي.

حضرت محمد ﷺ الله ﷻ جي ان مشيت کي مڪمل ڪرڻ لاءِ نه صرف عرب جزيري مان سردارن جي حاڪماڻي نظام جو خاتمو ڪيو پر ان نظام جي اصل محافظ سپر طاقتن قيصر ۽ ڪسريٰ جي سرڪش ۽ سرمائيداراڻين سلطنتن جي خاتمي جو ٽاسڪ پنهنجي پولٽ بيورو خليفن کي ڏنو. ان سان گڏ توحيد جي عظيم فڪر تي هڪ نئين نظام جي تشڪيل ڏني جنهن ۾ سڀ انسان هڪ جهڙن حقن جا مالڪ هئا.

دنيا جي تمام مشڪل ڪمن مان هڪ ڪم هيءُ آهي جو ٽڙيل پکڙيل انساني دلين کي الفتن جي هڪ رشتي ۾ پوئي ونجي. اهو ڪم ان وقت ويتر ناممڪن ٿي پوندو آهي جڏهن معاملو اهڙن ماڻهن جي وچ ۾ هجي جيڪي صدين کان هڪ ٻئي سان جنگيون جوٽيندا آيا هجن ۽ انهن جي نفسياتي قالبن ۾ پنهنجائپ ۽ ويجهڙائپ جو ڪو به ڏنگ باقي نه رهيو هجي. حضرت محمد بلڪل

www.iqbalkalmati.blogspot.com



اھڙن ماڻھن جي وچ ۾ پيدا ٿيو. ڏسندي ئي ڏسندي ھن جي محنتن سان مڪي ۽ مديني ۾ ماڻھن جو ھڪ اھڙو گروھ پيدا ٿي پيو جيڪي ڄڻ ته ھڪ نئين قسم جي مخلوق ھئا. حضرت محمد ﷺ ھڪ دفعو مڪي ۾ جڏھن ڏنو ته سندس تحريڪ جا ڪجھ ماڻھو انتھائي ھيٺي حال ۾ آھن ته ھن ھوند وارن کي انھن اٿھوند وارن سان ڀائپي ڪرائي انھن جو مال ورھائي ورتو. ڪيس خدا جي پاران مال جي باري ۾ ھي صاف حڪم پھچي چڪو ھو ته ”الله مومنن سان انھن جي جانين ۽ مالن جو سودو ڪري ڇڏيو آھي.“ (التوبة_ 111) انھيءَ حڪم تي ان جا ساٿي پاڻ کي مال جو مالڪ نه پر امين سمجھڻ لڳا ھئا. تنھنڪري ضرورت پٽاندر انھن کي مال برابر ورھائي ڪٽڻ ۾ ڪابه ھٻڪ محسوس نه ٿي ھئي. اھڙي ڀائپي وري ٻئي موقعي تي حضرت محمد مديني پھچڻ کان پوءِ پنھنجي پوئلڳن جي وچ ۾ ڪرائي، جڏھن مڪي مان عذابن ڪاڏل ھيٺن حالن وارا صحابي مھاجر بڻجي مديني پھتا ته اتان جي ھوند وارن انصارن انھن اٿھوند وارن مھاجرن کي ڀاءُ بڻائي پنھنجي مالن جو اڌو اڌ کين حوالي ڪيو ھو. ايستائين جو ھڪ انصاريءَ وٽ ٻه گھر واريون ھيون ته ھو ڀاءُ بڻايل صحابيءَ لاءِ ھڪ گھرواريءَ کي طلاق ڏيڻ تي به تيار ٿي ويو ھو.

حضرت محمد ﷺ جي آندل پيغام ۽ پروگرام جي عظمت سان گڏ سندس شخصيت جا اھي عملي پھلو ھئا جنھن ڪري نه صرف سندس دور ۾ ماڻھن پنھنجي پاران ان تي پتنگن وانگر پھه ٿيڻ جي ديوانگي ڏيکاري، پر اڄ ڏينھن سوڌو فڪر ۽ دانش جي صاحبن کي حضرت محمد ﷺ جي انھيءَ اثرانگيزيءَ تي اچرج آھي.

مائيڪل ايچ ھارٽ جڏھن دنيا جي ھڪ سؤ وڏن ماڻھن جي درجي بندي ڪئي ته ھن وڏي اطمينان سان حضرت محمد جو نالو





ان درجي بنديءَ ۾ سڀ کان پھرين نمبر تي رکيو. ھُن لکيو ته ”مان اھڙن ھڪ سؤ ماڻھن جي فھرست ٺاھي، جن دنيا تي سڀ کان وڏيڪ اثر وڌو آھي. پر منھنجي اڳيان ھي سوال ڪر کڻي بيھي رھيو ته انھن مان ڪنھن کي اول نمبر تي رکان. انھيءَ لاءِ مون کي اصول ٺاھيا جن جو تفصيلي ذڪر اڳتي ھلي ايندو. انھن اصولن جي روشنيءَ ۾ مون محمد ﷺ کي ان فھرست جي منڍ ۾ رکيو آھي. ٿي سگھي ٿو ته ڪي ماڻھو منھنجي چونڊ تي حيران ٿين ۽ ڪي ان تي اعتراض به ڪن. پر تاريخ ۾ مون کي اھائي ھستي نظر آئي آھي جيڪا مذھبي توڙي دنياوي معاملن ۾ حد کان وڏيڪ ڪامياب ٿي ۽ مون کي جنھن جو ٻيو ڪو به مَٽ نه مليو.“

ھن پوئين جملي کي مائيڪل ايچ ھارٽ انگريزيءَ جي ھنن لفظن ۾ بيان ڪيو آھي:

”He was the only man in history who was supremely successful on both the religious and secular levels. (The 100, p33)

انھيءَ ۾ ڪو شڪ نه آھي ته حضرت محمد جي اختيار ڪيل انساني آزادين ۽ سماجوادي طريقن سان گڏ مذھبي رواداري (Secular Levels) پڻ ھُن جي ڪاميابين جو وڏو ڪارڻ بڻي. ڇاڪاڻ ته ھن پنھنجي پيغام لاءِ واضح لفظن ۾ چيو ته ”مون کي جيڪو دين ڏنو ويو آھي اھو حضرت نوح کي به ڏنو ويو ھو ۽ جنھن تي ھلڻ لاءِ حضرت ابراھيم، حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام کي حڪم ڏنو ويو. انھن سڀني جي تعليم اھائي ھئي ته الله ﷻ جو ھڪ ئي دين قائم رکو ۽ انھيءَ ڳالھ ۾ ٽولا ٽولا نه ٿجو. (شوريٰ_ 13)

ھن واضح لفظن ۾ اعلان ڪيو ته انساني فطرت جي طبعي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



تقاضا ۽ سچائي ۽ نيڪيءَ جا تصور انسانيت جو گڏيل ورثو آهن. انهيءَ گڏيل ورثي مٿان ڪنهن به ڇاپ قبوليت جوڳي ڪونهي. ”جيڪي ماڻهو انساني سچاين جو انڪار ڪن ٿا, ائين به ڪونهي ته سڀ هڪ ئي طرح جا هجن. انهن اهل ڪتاب مان اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي اصل دين تي قائم آهن, اهي رات جو اٿي ڪري الله ﷻ جي ڪلام جي تلاوت ڪن ٿا ۽ سندن مٿا ان الله ﷻ جي سامهون جهڪيل هجن ٿا ۽ اهي الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا, ماڻهن کي نيڪيءَ جي واٽ ڏسين ٿا ۽ مداين کان روڪين ٿا ۽ بنا شڪ جي اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي نيڪ انسانن مان آهن ۽ ياد رکو ته اهي ماڻهو جيڪا به نيڪي ڪن ٿا, ائين هرگز نه ٿيندو ته انهن جو قدر نه ڪيو وڃي. الله ڄاڻي ٿو ته ڪهڙي گروهه ۾ ڪهڙو پرهيزگار آهي.“ (ال عمران. 113_115)

حضرت محمد پنهنجي خدا جي پاران انساني سچاين ۽ نيڪوڪاريءَ جو اهو معيار پيش ڪيو ته اها ڪنهن به گروهه ۾ قيد ٿيل ناهي. اهي سچايون انسانيت کي نج صورت ۾ دين جي نالي سان پنهنجي خدا کان مليون هيون. پر مذهبي پوئلڳن پنهنجن غرضن ۽ مفادن خاطر انهن جي مٿان پردا وجهي ڇڏيا. آءُ اهي پردا هٽائي سچائيءَ جي غلبي جي ڪم کي مڪمل ڪرڻ آيو آهيان. انهيءَ ڪري پيغمبر هميشه سيني مذهبن جي ماڻهن کي چوندو رهيو ته اچو دنيا جي سڀ کان وڏي سچائي الله جي هيڪڙائي جي باري ۾ توهان وٽ ۽ جيڪو اسان وٽ مشترڪ آهي, انهيءَ سچائيءَ تي انسانيت جي قافلي کي اڳتي وٺي هلون. (آل عمران_ 64)

حضرت محمد جڏهن ڏٺو ته مڪي جا حاڪم سردار طبقا انسانن کي هر قسم جي غلامين مان ڇوٽڪارو ڏياري هڪ الله ﷻ جي عبديت ۾ آڻڻ واري توحيد جي پيغام کي پنهنجي طبقاتي





مفادن جي خلاف سمجهن ٿا ۽ تيرهن سالن جي مسلسل ڪوشش جي نتيجي ۾ جيترا به ماڻهو سندس ان پروگرام سان سلهاڙيا آهن تن کي سخت اذيتون ڏين ٿا ۽ آخرڪار سندس حياتيءَ جي پويان پئجي ويا آهن ته مڪي کان مديني اچي پهرين اسلامي رياست جو قيام عمل ۾ آندو. حيرت جي ڳالهه آهي ته حضرت محمد ﷺ ان رياست لاءِ مديني جي رهاڪن, مڪي جي آيل مهاجرن ۽ مديني ۽ آسپاس جي يهودي قبيلن سان جيڪو سماجي معاهدو ڪيو جنهن کي ”ميثاق مدينه“ سڏيو وڃي ٿو ان جا بنياد قومي, سماجوادي ۽ مذهبي رواداريءَ تي مشتمل هئا. ميثاق مدينه جون 52 شقون ۽ ڪن تاريخن مطابق 54 شقون هيون جن ۾ ٽي هيٺيون بنيادي شقون هيون ۽ باقي ان جو تفصيل آهن.

1_ مديني جا هوند وارا مسلمان پنهنجي اڻهوند وارن پائرن جي افلاس ۽ قرض کي ختم ڪرڻ ۾ مددگار رهندا.

2_ يهودين مان جيڪو رياستي معاهدي جو پابند هوندو, ان کي امداد ۽ مساوات جا هڪ جهڙا حق حاصل هوندا. انهن سان ڪابه زيادتي نه ٿيندي ۽ نه انهن جي خلاف ڪنهن جي مدد ڪئي ويندي.

3_ يهودي ۽ مسلمان ۽ جيڪي هن معاهدي ۾ بعد ۾ شريڪ ٿيندا سي سڀ هڪ گڏيل ملت (سياسي وحدت) شمار ٿيندا ۽ يثرب جي ڌرتيءَ جو گڏيل دفاع ڪندا.

هن معاهدي جي مٿين ٽن نڪتن تي غور سان ويچاريو. انسان صدين جي جنگاڻ ۽ صلح ۽ سلامتيءَ جي هزارين تجربن مان گذرڻ کان پوءِ به انهن ٽنهي نڪتن جي چوڌاري ڦرندو رهيو آهي ته گڏيل قوميت, سماجواديت ۽ مذهبي رواداريءَ کان سواءِ انساني قافلي کي اڳتي وٺي هلڻ محال آهي. ليڪن مديني جي ان درويش رهبر

www.iqbalkalmati.blogspot.com



انسانيت کي بين الاقواميت ۾ داخل ٿيڻ واري مرحلي تي ئي انساني سوسائٽيءَ کي ڪاميابي ۽ سلامتيءَ سان هلائڻ جي گُرن کان آگاهه ڪري ڇڏيو هو.

مائيڪل ايڇ هارٽ انساني تاريخ جي موثر شخصيتن ۾ حضرت محمد کي پهرين نمبر تي رکڻ جا جيڪي سبب ٻڌايا انهن ۾ خاص هي هئا ته ”حضرت محمد ﷺ جي عملي شخصيت مختلف قبيلن ۾ ورهايل لڳاتار ويڙهيون ڪندڙ قبيلن کي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪين متحد ڪيو ۽ ڪين هڪ سچي خدا تي ايمان رکڻ سيکاريو. انهيءَ ايمان سببان انهن ۾ اهڙو ته جوش ۽ ولولو پيدا ٿيو جنهن اڳيان وقت جون وڏيون وڏيون سلطنتون به بيهي نه سگهيون.“ هڪ صديءَ کان به گهٽ عرصي ۾ انهن عرب بدوين انسانن جي مٿان مسلط سرڪش قيصر ۽ ڪسرائي طاقتورن جي اقتدار کي ڍاهي انساني آزادين واري توحيدي سماج اڏڻ جي پيغمبر اسلام جي واعدي تحت هڪ اهڙي سلطنت حاصل ڪري ورتي هئي جيڪا هندستان جي سرحدن کان وٺي انٽلانٽڪ وڏي سمنڊ تائين پکڙيل هئي. ان جهڙي وسيع سلطنت دنيا اڳي ڪڏهن به نه ڏٺي هئي، ۽ نه وري فتح ٿيل علائقن جي ايڏن ماڻهن هن کان اڳ پنهنجو مذهب مٽايو هو.

مائيڪل سوال ٿو اٿاري ته ”آخر انساني تاريخ تي پيل حضرت محمد ﷺ جي اثر جو ڪاٿو ڪيئن ڪجي؟ ڇڙو اسلام پنهنجي مڃيندڙن تي وڏو اثر نٿو رکي. ٻيا مذهب به پنهنجي مڃيندڙن تي اثر رکن ٿا. دنيا ۾ عيسائين جو انگ ته مسلمانن کان ٽلهي ليکي ٻيڻو آهي. پوءِ هن ڪتاب (The 100) ۾ محمد ﷺ کي عيسيٰ ع کان مٿاهون درجو ملڻ تي، ٿي سگهي ٿو ته پهريائين ڪجهه عجيب لڳي. ليڪن مون وٽ انهيءَ برتريءَ جا ٻه مکيه سبب آهن.هڪ ته





عيسائيت جي بنيادي تعليم کي ڇڏي باقي سچي تعليم جو نئون عهدنامو حضرت عيسيٰ جو نه پر سينٽ پال جو لکيل آهي ۽ اهو ئي عيسائيت جو مکيه پکيڙيندڙ ۽ مذهب جي ڏنل خدائي علم جو مکيه اڏيندڙ آهي. عيسيٰ جي ڀيٽ ۾ حضرت محمد پاڻ نه فقط اسلام جو عقيدو ڏنو پر انهيءَ مذهب جا شريعتي ۽ اخلاقي اصول (قرآن ۽ سنت جي ذريعي) پڻ سندس ئي ڏنل آهن.“ مائيڪل ايڇ هارٽ جي انهيءَ توجهه ڏياريل نڪتي تي ويچارجي ته حضرت محمد ﷺ جنهن نئين دور کي جنم ڏنو انهيءَ دور ۾ انساني آزادين (توحيد) کان وٺي اعليٰ انساني قدرن (شريعت جو اخلاقي نظام) تائين ڪوبه اهڙو نڪتو نه ملندو جيڪو حضرت محمد ﷺ قرآن ۽ سنت جي ذريعي پنهنجي پوئلڳن کي منتقل نه ڪيو هجي. انسانيت کي موڪليل سيني اڳين پيغمبرن ۽ ڪتابن جي تصديق سان اهي ئي اعليٰ انساني قدر جڏهن خدائي حڪم سان انسانيت ڏانهن منتقل ٿيا ته انهن ڪٿي ديني تابعداريءَ ۾ انسانيت اندر پنهنجي نفاذ ڏيکاريو ۽ ڪٿي قوانين فطرت جي نالي سان وسيع انسانيت جي سلامتي، فلاح ۽ ڪامرانيءَ جو سرچشمو بڻيا.

مائيڪل ايڇ هارٽ ٻيو سبب ٻڌائي ٿو ته ”عيسيٰ فقط ديني رهبر هو پر محمد نه فقط ديني پر دنيائي اڳواڻ پڻ هو. حقيقت ۾ ته عربن جيڪي به فتحون ماڻيون تن جي پويان محمد ﷺ جي شخصيت ئي ڪم ڪيو. انهيءَ حساب سان ڏسجي ته محمد ﷺ جهڙو اثرائتو سياسي اڳواڻ اسان کي انساني تاريخ جي ڪنهن به زماني ۾ نه ملندو. ٻين اهم تاريخي واقعن جي باري ۾ چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن انهيءَ زماني ۾ فلاڻو سياسي اڳواڻ رهبري ڪرڻ لاءِ پيدا نه به ٿئي ها ته به اهي واقعا ضرور ٿين ها. چو ته انهن جو ٿيڻ اٽٽر ٿي چڪو هو. مثال طور سائمن بوليور ڪٽي پيدا نه به ٿئي ها ته به ڏکڻ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



آمريڪا جو بيٺڪون اسپين کان آزادي وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويون ها. پر عرب فتحن جي باري ۾ ائين چئي نٿو سگهجي.“

حضرت محمد ﷺ جي شخصي سياءَ ۽ عظمت تي سڄي دنيا جي انسانن کي حيرت آهي ته مڪي ۾ سخت اهنجن ۽ عذابن کي سهڻ وارو شخص جڏهن مڪي ۾ فاتح جي طور تي داخل ٿيو ته سيني مڪي وارن کي گهرائي چيائين ته اڄوڪي ڏينهن ڪنهن تي به ڪا ميار ڪونهي. هُن ان وقت سڄي انسانيت کي هي پيغام ڏنو اوهان جو عزتون، اوهان جون جانيون، اوهان جا مال هڪ ٻئي تي ائين ئي حرام آهن جيئن منهنجي سامهون هن ڪعبي شريف جي حرمت آهي. هنن لفظن ۾ صاف پيغام هو ته جنهن شخص ڪنهن انسان جي عزت ۾ هٿ وڌو ان ڄڻ ته ڪعبي جي عظمت کي پامال ڪيو. جنهن شخص ڪنهن جي ناحق جان ورتي، تنهن ڄڻ ڪعبي کي ڊاهي ورتو ۽ جنهن ناحق ڪنهن جو مال ڦٻايو تنهن ڄڻ ڪعبي جي بي حرمتي ڪئي.

شخصي سياءَ جون کهڙيون ڳالهيون ڳڻي ڳڻجن. پاڻ خاتم النبيين ۽ خيرالبشر هئا پر جيڪڏهن ڪو شخص پاڻ سڳورن کي گذريل نبين کان وڌو ڪري پيش ڪندو هو ته ان کي سختيءَ سان منع ڪندا هئا. هڪ صحابي ۽ هڪ يهوديءَ ۾ جهيڳڙو ٿي پيو. صحابيءَ غصي ۾ قسم کڻي چيو ته ”ان خدا جو قسم جنهن محمد ﷺ کي سڄي دنيا کان افضل بڻايو آهي.“ يهوديءَ به قسم کنيو ته ”انهيءَ خدا جو قسم جنهن موسيٰ کي سڄي دنيا تي ترجيح ڏني آهي.“ صحابيءَ انهيءَ تي غصي ۾ اچي يهوديءَ کي ڳڇي تي چماٽ وهائي ڪ ي. يهودي سڌو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ هلي آيو ۽ شڪايت ڪيائين. حضرت محمد ان صحابيءَ کي تنبيهه ڪئي ۽ صحابين کي مخاطب ٿي چيو ته مونکي موسيٰ عليه السلام جي مٿان ترجيح نه





ڏيندا ڪريو.“

هُن انساني سماج کي بدلائڻ لاءِ جن ماڻهن جي وچ ۾ گذاريو پئي، ڪڏهن به پاڻ کي مٿاهون رکڻ جي ڪوشش نه ڪئي. هڪ ڀيري سفر ۾ کاڌي پچائڻ جي نوبت اچي وئي ته سندس ساٿي کاڌي جي تيارين ۾ لڳي ويا. حضرت محمد به اٿيو ۽ باهه مچائڻ لاءِ ڪاٺيون ميڙڻ لڳو. ساٿين چيو سائين اسان هيترا سارا ڪافي آهيون، اوهان ويهي رهو. فرمايائون ”مونکي پنهنجي ساٿين جي وچ ۾ امتياز سان رهڻ پسند ڪونهي، منهنجو خدا به انهيءَ ڳالهه کي پسند نٿو ڪري.“

مديني جي حڪمران جي طور تي دارالخلافه مسجد نبويءَ ۾ تڏي تي ويهي درويشيءَ جي ڪمال صفت سان حڪمراني هلائن پيا. اصحاب عشره مبشر سندن ڪابينه به هئي ۽ اها ئي سندن پولٽ بيورو به هئي ۽ مجلس شوريٰ به. جلال، عظمت ۽ اعتماد ايترو هو جو ان وقت جي ٻن سپر پاورز کي خط لکيا ته انسانيت لاءِ سلامتيءَ جي واٽ جا راهي بڻجو اوهان کي به سلامتي ملي ويندي. ڪين ڪابه مسند، ويهاڻا ۽ ڏيکاءُ ڪونه هو. پنهنجي ڪامريڊ صحابين سان حلقو ٺاهي ائين ويهندا هئا جو پرڏيهي سفير خليفة المسلمين جي حيثيت ۾ ساڻن مسجد نبويءَ ۾ ملاقات لاءِ ايندا هئا ته ويٺل ماڻهن کان مخاطب ٿي پڇندا هئا ته اوهان مان محمد ڪير آهي، جنهن کي سفارت ڪاريءَ جا ڪاغذ ڏيون.

بقول ٿامس ڪارلائل ”هي کهڙو بادشاهه آهي، جيڪو پورهيت به آهي ۽ پورهيت انسانن جو مرڪز، محور ۽ مقناطيس به! ٽيويهن سالن جي نبوت واري دور ۾ عربن جهڙي مٿي ڦريل قوم، رات ڏينهن سندس اک جي اشاري جي منتظر رهي پئي. جنگجو مهم جو، پڙڪيلا، جهيڙيڪار ماڻهو جيترو هن هستيءَ کي ويجهو هئا،

www.iqbalkalmati.blogspot.com



اوترائي اجا وڏيڪ ويجهو ٿيندا پئي ويا، وري ايترا ئي عقيدتمند ۽ پتنگن وانگر ٻلهار ٿيندا پئي رهيا، ڪا تہ مٽيا هئي ان هستيءَ ۾.“ (هيرو ۽ هيرو ورشپ)

جَوَن جي ماني، ڪتل، ستو ۽ پاڻيءَ تي گذر بسر ڪرڻ واري هيءَ عظيم هستي مديني جي تاجدار هئي. اهڙي تاجدار هستي، جنهن جي قدمن تان دنيا جا هڙئي تاج ۽ تخت قربان، زمين جو نہ پر دلين جو بادشاهہ، انسانن جي محبتن ۽ عقيدتن جي انتهائن جو حڪمران، اهو عظيم انسان پنهنجي ڦاٽل جتيءَ کي ٽوپا بہ پاڻ ٿو ڏئي. هو ان سادگي ۽ درويشيءَ کي پنهنجو اعزاز ٿو سمجهي. ان تي فخر ٿو ڪري. ان درويشيءَ ۾ جيڪو نڪتو لڪل آهي، اهو ان پيغمبر اعظم ﷺ کي ميجيندڙاج سوڏو ڪونہ ٿا سمجهن!

ٿامس ڪارلائل پنهنجي ”هيرو ۽ هيرو ورشپ“ واري مشهور ليڪچر ۾ چيو هو تہ ”هر ڏينهن هر گهڙي سندن مقدس شخصيت مان نيڪين، خوبين، خاصيتن ۽ پاڪاين جا ڪرڻا ڦٽن ٿا. شايد ان ڪري جو پاڻ ﷺ پنهنجي وجود جو ورق صاف رکندڙ هئا. عيسائيت جي مشهور تعليم اها آهي تہ هڪڙي ڳٽي تہ چماٽ کائي وري ٻيو ڳل پيش ڪريو. پر محمد ﷺ جي بارگاهہ ۾ اوهان کي اهڙي ناممڪن تعليم ۽ فلسفو ڪونہ ملندو. هتي تہ ڳالهہ ئي ٻي آهي. توهان بدلو وٺي سگهو ٿا، پر برابر ۽ انصاف جي دائري جي اندر. پر پوءِ بہ جيڪڏهن معاف ڪري ڇڏيو تہ توهان جي عظمت آهي.“

مزید کتب پڑھنے کے لئے آج ہی وزٹ کریں : www.iqbalkalmati.blogspot.com